هائير ايجوڪيشن ڪميشن طرفان منظور ٿيل

شمارو: ١٥
سال ٢٠١٢ع

# ڪينجهر

[تحقيقي جرنل]

ISSN: 2077-902S

ايڊيٽر

**ڊاڪٽر محمد انور فگار هَڪڙو**

**سنڌي شعبو**

**سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو**

(هائير ايجوڪيشن ڪميشن طرفان منظور ٿيل)

# ڪينجهر

[ تحقيقي جرنل ]

شمارو: ١٥
سال: ٢٠١٢ع

ISSN: 2077-902S

ايڊيٽر

**ڊاڪٽر محمد انور فگار هَڪڙو**

**سنڌي شعبو**

سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

# ڪينجھر

[ تحقيقي جرنل ]


ايڊيٽر: ڊاڪٽر محمد انور فگار هَڪڙو

شمارو: 15

سال: 2012ع

تعداد: 500

ڇپائيندڙ: سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.

ايڊريس: سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.

اِي ميل: sindhidepartment@yahoo.com

ٽيليفون نمبر: 022-9213181-9

ڪمپوزنگ: سهيل احمد راڄڙ عبدالحڪيم سميجو

ڇپيندڙ: آڪاش پرنٽرس حيدرآباد

# ايڊيٽوريل بورڊ


**ڊاڪٽر نذير احمد مغل** — سرپرست

وائيس چانسلر، سنڌ يونيوسٽي، ڄامشورو

**ڊاڪٽر محمد انور نگار هَڪڙو** — ايڊيٽر

چيئرمين، سنڌي شعبو

سنڌ يونيوسٽي، ڄامشورو

**ڊاڪٽر غلام علي الانا** — ميمبر

ايمريٽس پروفيسر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

**اسحاق سميجو** — ميمبر

اسسٽنٽ پروفيسر

سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

**شازيه پتافي** — ميمبر

ليڪچرر

سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي. ڄامشورو

## رويوئرس ڪاميٽي

**ڊاڪٽر غلام علي الانا**
ايمريٽس پروفيسر
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

**ڊاڪٽر قاضي خادم حسين قريشي**
ڊائريڪٽر،
علامه غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر
سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

**ڊاڪٽر فهميده حسين**
چيئرپرسن
سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد

**پروفيسر سليم ميمڻ**
ڊائريڪٽر،
شاه عبداللطيف ڀٽائي چيئر،
ڪراچي يونيورسٽي

**ڊاڪٽر ادل سومرو**
چيئرمين، سنڌي شعبو
شاه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

**ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي**
پروفيسر (رٽائرڊ) ڊپارٽمينٽ آف ماڊرن انڊين
لينگئيجز دهلي يونيورسٽي، انڊيا

**ڊاڪٽر چندر جي. ڏاسواڻي**
انگريزي شعبو دهلي يونيورسٽي، انڊيا

**ڊاڪٽر لڇمڻ ايم. کوبچنداڻي**
پروفيسر (رٽائرڊ) لنگئسٽڪس،
هوائي يونيورسٽي، هونولولو آمريڪا

**ڊاڪٽر موتي پرڪاش**
ڊائريڪٽر
انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،
اديپور ڪڇ، انڊيا

**ڊاڪٽر ٻلديو ٻي. مٽلاڻي**
چيئرمين، سنڌي شعبو
ممبئي يونيورسٽي، انڊيا

**ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي**
پرنسپل،
ڊي ٽي. ڪاليج آف آرٽس، سائنس اينڊ ڪاليج،
الهاس نگر — 421001، انڊيا

# فهرست


• ٻه اکر
ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو

01 .1 سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جو لاڳاپو
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

23 .2 سنڌي ڊرامن جي روشنيءَ ۾ سنڌي سماج جو مطالعو
ڊاڪٽر غلام علي الانا

50 .3 ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: سنڌي ادب جي عظيم هستي
ڊاڪٽر نور افروز خواجه

56 .4 حضرت سلطان باهو جي تعليم ۽ پيغام
ڊاڪٽر تهمينه مفتي

64 .5 شاهه لطيف جي شاعريءَ جو موجوده حالتن تي اطلاق
ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

75 .6 سنڌي ٻوليءَ ۽ صورتخطيءَ جا مسئلا
ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ

82 .7 رهاڻ: مختصر تحقيقي جائزو
آزاد قاضي

91 .8 نرمل جيوتاڻي: هڪ ترقي پسند شاعر
اسحاق سميجو

105 .9 زندگي ۽ عمل جو وحدت وارو عالمي نصب العين
شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ جديد سنڌي ادب
نور محمد شاهه

112 .10 اياز گل: منفرد رومانوي شاعر
شازيه پتافي

121 .11 سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار نگاري: تحقيقي اڀياس
نواب ڪاڪا

129 .12 علامه غلام مصطفيٰ قاسمي: بحيثيت پي.ايڇ.ڊي نگران
فرح بلوچ

144 .13 میمنی زبان کا تاریخی پس منظر
ڈاکٹر اسمٰعیل موسیٰ

# پڙاڪر

سنڌ يونيورسٽيءَ جو سنڌي شعبو پنهنجي تاريخي، تعليمي، تدريسي، علمي، تحقيقي ۽ اشاعتي خدمتن سبب سماج ۾ نهايت مانائتو مقام حاصل ڪري چڪو آهي. شعبي جي اشاعتي سلسلن مان تحقيقي جرنل "ڪينجهر" جي اشاعت پڻ اهم سلسلو آهي، جنهن پڻ علمي ۽ تحقيقي حلقن ۾ چڱي پذيرائي حاصل ڪئي آهي. ڪينجهر جا چوڏهن شمارا شايع ٿي چڪا آهن ۽ هي پندرهون پڻ اوهان جي هٿن ۾ آهي. نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته "ڪينجهر" هائير ايجوڪيشن ڪميشن آف پاڪستان (HEC) جي، تحقيقي جرنلن جي قائم ڪيل اصولن، قاعدن ۽ ضابطن مطابق قبوليت (Recognition) حاصل ڪري چڪو آهي. هن اشاعت ۾ شايع ٿيل تحقيقي مقالا پڻ موضوع، مواد، تحقيق، ترتيب ۽ حاصلات مطابق مقام حاصل ڪري سگهندا. 'ڪينجهر' جي معيار کي وڌائڻ ۽ مفيد بنائڻ لاءِ اسان جي شعبي پاران ڪوششون ڪيون پيون وڃن. اميد آهي ته اهو بهتر کان بهتر ٿي سگهندو.

'ڪينجهر' جي هن اشاعت ۾ سنڌي شعبي جي سينئر استادن مان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو مقالو "سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جو لاڳاپو" موضوع، مواد ۽ حاصلات جي لحاظ کان اهم مطالعو آهي. اهڙيءَ طرح پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا جو مقالو "سنڌي ڊرامن جي روشنيءَ ۾ سنڌي سماج جو مطالعو" پڻ علمي، ادبي ۽ تحقيقي طور تي اهڙو مطالعو آهي، جو تحقيق سان دلچسپي رکندڙن لاءِ بيشڪ لاڀائتو ثابت ٿي سگهندو. ڊاڪٽر نور افروز خواجه جو مقالو نامور محقق ۽ مؤرخ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي علمي، ادبي خدمتن جو احاطو ڪري ٿو.

سلطان باهو جي تصنيفات تصوف ۽ وحدت الوجود جي افڪار جو اهڙو اظهار آهن، جن مسلسل سماج کي متاثر پئي ڪيو آهي. سنڌس تعليم ۽ پيغام جي اُپٽار لاءِ ڊاڪٽر تهمينه مفتيءَ جو مقالو مفيد ٿي سگهي ٿو. ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ سنڌي ٻوليءَ ۽ صورتخطيءَ جي مسئلن تي مقالو پڻ توجهه لهڻي

تو. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر اسماعيل موسيٰ جو مقالو "ميمڻي زبان ڪا تاريخي پس منظر" بہ لسانيات جي کيتر ۾ پنهنجي حيثيت حاصل ڪري سگهندو.

اسانجي سنڌي شعبي جي استادن آزاد قاضي، اسحاق سميجو نور محمد شاهہ شازيہ پتافي ۽ نوابُ ڪاڪا جن جا مقالا سندن تحقيقي خدمتن جا اهڙا اهڃاڻ آهن، جي ڪڏهن بہ پٺي پراٽ نہ ٿيندا.

سنڌ جي يونيورسٽين ۾ قائم ٿيل سنڌي شعبن مان سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي پاران سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيل گهڻ طرفين خدمتن جا علمي، ادبي ۽ تحقيقي ادارا بجا طور تي معترف آهن. جنهن لاءِ سموري مڃتا جا مستحق سنڌي شعبي جا استاد ئي آهن، جن اڻٿڪ ڪوششون ۽ محنتون ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي، لساني، صوتي ۽ سماجي حيثيت سارو ماڻ ۽ مقام ڏيارڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو آهي.

'ڪينجهر' تحقيقي جرنل جي اشاعت ۾ دير ڪن اڻٽر سببن ڪري ٿي آهي، تنهن جي هوندي بہ اسڪالر، اديب ۽ محقق ڪوتاهي درگذر ڪري، اسان جي معذرت قبول ڪن تہ سندن شڪر گذاري.

اسان تحقيق ۽ تجسس سان لڳاءُ رکندڙن کي گذارش ٿا ڪريون تہ پنهنجا مقالا 'ڪينجهر' ۾ اشاعت لاءِ اماڻين، ان کي وقت سر شايع ٿيڻ جوڳو ٻڌائين تہ سندن ٿورا مڃيا ويندا.

اسان سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر نذير احمد مغل جا مشڪور آهيون، جنهن هر طرح جو تعاون ڪري، هن اهم تحقيقي جرنل جي اشاعت کي ممڪن بڻايو. گڏوگڏ اسان رويوئرس ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جو بہ شڪريو ادا ٿا ڪريون، جن پنهنجي مصروفيتن باوجود محققن جي مقالن کي نظر مان ڪڍي، پنهنجي مفيد راين سان نوازيو.

**ڊاڪٽر محمد انور فگار هڪڙو**

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جو لاڳاپو

# RELATION OF SINDHI AND HINDI POETRY

**By: Dr. N.A Baloch**
Ex Vice Chancellor
University of Sindh, Jamshoro

**ABSTRACT:**

In Mughal Period, India got a sustainable Government system. There was civic coalition between Hindo and Muslims in the ruling period of Akbar. Economic system became improve and to some extant people got relief in their living problems. Education, Philosophy, wisdom, Literature & Arts got their due recognition. Better ruling system provided peace and security to the society and much more for the Joy of living material and spiritual life. Therefore poets and thinkers became more active in their search for absolute truth.

In this paper, Dr. N.A Baloch has traced out facts to find out Historical relation of Sindhi and Hindi poetry with reference to their influence over each other in-terms of thinking and Art of poetry.

## 1. "سنگار رس" يعني "هندي عشقيہ شاعري" جو سنڌي شاعريءَ سان لاڳاپو

مغلن جي دؤر ۾ هندوستان کي هڪ پائيدار نظام حڪومت نصيب ٿيو. اڪبر جي دؤر حڪومت ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ قريب تر تمدني اتحاد پيدا ٿيو. ملڪ جو اقتصادي نظام بہ سڌريو ۽ ماڻهن کي بہ اڳئين کان نسبتاً وڌيڪ خوشحالي ۽ فارغ البالي حاصل ٿي. علم ۽ فضل، حڪمت ۽ هنر جي قدر داني ٿي. حڪومت جي حسن نظام، انساني زندگيءَ جي حسن نظام کي بہ چمڪايو ۽ حسن جي تلاش ۽ تعريف هڪ محبوب ترين مشغلو بنجي ويو جيئن مصوري، موسيقي ۽ عمارت سازي مڙيئي حسن جي تلاش جا مظهر بنيا، تئن شاعريءَ بہ حسن محبوب کي پنهنجو خاص عنوان بنايو. هندي ٻوليءَ ۾ جيتوڻيڪ اڄان "ڀڳتي شاعريءَ" جو دؤر هو مگر هاڻي ان سان گڏ نئين حسن نواز عشقيہ شاعريءَ "سنگار رس" جي دلچسپ نالي سان نعرو هڻي نروار ٿي. مغليہ دؤر کان اڳ جي هندي شاعرن پڻ پنهنجي ڪلام ۾ ڪاهي بہ ڪاهي محبوب جي حسن ۽ سينگار جي مضمونن کي نهايت مؤثر نموني ۾ نباهيو هو. مگر شهنشاهہ اڪبر جي دؤر حڪومت کان "سنگار رس" يا عشقيہ

شاعريءِ هندي شاعرن جي ذوق ۽ تخيل جو خاص عنوان بڻي، ۽ پڳتي شاعريءَ جي بجاءِ عام توڙي خاص جوان ڏانهن زياده توجهه ٿيو.

## بهاري لال

عشق ۽ محبت جو عنوان ۽ محبوب جي حسن ۽ سينگار جو بيان، هڪ هن نئين شاعريءَ لاءِ نهايت ئي موافق زمين ۽ ميدان بڻيا، جن ۾ حسن نواز شاعرن دل کولي پنهنجا ڪؤنتل ڪڍيا. ڪرپا رام ڀهريائين ان ڏس ۾ قدم وڌايو مگر مڙني جو مهندار ۽ هن ميدان جو شهسوار مها ڪوي بهاري لال هو. بهاري لال پٽ ڪيشوراءِ سنبت (1660 ـ 1603ع) ۾ گوبند پور ضلع گواليار ۾ ڄائو ۽ سنبت (1720 ـ 1663ع) ۾ گذاري ويو. جيپور جي راجا جئسنگ ڪيس جيپور ۾ گهرائي پنهنجي دربار جي خاص شاعرن جي صف ۾ جڳهه ڏني، ۽ جڏهن بهاري لال پنهنجي مشهور شاعرانه شاهڪار "ست سئي" کي پورو ڪيو ته راجا جئسنگ کيس ست سؤ اشرفيون انعام ڏنيون. بهاري لال جو عاشقانه ڪلام هندي شاعريءَ ۾ اُتم مڃيو ويو آهي، ۽ "سنگار رس" ۾ سندس درجو مڙني شاعرن ۾ مٿاهون تسليم ڪيو ويو آهي. سندس شعر جا مثال ملاحظه هجن.

بهوشن بهار سنبهار ہے کیوں یہ تن سکمار
سود ہے پائے نہ دهر پر ین سوبهائین کے بهار

(اي نازنين! تون پنهنجي نازڪ بدن تي ڳهڻ جو بار ڪيئن سنڀالينديءَ،
جو تنهنجا ته پير به جوانيءَ جي بار کان زمين تي سڌا نه ٿا پون)

نینا نیک نہ مان ہے کتو کہو سمجهائے
تن من هارے هو هنسین تن سون کیا بسائے

(مون انهن اکين کي ڪيترو ئي سمجهايو آهي، پر مڃين ئي نٿيون:
جي تن من هارائڻ بعد به پيون کلن، تن سان ڪهڙو وس هلي سگهي ٿو!)

اڪبر جي عهد جا ٻيا شاعر جن عشقيه شاعريءَ ۾ شهرت حاصل ڪئي، سي هي هئا (1) نواب عبدالرحيم خان خانان جنهن پنهنجي شاعريءَ جي ٻين تصنيفن سان گڏ "سنگار سورٺا" نالي پڻ ڪتاب لکيو (2) فيضي (3) گنگ (4) تان سين (5) سيناپتي (6) مبارڪ جنهن جا ڪي دوها بهاري لال جي دوهن سان مناسبت رکن ٿا (7) بليدر مصر جنهن جي تصنيفن مان هڪ "سنگار گوبر ڌن" آهي. انهن ڪانسواءِ سنه 1631ع ۾ سندر نالي هڪ شخص کي "ڪوي راءِ" جو خطاب ڏنو ويو ۽ هن شاعريءَ جي فن تي "سندر سنگار" نالي ڪتاب لکيو جنهن جو ترجمو برج ڀاشا ۾ ٿيو. عالم، سنبت 1735 ڌاري، "سنگار رس" (عشقيه شاعريءَ) جو نالي وارو شاعر ٿيو. هو ڀهريائين برهمڻ هو پر پوءِ هڪ رنگريزڻ جي

عشق ۾ مسلمان ٿيو "عالم ڪيلي" نالي سندس ڪتاب مشهور ٿيو. 1784_1800 سنبت ڌاري "ديوڪي نندن" نالي مشهور شاعر ٿيو جنهن جو ڪتاب "سرنگار چرتر" نهايت مقبول پيو. سنبت 1796 وڪرميءَ ڌاري اعظم خان نالي شاعر مشهور ٿيو جنهن جو ڪتاب "سنگار درپن" مقبول پيو. سيد عبدالجليل بلگراميءَ جي پاٽيجي سيد غلام نبي بلگراميءَ جو "رس لين" جي لقب سان مشهور ٿيو. تنهن سنه 1701ع ۾ "انگ درپن" ۽ سنه 1731ع ۾ "رس پربوڌ" نالي ڪتاب تصنيف ڪيا.

## رس جي حقيقت

"رس" سنسڪرت زبان جو هڪ جامع لفظ آهي جنهنجي لفظي معنيٰ آهي "انتهائي لطف، لذت، خوشي يا مسرت". اصطلاحي معنيٰ موجب "رس" سنسڪرت ۾ جماليات (Aestheties) جي دائري ۾ هڪ خاص فلسفي جي حيثيت رکي ٿو جنهن جو تعلق خاص طرح شاعريءَ ۽ ناٽڪ جي اسباب، اثرات ۽ علامات سان آهي. "سنسڪرت ادب جي تاريخ" جي مصنف "بيرائيڊيل ڪيٿ" ان کي "قلبي واردات ۽ ڪيفيات جي نظريہ" سان تعبير ڪيو آهي.[1] محقق پنڊت حبيب الرحمان صاحب، ان کي "فلسفهء انبساط" قرار ڏنو آهي. جيئن تہ هن صاحب مستند سنسڪرت ماخذن جي تصديق سان رس تي "رس يعني فلسفهء انبساط" جي نالي سان هڪ مستقل ڪتاب لکيو آهي،[2] انهي ڪري اسان رس جي معنيٰ ۽ ماهيت کي واضح ڪرڻ لاءِ هيٺ سندس تحقيقي نتيجا پيش ڪريون ٿا.

1. مثلاً: بهار جي موسم آهي، جُهڙ بادل ڇانيل آهي ۽ هڪ حسينہ نهايت ئي مٺي آواز سان ڳائي ٿي پڌنڌڙ جو هن نظاري ۾ محو آهي. تنهن جي دل ۾ محبت پيدا ٿئي ٿي. اهي مڙيئي ظاهري اسباب سندس محبت کي ويتر پڙڪائين ٿا. ان جذبي جي اثر هيٺ ڪيس لڙڪ لڙي پون ٿا ۽ پريشاني پيدا ٿئي ٿي. ان بعد سندس اها نفسياتي ڪيفيت اميد، مايوسيءَ، جنون ۽ شڪستہ دليءَ ۾ تبديلي ٿئي ٿي. هاڻي هن منظر ۾ محبت "جذبہ مستقل" آهي، بهار، بادل، حسينہ ۽ راڳ ان جذبي جا "محرڪات" آهن. اشڪباري ۽ سراسيمگي (واردات قلبيہ کي ظاهر ڪرڻ واريون ڪيفيات) ان جذبي جا "اثرات" آهن ۽ اميد، مايوسي، جنون ۽ شڪستہ دلي "منقلبات" يعني عارضي جذبات آهن. ناٽڪ ۽ شاعريءَ ۾

---

[1] Discussion on Poetics occurs for the first time "as a subordinate element in chapter XVI of the Bharatiya Natyacastra.... It develops the doctrine of sentiment, Rasa, with its eight subdivisions as erotic, comic, pathetic and those of horror, heroism, fear, disgust and wonder. Sentiment is a condition of mind of a spectator of a drama, or we may add, the hearer or reader of a poem......" A History of Sanskrit Literature by Keith, Oxford University Press, London, 1953, Page 272.

[2] محترم مولوي حبيب الرحمان صاحب شاستري B.A (بعد ۾ پنڊت M.A) سنسڪرت ليڪچرر مسلم يونيورسٽي ڪاليج علي ڳڙهہ جو هي ڪتاب، مسلم يونيورسٽي پريس مان 1349هہ/1930ع ۾ شايع ٿيو.

محرڪات، اثرات ۽ منقلبات جي منظر (scene) پيدا ڪرڻ سان جذبء مستقل ۾ هڪ غير محدود لذت، وجداني لطافت ۽ پاڪيزه روشني پيدا ٿئي ٿي، ۽ ان وقت انهيءَ جذبء مستقل کي "رس"چئجي ٿو. اهڙيءَ طرح نو 9 مستقل جذبات، پنهنجي ارتقائي منزلن مان گذريءِ علي الترتيب (1) عشق (2) کل (هنسي) (3) رحم (4) غضب (5) بهادري (6) دهشت (7) نفرت (8) حيرت ۽ (9) سڪون جا "رس" بنجن ٿا، جن کي سنسڪرت ۾ (1) شرنگار رس (2) هاس رس (3) ڪرڻ رس (4) رودر رس (5) وير رس (6) ڀيانڪ رس (7) ويڀتس رس (8) اوڀت رس ۽ (9) شانت رس چيو ويجي ٿو. مطلب تہ 9 مستقل جذبات جي سببان "رس" جا بہ 9 قسم بنيا. (ص 4_5)

2. مگر هن فن جي استادن "رس" جي جا حقيقت سمجهائي آهي ان مان، ۽ پڻ تجربي مان، معلوم ٿئي ٿو تہ رس واريءَ لذت هر حال ۾ ساڳي آهي، يعني تہ نون رسن مان ڪنهن بہ هڪ جي لذت ساڳي اهڙي آهي جهڙي باقي ٻين ائن ۾ آهي. پنڊت وشوناٿ "ساهتيہ درپن" ۾ معتبر عالمن جي سند سان هي نظريو پيش ڪيو آهي تہ "تجربو ٻڌائي ٿو تہ هرهڪ "رس" جو اصلي جوهر "تحير" آهي، ۽ انهيءَ ڪري هر جاءِ "حيرت" جو ئي رس هئڻ گهرجي" (ص 60_61).

3. ويد جي قولن يعني "شرتين" ۾ آتما (خدا) کي رس چيو ويو آهي جڻن تہ "تيتريہ اپنشد" ۾ عقلي دليلن موجب پڻ اهو نظريو صحيح آهي، چاڪاڻ تہ "رس" ۾ بہ انتهائي مسرت (آنند) آهي ۽ پڻ خدا ۾. انهيءَ ڪري "شرتيءَ" ۾ خدا کي "رس" چوڻ بالڪل صحيح آهي. ساهتي شاستر (فن شاعريءَ) جي ڪتابن "ڪاوي پرڪاش"، "رس گنگا ڌر"، "ساهتيہ در پن" وغيره مان پڻ هن نظريہ جي تائيد ٿئي ٿي، چاڪاڻ تہ انهن مڙني ۾ "رس" ۾ انتهائي مسرت جو هجڻ تسليم ڪيو ويو آهي. پڻ "برهم سوتر" (ويدانت فلسفي جي پهرئين باب جو ٻارهون سوتر)، جو "شرتين" تي ٻڌل آهي، ان جو مطلب بہ اهو آهي تہ خدا ۾ انتهائي مسرت آهي چاڪاڻ تہ ويدن ۾ خدا لاءِ "مسرت" جو لفظ ڪثرت سان استعمال ڪيو ويو آهي. (ص 38_39) "رس" جي هن تشريح مطابق سنسڪرت جو هي مقولو بالڪل درست آهي. مطلب تہ شاعريءَ ۾ محويت ذريعي خدائي مسرت جي لطف اندوزي "رس" آهي (ص 48). جڏهن (محبت، بهادري وغيره جا) عملي واقعات شاعريءَ يا ڊراما ۾ مصنوعي محرڪات، اثرات ۽ منقلبات ذريعي، ڏسندڙ (يا پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ) جي آڏو پيش ڪجن ٿا، تہ اهي سندس وحدت نما احساس کي جاڳائي هڪ قسم جو عالم محويت ۽ تحير پيدا ڪن ٿا. ان محويت جي عالم ۾ شاعرانہ لٽريچر پڙهندڙن ۽ ڊرامہ جي ڏسندڙن جو وجدان جنهن "مسرت رباني" مان لطف اندوز ٿئي ٿو اهوئي "رس" آهي (ص 161).

"رس" جي معنيٰ ۽ ماهيت بابت مٿيان ٽي نظريا اصولي حيثيت رکن ٿا. (1) پهرئين ۾ سنسڪرت جي جمالياتي فڪر جي دائري ۾ "فن شاعريءَ" جي ماتحت "رس"

جي علمي نظريہ جي تشريح ٿيل آهي، ۽ "رس" جي معنيٰ توڙي قسمن کي واضح ڪيو ويو آهي. قدرتيءَ انهيءَ ساڳيءَ معنيٰ ۾ سنڌي زبان ۾ پڻ "رس" جو لفظ استعمال ٿئي ٿو. حقيقت ۾ "س" جو پيدا ٿيڻ 'رس" جي لذت جو پيدا ٿيڻ آهي. انهيءَ ڪري مجازاً چئي سگهجي ٿو تہ "رس پيدا ٿيو." سنڌيءَ ۾ چوندا تہ "رس لڳو." سنڌيءَ ۾ اهو اصطلاح "راڳ جي رس" لاءِ استعمال ٿئي ٿو. چوندا تہ "فلاڻي ڳايو ۽ واهہ جو رس لڳو"، يا چوندا تہ "فلاڻي (ڳائيندڙ) جو رس لڳو". ساڳيءَ طرح ڪنهن بہ محفل جي ميناج ۽ سرور کان متاثر ٿي ان کي مجازا "رس پري محفل" يا "رس پري رهاڻ" چوندا. "رس رهاڻيون" ۽ "رس رواڻا" ساڳيءَ معنيٰ ۾ سنڌي جا عام مروج اصطلاح آهن. انهن اصطلاحن مان ظاهر آهي تہ سنڌيءَ ۾ لفظ "رس" جي اصل معنيٰ ۽ ماهيت وارو تخيل موجود آهي. (2) ٻئي نظريہ ۾ "رس" جي سمجهاڻي نفسياتي نقطہ نظر کان (Psychological Interpretation) ڏني وئي آهي، جنهن جو مقصد آهي تہ جيتوڻيڪ مختلف جذبات (Emotions) جي بناء تي "رس" کي جدا جدا نالن سان سڏيو ويو آهي، مگر حقيقت ۾ "رس" اهو لطف ۽ لذت وارو اصولي احساس (Sentiment) آهي، جو هر جذبي جي اثر ۽ ڪيفيت جو ماحاصل آهي. (3) ٽئين نظريہ جو تعلق "رس" جي حقيقي معنيٰ سان آهي، جنهن کي ويدانت توڙي اسلامي تصوف جي روشنيءَ ۾ "ذات الاهي" سان تعبير ڪيو ويو آهي، ڇو تہ "ذات الاهي" ئي لامحدود مسرت ۽ وجداني تجليءَ جو واحد سرچشمو آهي. "والله نورالسموات والارض" ۽ "ان الله جميل يحب الجمال."

## سنگار رس

مٿيئن وضاحت مان معلوم ٿيو تہ انسان جا 9 مستقل جذبات جن جي بناء تي آسانيءَ خاطر "رس" جا بہ 9 قسم تجويز ڪيا ويا آهن. انهن مان هڪ "شرنگار رس" آهي. "شرنگار رس" هڪ نفسياتي ڪيفيت آهي، جنهن جي ارتقائي درجي کي عشق ۽ محبت سان تعبير ڪري سگهجي ٿو. اصل سنسڪرت نظريي موجب "شرنگ" محبت جي ديوتا "ڪامديو" جي ايرڻ کي چئجي ٿو. هن ايرڻ جي سبب ۽ اعليٰ ترين هيرو (Hero) جي رس کي عشق جو رس چئجي ٿو"[1]

انهيءَ مناسبت سان هندي زبان جي نئين عشقيہ شاعريءَ تي "سنگار رس" جو اصطلاحي نالو پيو. مگر انهيءَ اصطلاحي نالي ۽ اصل "شرنگار رس" ۾ فرق آهي تنهن کي سمجهڻ ضروري آهي. "شرنگار رس"، "رس" جي فلسفي جي دائري ۾ اچي ٿو ۽ "رس" جي 9 قسمن مان هڪ قسم جو نالو آهي، مگر "سنگار رس" پوءِ جو اصطلاحي نالو آهي، جنهن جو

[1] مولوي پنڊت حبيب الرحمان صاحب جو مذڪور ڪتاب "رس يعني فلسفه البساط"، ص 127

تعلق هندي عشقيہ شاعريءَ سان آهي. "شرنگار رس" اها بي انتها سرور ۽ لطف واري نفسياتي ڪيفيت آهي، جنهن کي شاعريءَ يا ڊراما ذريعي، محبت جي مستقل جذبي جي محرڪات، اثرات ۽ عارضي علامات جي عملي يا بياني مناظر پيش ڪرڻ سان، پيدا ڪيو وڃي، مگر "سنگار رس" هندي زبان ۾ هڪ شاعريءَ جو قسم آهي جنهن جو عنوان اڪثر عشق و محبت آهي. اها عشقيه شاعري (يعني سنگار رس) بذات خود "شرنگار رس" ناهي، مگر ان جي ذريعي "شرنگار رس" پيدا ڪري سگهجي ٿو.

هاڻي سوال آهي تہ "سنگار رس" ذريعي، خود هندي شاعر ڪيتري قدر "شرنگار رس" پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا؟ هن مسئلي تي هندي شاعريءَ جي عالمن شايد ڪا روشني وڌي هجي، مگر هن سوال جو ڪو فيصلہ ڪن جواب ٿي بہ نٿو سگهي، ڇاڪاڻ تہ ان جواب لاءِ ضروري آهي تہ ڪو اهل ذوق محقق، هندي شاعرن مان هرهڪ جي ڪالم جو اطمينان سان مطالعو ڪري، ۽ هر شاعر جي ڪلام پڙهڻ سان جي جذبات، احساسات ۽ قلبي واردات خود سندس اندر پيدا ٿين، تن جو جائزو وٺي تہ واقعي اهي "شرنگار رس" واري لذت ۽ سرور جا متحامل آهن يا نہ؟ مگر اهڙي متلاشيءَ جو اهڙو نظريو بہ بهرحال سندس شخصي نظريو ٿيندو ڇاڪاڻ تہ هرشخص جي جذبات ۽ احساسات جي دنيا نرالي آهي ۽ هرڪو پنهنجي پنهنجي نموني ۾ متاثر ٿيندو. البتہ جيڪڏهن ڪنهن شاعر جو ڪلام سندس اڪثر پڙهندڙن ۾ "شرنگار رس" وارو انتهائي سرور پيدا ڪري ٿو تہ پوءِ چئبو تہ واقعي سندس شاعري صحيح معنيٰ ۾ "سنگار رس" آهي.

"رس" جي اصلي نظريہ موجب، مرد (هيرو) توڙي عورت (هيروئن)، "رس" جي بنيادي محرڪات (اپاريندڙن) ۾ شمار ٿيل آهن، ۽ "شرنگار رس" جو بنيادي محرڪ خصوصاً عورت آهي.[1] انهيءَ لحاظ سان عورت ۽ سندس حسن ۽ سينگار هندي عشقيه شاعريءَ جا مرڪزي پهلو بنجي ويا. اهڙيءَ طرح "مقصد" (قلبي سرور) جي بجاءِ سمورو توجهہ "اسباب" (عورت جي حسن ۽ سينگار) تائين محدود رهجي ويو ۽ "معنيٰ" جي بدران سڄو خيال "صورت" ۾ سمائجي ويو. "سنگار رس" يا عشقيه شاعريءَ جي علمبردارن "حسن خوبان" جي بيان ۾ حسن خيالي پيدا ڪئي مگر نفس مضمون جي معنيٰ ۽ بلند خياليءَ ۾ ڪو خاص اضافو ڪونہ ڪيائون. خود "سنگار رس" جي بلند شاعر، بهاري لال، متعلق هڪ مضمون نگار لکي ٿو تہ بهاريءَ جي ڪلام ۾ شاعرانہ حسن حد درجي آهي مگر بلند خياليءَ جو پتوئي ڪونهي. پر رگو بهاري لال ڇا، "سنگار رس" جي سيني شاعرن جو اهو حال آهي.[2]

---

[1] ايضاً.

[2] سريواستو: "هندي شاعري مين روحانيت کا دور" رسالہ "اردو" ماه اپريل 1942ع ص ص 240_241.

هي نظريو پنهنجي جاءِ تي صحيح آهي. مگر ان جي ردّو سبب اهوئي آهي جو شروع کان ئي "شرنگار رس" ۽ "سنگار رس شاعري" ۾ جڻ "حقيقت" ۽ مجاز وارو فرق آهي. ۽ چئي سگهجي ٿو تہ "سنگار رس" جا اڪثر شعراء پنهنجي نئين فن جي مجازي دلچسپين ۾ ئي محو ٿي ويا. سندن شاعريءَ جي اڪثر تصنيفن جي نالن ۾ "رس" جو لفظ داخل آهي، جنهن مان ظاهر آهي تہ نظرياتي طور هو "رس" جي حقيقت کان واقف هئا. مگر عملي طور سندن شاعرانہ احساسات ۽ جذبات "شرنگار رس" جي بنيادي محرڪ (عورت) ۾ محو ٿي ويا. ۽ سندن معجز نما اشعار پڻ عورت جي ظاهري حسن ۽ سينگار جو نذر بنجي ويا.

## "سنگار رس" شاعريءَ جا عنوان

شروع کان ئي هندي عشقيہ شاعريءَ جا رجحانات "نايڪا ڀيد" ۽ "سنگار" جي عنوانن سان نمودار ٿيا. انهن ٻن مضمونن جي علاوه ٽيون موضوع وري "پدمڻي" عورت جي مخصوص ۽ معياري سونهن سوڀيا ۽ عادات اطوار جي خيالي نظريہ جي صورت ۾ نروار ٿيو.

## نايڪا ڀيد

"نايڪ" يا "نائڪ" جي معنيٰ قافلي جو سالار سردار مربي يا سرتاج. "نايڪا" يا "نائڪا" معنيٰ نايڪ جي زال. عشقيہ يا ڊرامائي شاعريءَ جي خاص اصطلاح ۾ "نايڪا" معنيٰ سورمي (هيروئن). انهيءَ لحاظ سان "نايڪا ڀيد" معنيٰ سورمي يا هيروئن جي دل جو راز يا محبت جي مام جنهن کي هوءَ پنهنجي الفاظن ۾ ڪناين ۽ اشارن سان ظاهر ڪري عشقيہ شاعريءَ جي استاد شاعرن. هيروئن جي زباني، محبت جي مام کي نهايت نازڪ خياليءَ ۽ حسن بياني سان پنهنجي اشعار ذريعي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ شاعريءَ جي انهيءَ موضوع کي "نايڪا ڀيد" نالو ڏنو. هن فن جي شروعات. ڪرپا رام ڪئي، نواب عبدالرحيم خان خانان هن فن ۾ "بردي نائڪ ڀيد" نالي ڪتاب لکيو ۽ ديوڪي نندن "نايڪا ڀيد" ۾ "سرنگار چتر" نالي ڪتاب لکيو جو نهايت مقبول ٿيو.

## عورت جو سانڌ سينگار

"شرنگار رس" جي بنيادي اپارينڊڙ (عورت) جي سهڻيءَ ۽ سينگاريل تصوير کي ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ، نڪتہ دانن هيٺيان اٺاويهہ زيور، جوان عورت جي حسن کي چمڪائڻ لاءِ ڪارگر قرار ڏنا آهن.

(1) ڪيف شوق (2) وجد محبت (3) جوش محبت (4) رنگ ۽ روپ يعني جسماني حسن (5) رعنائي (6) جمال (7) محبوبيت (8) پختہ ڪاري (9) نرمائي (10) ثابت قدمي (11) مماثلت يعني تہ اندام لباس، زيورات ۽ محبت ڀريل ڳالهين ذريعي محبوب سان

مشابهت پيدا ڪرڻ (12) ادا (13) سينگار يعني فطري حسن کي چمڪائڻ خاطر ٿورو ظاهري سينگار ڪرڻ: مثلاً شفاف پاڻيءَ سان غسل ۽ بدن جي صفائي، پان سان لب ڳاڙها ڪرڻ ۽ نرم، نازڪ ۽ صاف ڪپڙا پائڻ (14) غرور حسن (15) رنگين ڪرشما يعني ته انتهائي مرغوب شيءِ جي حاصل ٿيڻ واريءَ خوشيءَ سبب ذرا مرڪ، ذرا گريه خشڪ، ذرا ڪل، ذرا خوف، ذرا ڪاوڙ ۽ ذرا انوکي ٽڪ جو اظهار ڪرڻ (16) محويت جي ادا (17) جهجهڪ (18) گهبراهٽ (19) نزاڪت (20) ناز (21) شرميلائي (22) ونجهل (23) چاٽي اڻ چاٽائي (24) اُس (25) اشتياق (16) ٿهڪ (27) چرڪڻ ۽ (28) چلولائي.[1]

ظاهر آهي ته هن اصلي ۽ اصولي نظريه موجب، جوانيءَ ۾ حسن جا مٿيان چمڪائيندڙ اسباب زياده تر محبوب جي محبت جي جذبات ۽ احساسات، نازو ادا جي نفسيات، مخصوص رد عمل ۽ حرڪات، حسن اطوار ۽ عادات سان تعلق رکن ٿا. محبوب جو جسماني ۽ ظاهري سينگار انهن اٺاويهن (28) ذريعن مان فقط هڪ ذريعا آهن. "سنگار رس" جي استاد شاعرن، پنهنجي شعرن ۾ مجموعي طور انهن سينني حسين ادائن ۽ دلفريبين کي بيان ڪيو مگر سندن خاص توجهه ٻن مخصوص خوبين يعني حسن جسماني ۽ ظاهري سينگار ڏانهن ئي مائل رهيو.

محبوب جي جسماني حسن جو موضوع بذات خود ڪافي ڪشادو هو قد قامت، شڪل شبيهه، چهري جي رونق، رفتار ۽ گفتار جي مختلف نمونن ۾ ڪيترائي مضمون مخفي هئا. اکين جي اشارن ۽ زلفن جي پيچن ۾ ڪيترائي بيان بيتاب هئا، ازانسواءِ ڏندن، چپن، نڪ، پيشاني، آڱرين ۽ ٻين اندامن ۾ تشبيهات جا دفتر سمايل هئا. مطلب ته شاعرن لاءِ محض محبوب جي فطري حسن جي تعريف جو مضمون ڪافي وسيع هو. ان سان گڏ محبوب جي ظاهري هار سينگار جي شامل موضع ويتر هن ميدان کي ڪشادو ڪيو. فطري حسن جي گونا گون رعنائين جي ته انتهائي ڪانه هئي، مگر ظاهري هار سينگار جي قسمن کي شمار ڪرڻ نسبتا آسان هو انهيءَ ڪري هن فن جي ماهرن عورت جا جملي "سورهن سينگار" قرار ڏنا: ان بعد "سورهن سينگار" بذات خود هن فن جو هڪ خاص مضمون بنجي ويو.

## سورهن سينگار

چئي نٿو سگهجي ته "سورهن سينگارن" جي حدبندي ڪڏهن ٿي، بقول پياري لال، "اسان جي ديس ۾ استرين جا سورهن سينگار پراچين زماني کان هلندا اچن ٿا" (شرنگار شاستر) مگر "شرنگار رس" جي محرڪات جي اصولي نظريه موجب، جو مٿي بيان ٿي چڪو آهي، عالم شباب ۾ جي زيور عورت جي حسن کي چمڪائين ٿا سي جملي 28 قرار ڏنل آهن

[1] "رس يا فلسفه انبساط" مذڪور، ص 82

[باريڪ شين ۾، هڪ تلوار جي ڌار مثل سندس نڪ، پيو چيتي کي شهه ڏيندڙ چيلهه. ٽيو لڪدار پيٽ جنهن ۾ جڙ آنديائي ڪين آهن. چوٽان چپ جي مرجان مثل آهن.]

سو بهر ڪپول ديکهه ديکهه سوبها – سبهر تنب ديگهه من لوبها

سبهر ڪلائين ات بني، سبهر جنگهه گج پال
سوره سنگار برن کي ڪرنهه ديوتا مال

[پريل ۽ نرم شين ۾، پهريان سندس پريل ڳل، پيو پريل ڳنڍڻ، ٽيون پريل ڪارايون، ۽ چوٿون پريل رانون" بدن جي سورهن سينگارن جي، ديوتا به تعريف ۾ پوڄا ڪن ٿا.]

مٿئين مثال مان ظاهر آهي ته شاعر "پدماوت" جي سورهن سهڻن عضون ۽ اندامن جي تعريف ڪئي آهي ۽ انهن کي سورهن سينگار سڏيو آهي. هت "سورهن سينگار" جي اصطلاح جو استعمال "پدماوت" جي فطري حسن سان تعلق رکي ٿو ڇو ته هت سندس "ظاهري هار سينگار" سان شاعر جي وصف بيانيءَ جو ڪوبه واسطو ڪونهي.

## (ب) اديبن جا نظريا

هنديءَ جي ڪن اديبن ۽ لغت نويسن جن "سورهن سينگارن" جي تشريح ڪئي آهي، تن فقط سورهن "ظاهري هار سينگار" ڳڻيا آهن ۽ ان ۾ به هرهڪ اديب جي پنهنجي پنهنجي راءِ آهي، يعني ته سورهن ظاهري سينگارن جي قسمن بابت سندن مختلف رايا آهن. مثلاً ڪن جي خيال ۾ عورت جا "سورهن سينگار" هي آهن (1) بدن جي صفائي ڪرڻ (2) ڏندڻ ڪرڻ (3) صاف ڪپڙا پهرڻ (4) ڪجل لڳائڻ (5) لاک وغيره سان هٿن پيرن تي لالائي لائڻ (6) وار سنوارڻ (7) سينڌ ۾ سنڌُر لڳائڻ (8) پرن جي وچ ۾ ڳاڙهو تاڪ لڳائڻ (9) ڪاڏيءَ ۾ تل بنائڻ (10) ميندي لائڻ، (11) خوشبوءِ لڳائڻ (12) پان چٻاڙڻ (13) گلن جا هار پائڻ (14) ڏندن کي ڳاڙهيرو ڪرڻ (15) لبن کي لال ڪرڻ (16) ۽ زيور (ڳچيءَ جا هار) پائڻ.

پليٽس (Platts) جي "هندوستان لغت" ۾ "سولهه سنگار" اصطلاح جي تشريح طور عورت جا هيٺيان سورهن ظاهري سينگار شمار ڪيل آهن: 1. ڏندڻ 2. منجن (ڏندن صاف ڪرڻ جو ڪوبه خوشبوءِ دار پورو) 3. اُبٽڻ (يعني "باٽڻ": ڪڻڪ جي اٽي کي سرهي تيل ۽ بين خوشبوءِ دار شين ۾ ڳوهي، صابڻ طور بدن تي صفائي خاطر مهٽڻ) 4. سينڌر (سينڌ ۾ وجهڻ لاءِ) 5. ڪيسر (پيشاني تي زعفران ملي وچ ۾ سنڌُر جي تلو ڪڙي بنائڻ، يا ستارن سان چمڪندڙ نشان بنائڻ) 6. آنجن (يعني سرمون يا ڪجل) 7. بيندي (يعني سنهڙي "آلي" وارو ڳهه جو پيشاني تي لٽڪي بيهي) 8. سرهو تيل (وارن لاءِ) 9. ڪنگي (ڦڻي وارن

سنوارڻ لاءِ) 10. ارگجا (پيلي رنگ جو خوشبوءِ دار مرڪب جو چندن، ڪافور، مشڪ، عنبر، مکڻ ۽ عرق گلاب مان تيار ڪجي ۽ ڪنوار جي ڪپڙن تي نشانن لڳائڻ خاطر استعمال ڪجي) 11 پان (وات جي صفائي ۽ خوشبوءِ لاءِ) 12. مسي (لوهه جي ٻُري، ڦٽڪي، ۽ مازو ڦل جو مرڪب) ڏندن ۽ چپن جي صفائيءَ ۽ سونهن (هلڪي ڳاڙهيري رنگ) لاءِ 13 نير (سونهن خاطر تلڪوڙين ۽ ترن بنائڻ لاءِ) 14. ميندي هٿن پيرن جي لالائيءَ لاءِ 15. گل (گلن جي ڪنڊي گلي يا وارن ۾ سونهن خاطر) 16. آلتا (لاک جي رنگ ۾ ٻڏل لال ڪپهه، پيرن کي لالائيءَ لائڻ واسطي).

هاڻي اديبن ۽ لغت نويسن جي مٿين تحقيق، توڙي خود هنديءَ جي استاد شاعر ملڪ محمد جائسي جي شعر مان پدماوت راڻيءَ جي سونهن جي تعريف وارو مثال، ثابت ڪن ٿا تہ هندي شاعريءَ ۾ "سورهن سينگارن" جي قسمن بابت ڪو متفقہ طور فيصلو ڏنل نہ آهي تہ اهي فلاڻا فلاڻا آهن. محض سورهن جي عدد بابت ئي اتفاق آهي. ٻيو تہ آيا "سورهن سينگارن" جو تعلق محض "جسماني حسن" سان آهي، يا فقط عورت جي ظاهري ۽ مصنوعي "هارن سينگارن" سان آهي، ان بابت بہ ڪو متفقہ نظريو موجود ناهي. بلڪ ائين معلوم ٿئي ٿو تہ انهيءَ باري ۾ بہ مختلف نظريا آهن (1) پهرئين نظريہ جو اندازو "شرنگار رس" جي محرڪ اساسي يعني "هيروئن" جي فطري حسن کي جي 28 وڏيڪ اسباب چمڪائين ٿا تن مان ۽ خود "پدماوت" جي حسن جي تعريف بابت ڏنل شعرن مان لڳائي سگهجي ٿو. ظاهر آهي تہ هيروئن جي انهن چاٽايل اٺاويهن اسبابن ۾ جسماني حسن توڙي ظاهري هار سينگار شامل آهن. "پدماوت" واري بيان جو تعلق پڻ فطري حسن آهي. ان مان هيءَ نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ "سنگار رس" شاعريءَ جي اصلي سرچشمي توڙي ان جي هڪ استاد شاعر جي تخيل موجب "سورهن سينگارن" ۾ فطري حسن توڙي ظاهري هار سينگار جون وصفون اچي وڃن ٿيون. (2) ٻئي نظريہ جو مدار اديبن ۽ لغت نويسن جي ڪيل تحقيق تي آهي، ۽ ان تحقيق جو مدار غالباً هندي شاعريءَ جي پوئين تڪلف ۽ تصنع واري دؤر تي آهي جڏهن عام شاعرن "سورهن سينگارن" جي بيانن کي محض عورت جي ظاهريءَ هارن سينگارن تائين محدود ڪري ڇڏيو.

هندي عشقيہ شاعريءَ جي شروعات واري تاريخي دؤر جي واقفيت، ۽ "سنگار رس" نالي جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ "رس"، "سنگار" ۽ "سورهن سينگارن" جي ايتري اصولي وضاحت بعد، اسان هن ڳالهہ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسون، تہ هندي عشقيہ شاعريءَ جي هن مخصوص تخيل ۽ ان جي مختلف مضمونن ۽ عنوانن جو سنڌ ۾ ڪيئن ۽ ڪيتري قدر چرچو پيدا ٿيو ۽ انهن ۾ هندي ۽ سنڌي تخيل جي آميزش ڪهڙي صورت اختيار ڪئي.

## "سنگار رس" شاعريءَ جي مضمونن اندر هندي ۽ سنڌي تخيل جو سبنڌ

سنڌ ۾ جوڳ واري شاعريءَ جو تخيل ۽ هٺ يوگي فقيرن جا نظريا ان طبقي جي سيلاني جوڳين فقيرن جي ذريعي پهتا. "پڳتي شاعريءَ" وارا نظريا صوفي تارڪن ۽ درويشن جي ذريعي رائج ٿيا. ۽ هندي 'سنگار رس" يا عشقيہ شاعريءَ جا عنوان ۽ اشعار سگهڙن ذريعي پهتا. اسان جي خيال ۾ حسن ۽ عشق جا اهي مضمون غالباً اول اول راجستان جي سگهڙ ڀاٽن ۽ چارڻن اُتي جي راجائن، سردارن ۽ عوام جي وندر ۽ ورونهه خاطر ياد ڪيا ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي سرحدي ۽ پاڙيسري رياستن، بيڪانير، جوڌ پور ۽ جيسلمير ۾ انهن جو چرچو پيدا ٿيو. ان بعد "سنگار رس" شاعريءَ جا اهي دلچسپ عنوان ۽ اشعار سنڌ جي سگهڙ ڀٽن ۽ چارڻن، منچلن مڱڻهارن ۽ ٻين سجاڳ سگهڙن سنڌ ۾ رائج ڪيا. مغلن جي دؤر حڪومت ۾ "سنگار رس" شاعري عروج کي پهتي ۽ پائنجي ٿو تہ اُنهيءَ دؤر جي آخر ڏاري مغل سلطنت جي ٻين صوبن ۾ بہ ان جو عام چرچو ٿي ويو. سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي (ميان نورمحمد) دؤر ۾ ان جو نئون ۽ نرالو سنڌي تخيل پنهنجي عروج تي نظر اچي ٿو. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ حڪومت ۾ سنڌ ۽ ان جي مذڪور پاڙيسري رياستن، يعني بيڪانير، جوڌپور ۽ جيسلمير جي درميان نسبتاً گهاٽا سياسي ۽ تمدني تعلقات پيدا ٿيا ۽ انهيءَ ڪري غالباً سنڌ ۽ انهن رياستن جي سگهڙن جون باهمي محفلون متيون، ذهن کليا، ۽ نہ فقط هن نئين شاعرانہ فن ترقي ڪئي پر ان ۾ نوان نوان نقطا پيدا ٿيا.

اسان جي خيال ۾ ڀهريائين ڀهريائين هندي "سنگار رس" شاعريءَ جا عنوان ۽ اشعار سنڌ جي ٿرپارڪر واري حصي ۾ رائج ٿيا ڇاڪاڻ تہ اهو پاڳو جيسلمير، جوڌپور رياستن جي علائقن سان مليل هو ۽ انهيءَ پاڳي جي ڀٽن، چارڻن ۽ سگهڙن جو راجستان جي سگهڙن سان زياده گهاٽو تعلق هو. ٻيو تہ انهيءَ پاڳي جا سگهڙ جي سنڌي ٻوليءَ جي "ٿري- ڍاٽڪي" محاوري سان آشنا هئا تن لاءِ هندي اشعار سمجهڻ نسبتاً آسان هئا. انهن سگهڙن جي پنهنجي طبعي شگفتگي خواه سندن مجلسن جي مخصوص رنگ رهاڻ سبب، اهي اشعار جي حسن ۽ مجاز متعلق هئا سي انهن خاص طور ازبر ڪيا. انهيءَ لحاظ سان پدمڻيءَ جي وصفن ۽ "سورهن سينگارن" جهڙن رنگين عنوانن سان سندن خاص دلچسپي رهي ۽ انهن بابت جوڙيل افسانن ۽ بيتن کي پنهنجي سگهڙپائيءَ جي محفلن ۽ مجلسن ذريعي عام رائج ڪيائون.

اهوئي سبب آهي جو اهي عنوان اڄ ڏينهن تائين سنڌ جي سگهڙن جي مارڪن جا خاص موضوع آهن. ٻيو تہ انهن عنوانن بابت جي اشعار ملن ٿا تن کي جي گهريءَ نگاه سان ڏسجي ٿو تہ انهن ۾ سنڌي ۽ سنڌيءَ جي "ٿري ڍاٽڪي" محاورن جا الفاظ ۽ اصطلاح ملن ٿا. جن مان اسانجي مٿئين نظرئي جي تائيد ٿئي ٿي تہ غالباً انهن شعرن جي روايت

سنڌي ٻوليءَ جي "ٽري ڊائڪي" محاوري ذريعي ئي سنڌ ۾ عام رائج ٿي. يعني تہ اول اول سنڌ ۾ اهي عنوان ۽ اشعار ٿرپارڪر جي پٽن، چارڻن ۽ مڱڻهارن جي زباني عام رائج ٿيا. ان جي مزيد تصديق هيٺ "ڍول مارو" جي عنوان هيٺ ڏنل بيتن مان ٿئي ٿي، ڇو تہ "ڍول مارو" جو افسانو جيتوڻيڪ راجستان جي ڪن ڀاڱن، ڪڇ، گجرات توڙي ڪانياواڙ ۾ عام مشهور آهي، مگر سنڌ ۾ ان جي شهرت ۽ مقبوليت جو تعلق خاص طرح ٿرپارڪر جي ڀاڱي سان آهي.

## (١) پدمڻيءَ جون وصفون

پَدم سنسڪرت لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڀيڻ جو "ڪنول گل" يا گل نيلوفر. هن گل جي نزاڪت ۽ سونهن جي لحاظ سان سنسڪرت ۾ نازڪ ۽ حسين عورت کي "پَدمِني" جو صفاتي نالو مليو ۽ جنسيات جي لحاظ سان عورت جي چئني قسمن (1. پَدمِني 2. چِترِني 3. سنکِنِي 4. هَستِنِي) ۾ "پدمني" قسم جي عورت کي سيني جو سر تاج ڪري مڃيو ويو. هنديءَ ۾ "پدمني" جو تلفظ ڦري "پَدمِڻي" ٿيو. جئن جنسياتي نظريہ جي موجدن "پدمڻي" قسم جي عورت جا اوصاف لکيا، تئن سگهڙ شاعرن بہ پنهنجي تخيل جو گهوڙو ڊوڙايو ۽ "پدمڻي" عورت جي حسن جون خاص خوبيون بيان ڪيون.

سنڌ ۾ "پدمڻي" جي وصفن بابت جي اشعار مشهور آهن، تن جي ابتدا اسانجا سگهڙ اڪثر هڪ خيالي قصي سان ڪندا آهن جنهن جو حاصل مطلب هي آهي تہ اڪبر بادشاہ، بيربل کي پنهنجي حرمسراءِ ۾ وٺي ويو انهيءَ لاءِ تہ هو فيصلو ڪري تہ حرمسراءِ جي بيگمات مان ڪا پدمڻي بہ آهي يا نہ؟ اڪبر ڇهہ چونڊ زالون هڪبئي پويان بيربل کي ڏيکاريون ۽ هن هرهڪ بابت نظم جي هڪ مصرع ۾ جواب ٿي ڏنو تہ انهن مان ڪابہ پدمڻي ڪانهي.

("کہے بیربل نے شاہ اکبر، اسے گھر نہیں نار پدمنی")

در حقيقت نظم جون اهي مصراعون ڪنهن سگهڙ شاعر جي تخيل جو نتيجو آهن، جنهن ۾ هن نشست برخواست جي ڪن خاص سنجيده اوصاف کي مد نظر رکي "پدمڻي" ۽ ٻين عام رواجي عورتن جو فرق بيان ڪيو آهي. انهن مصراعن جو مٿئين قصي سان ڪوبہ تعلق ڪونهي. اهي مصراعون هي آهن.

1. پدمڻي تو پلڪ نيندر، پهر نيندر ڪامڻي،
اڌ رات جاگے استري، اور سورج جاگے سنکڻي.

[يعني تہ پدمڻي اهڙي تہ نازڪ ۽ بيدار آهي جو ان جي ننڊ هڪ پلڪ کن مس آهي، جيڪا عورت هڪ پهر ننڊ ڪري سا پدمڻي نہ چئبي مگر اها "ڪامڻي" يا هڪ چڱي

معياري عورت آهي ۽ جيڪا عورت بہ پهر ننڊ ڪري ۽ اڌ رات جو جاڳي سا چڱ استري يا ۽ عام رواجي زال آهي. ۽ جيڪا سڄي رات سمهي ۽ سج اڀرڻي اک پٽي، سا "سنکڻي" يعني خالي نالي زال آهي.]

2. پدمڻي تو پڇون جاڳے، پائون جاڳے ڪامڻي،
سڌ جاڳے استري، اور ست جاڳے سنکڻي.

[يعني تہ پدمڻي ايڏي حساس آهي جو ذرا تيز هوا هئڻ سان سجاڳ ٿيو پوي جيڪا پير جي اشاري سان سجاڳ ٿئي اها چڱ "ڪامڻي" آهي. جيڪا سڌ سان جاڳي اها عام رواجي استري آهي باقي جنهن کي سٽ ڏيئي پٽي سجاڳ ڪجي سا تہ خالي نالي زال آهي.]

3. پدمڻي تو پانچ تولا، ڏس جهيمي ڪامڻي،
پاء جهيمے استري، اڌ سير جهيمے سنکڻي.

[پدمڻي جو قوت پنج تولا. جيڪا ڏهہ تولا يا اڌ پاء کن کاڌو کائي سا ڪامڻي چئبي. جيڪا پاء ويلي تي کائي، سا چڱ عام رواجي استري آهي. باقي اها جا اڌ سير ويلي تي چٽ ڪري سا چڱ ٺلهي نالي زال آهي.]

4. پدمڻي تو سات برے، پانچ برے ڪامڻي،
تين برے استري، اور بارهن ماے سنکڻي.

[پدمڻي ستن ورهين بعد ٻار ڄڻي، جيڪا پنجن ورهين بعد ٻار ڄڻي سا ڪامڻي چئبي. جيڪا ٽن ورهين جي وٿي بعد ٻار ڄڻي سا چڱ عام رواجي زال آهي. باقي جيڪا ٻارهين مهني ويامي سا چڱ خالي نالي زال آهي.]

5. پدمڻي تو هنس چالے، گج چالے ڪامڻي،
مور چالے استري، اور ڍور چالے سنکڻي.

[پدمڻي هلي تہ چڱ هنج وانگر ٿلي. جنهنجي هاٿي (گج) جهڙي سهڻي چال آهي سا ڪامڻي جا مور وانگر هلي سا بہ استري چئبي باقي جا ڍورن وانگر هلي سا تہ خالي نالي زال آهي.]

6. پدمڻي تو ڪُڙيان ڪيسي، ڪڙيان ڪيسي ڪامڻي،
اُرهہ ڍڪي استري، اور ڪنان ڪيسي سنکڻي.

[پدمڻي عورت اها آهي جنهن جا ڊگها (ڪيس) وار پويان ڪڙين تي پيا پون. جنهن جا وار چيلهہ تائين بيهن سا "ڪامڻي" چئبي. جنهن جا وار اُرهہ ڍڪي بيهن سا چڱ عام رواجي استري آهي. باقي جنهن جا وار ايترو ڇوٽا هجن جو ڪنن تائين پهچن. سا تہ خالي نالي زال آهي.]

مٿين مصراعن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ اهي سگهڙ شاعرن جي تخيل جو نتيجو آهن. صرف مصرع 5 ۾ "پدمڻي تو هنس چالے" وارو فقره اصلي آهي، ۽ غالباً ان کان متاثر ٿي سگهڙن مٿيون مصراعون بنايون آهن. هنن مصراعن جي زبان بہ هندي ڪانهي، بلڪ سنڌي ۽ ان جي "ٿري ڍاٽڪي" محاوري جو مٿس رنگ چڙهيل آهي. اڌ رات، سڌ، سٽ، اڏسير، ڍون ڪڙيان، ۽ ڍڪي الفاظ سنڌي آهن ۽ "ڏس جهيمي"، 'ڪڙيان ڪيسي'، "ڪڙيان ڪيسي"، ۽ "ڪنان ڪيسي" جا اصطلاح زياده تر "ٿري ڍاٽڪي" محاوري ۽ لهجي جي ساک ڀرين ٿا. انهن اهڃاڻن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي مصراعون غالباً سنڌ جي سگهڙن جون ٺي بنايل آهن.

## (۲) ڍول مارو بابت اشعار

اسان مٿي بيان ڪري آيا آهيون تہ جيتوڻيڪ ڍول مارو جو افسانو سنڌ کان ٻاهر بہ مشهور آهي مگر سنڌ ۾ ٿرپارڪر وارو ڀاڱو ئي ان جي عام مقبوليت جي خاص ايراضي آهي. "ڍول مارو" افسانہ جا هيٺيان اشعار سنڌي ٻوليءَ جي "ٿري ڍاٽڪي" محاوري ۾ رچيل آهن ۽ انهن جي مطالعي مان صاف ظاهر آهي تہ اتي جي سگهڙن ساڳي "سنگار رس" واري زمين ۽ اسلوب بيان ۾ پنهنجي مڪاني افساني کي نظم ڪيو آهي. مطلب تہ تخيل ۽ اسلوب بيان هندي آهن تہ افسانو ۽ زبان سنڌي آهن. جن جو سنڀڙ هنن اشعارن ۾ بالڪل نمايان آهي.[1]

1. اڇچر، گجچر، ڪسمچر، انگچر اڏڪار،
سو سندر نہ بسرے، جس ڪا سورهن ہے سينگار.

[جنهن دلبر جو حسن سيني جاندارن جي سهڻين صفتن جو جامع آهي. مثلاً سندس ڪارا وار واسينگ نانگ مثل (اڇچر) آهن سندس سهڻي هلڻي هاٿي جهڙي (گجچر) آهي وغيره[2] سو سهڻو سڄڻ ڪٿان ٿو وسري جنهن جا ويتر سورهن سينگار آهن.]

---

[1] هي اشعار اسانکي مٺي ضلع ٿرپارڪر جي سگهڙ عارب فقير مڱڻهار جي زباني مليا. ۽ انهيءَ اڪيلي روايت جي بناء تي هي اشعار قلمبند ڪيا وڃن ٿا. ٻي ڪا روايت ملي ها تہ شايد انهن جي صحت کي بهتر بنائي سگهجي ها ۽ پڻ ڪن لفظن جي معني وڌيڪ واضح ٿئي ها. جڏهن تہ مضمون پريس ۾ وڃي رهيو آهي انهيءَ ڪري لفظن جي تحقيق جو موقعو ملي نہ سگهيو آهي طوالت جي خوف کان تفصيلي تشريح کي پڻ درگذر ڪيو ويو آهي

[2] مضمون لکڻ وقت "ڪسمچر" ۽ "انگچر" لفظن جي تحقيق لاءِ وقت ملي نہ سگهيو آهي. عارب فقير جي زباني موجب "ڪسمچر" معنيٰ شينهن آهي ۽ انگچر معنيٰ هرڻ آهي (۽ انهيءَ لحاظ سان معنيٰ ٿيندي تہ سندس چيلهہ چيتي جي مثل سنهي آهي ۽ اکيون هرڻ مثل آهن.) مگر انهن لفظن جي معنيٰ اجا تحقيق طلب سمجهڻ گهرجي. "اڇچر" ۾ "اڇ" معنيٰ نانگ. "گجچر" ۾ 'گج" معنيٰ هاٿي. "چر" جي پڇاڙي چال چلت ۾ مشابهت ڏيکاري ٿي. مثلاً "سهچر" معنيٰ ساٿي.

2. ٽت رپ ڪي چال هي، آڪا رپ ڪا نيڻ،
سو واهڻ ڪي لڪ هي، جيون آنبا رپ ڪا ويڻ.

(هنج (ست رپ = موتين جي آفت = يعني هنج. جو موتي چڳي) جهڙي سندس تور آهي، هرڻ (آڪا رپ = اڪن جي آفت = هرڻ. جو اڪن کي کائي) جهڙا سندس نيڻ آهن. چيتي (سو واهڻ = شو ديوتا جي ويهڻ يعني سواري =شينهن. جنهن تي شو ديوتا سواري ڪئي) جهڙي سندس چيلهه آهي، ۽ ڪوئل (آنبا رپ = انبن جي آفت) جهڙي سندس ٻولي آهي.)

3. هيم برن، ٻالڪ بدن، جهيڻ لڪ، مرگهه چڪ،
سو سندر ڪب بسري، جهڙو ايڪ جيو گڻ لک.

(سندس سون جهڙو لال رنگ، ٻار جهڙو نرم نازڪ بدن، سنهي چيلهه، ۽ هرڻ جهڙيون اکيون آهن: اهڙو سهڻو سڄڻ ڪئن وسري، جنهن جي جان هڪ ۽ گڻ لک آهن.)

4. ڪٽ ڪيهر، بال ڀوٽنگ، ڪونج بدن ڪنٺ لنڪ،
هيرا دسن، ٻودرڪ ٻهن (؟)، مارو منگهٺ مهنڪ.

[سندس چيلهه چيتي جي چيلهه وانگر سنهي، وار واسينگ وانگر ڪارا، ۽ ڳچي ڪونج جهڙي ڊگهي، ۽ سنهي، ۽ ڏند هيرن جهڙا آهن (ٻودرڪ ٻهن. جي معنيٰ تحقيق طلب آهي). ۽ پڻ ان مارو (محبوب) جو موڙ منگهٺ مٽيادار آهي.]

5. اک ڪاجل، نڪ سل، خنجر نين ختنگ،
مارو ترانوڙي مرگهه جيون اوپي موڙي انگ.

[سندس اکيون ڪجليون، نڪ سنهي سوراخ وارو ۽ اکيون تلوار مثل آهن. منهنجي مارو (محبوب) جڻ ٿهندڙ هرڻ وانگر، ڪر موڙي ناز سان پئي نهاري.]

6. پاتر پينڊي، پينگهه ڏن، ونءِ واسينگان جيون وٽ،
ڍولا! تميٽي مارو، جيون پلي گهوڙي ڪا نٽ.

[سنهي پنڊي، پينگهه جي لوڏ، ۽ رفتار ۾ انتظار يا نازن سبب واسينگن وارا وٽ ۽ پيچ: اي ڍوليا! تنهنجي مارو کي جڻ پلي گهوڙي وارا گهُنڊ ۽ ناز آهن!]

7. پاتر پهرڻ، پل چڙهڻ، پوم تريان اُتم ڪل،
لالچ ڪيٽي نہ ليٽا، ڍولا! لکيا لاڀيا ول.

[نازڪ نفيس ڪپڙا پهرڻ ۽ اهڙين پلين گهوڙين تي چڙهڻ جن جو ٻڻ روءِ زمين جي ٻٽن ۾ اُتم آهي، ڍوليا! اهو بخت لالچ ڪندي نہ ملي، البت لکيي سان نصيب ٿئي.]

### (٣) سورهن ۽ ٻارهن سينگار

مٿي سينگار جي اصولي نظريہ توڙي هندي شاعريءَ ۾ "سورهن سينگارن" جي اصطلاحي معنيٰ تي روشني وڌي وئي آهي. "شرنگار رس" جي محرڪات جي اصولي نظريہ موجب عورت جي فطري حسن جا اوصاف توڙي ظاهري ساٿ، "سينگارن" ۾ شامل آهن. ملڪ محمد جائسي پڻ پدماوت جي فطري حسن جا اوصاف بيان ڪندي سورهن سينگار جو نالو ڪنيو آهي. مگر هندي شاعريءَ ٻني پوئين تڪلف ۽ تصنع واري دؤر ۾ غالباً هندي شاعرن محض عورت جي ظاهري سينگارن کي ڳايو ۽ انهيءَ ڪري اديبن ۽ لغت نويسن "سورهن سينگارن" جي تشريح ڪندي انهن جو تعلق محض عورت جي ظاهري سينگارن سان ئي ڄاڻايو. البتہ پليٽس (Platts) پنهنجي "هندستاني لغت" ۾ لفظ "سنگار" هيٺ "سولهہ سنگار باره آڀرَن (يا آبرَن)" جو اصطلاح بنا تشريح جي ڏنو آهي، ۽ لفظ "آڀرَن" يا "آبرن" جي معنيٰ لفظ "آڀرن" هيٺ هن طرح ڄاڻائي آهي. "جواهرات زيور زيب وزينت." ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ "آڀرن، يا "ابرن" جو لفظ هندي ٻوليءَ ۾ ٻارهن قسمن جي ڳهن ۽ زيورن جي معنيٰ ۾ آيل آهي. آيا اهو لفظ هندي شاعرن بہ استعمال ڪيو ۽ محبوب جي سينگارن کي واڪاڻيندي انهن ٻارهن قسمن جي ڳهن ۽ زيورن جو بہ ذڪر ڪيو اهو اسانکي معلوم نہ ٿي سگهيو آهي. ممڪن آهي تہ هندي شاعرن محبوب جي ٻارهن قسمن جي زيورات جو ذڪر پنهنجي اشعار ۾ ڪيو هجي، مگر غالباً سندن اهو مضمون مشهور ڪونہ ٿيو.

بعد ۾ جڏهن هندي عشقيہ شاعريءَ جا عنوان سگهڙن جي رس رهاڻ جا موضوع بڻيا تڏهين سندن سگهڙپائي انهن کي سموهي سنواري نوان معنوي نقطا ايجاد ڪيا. اسانجي خيال ۾ اهو سنڌ ۽ ٿرپارڪر جي سگهڙن جو انوکو تخيل هو جن انهن عنوانن کي نئون رنگ ڏنو بلڪ منجهن نئين جان پيدا ڪئي. هنن "سنگار رس" جي اصلي نظريہ توڙي "سورهن سنگارن" جي پوءِ واري اصطلاحي معنيٰ، يعني "فطري حسن" ۽ "ظاهري سينگار" جي ٻنهي عنوانن کي پنهنجي نئين تخيل ۾ سموهي "سورهن ۽ ٻارهن سينگارن" جو هڪ نئون نظريو قائم ڪيو جنهن موجب "سورهن سينگار" عورت جي فطري حسن سان مخصوص ڪيائون، ۽ باقي "ٻارهن سينگار" عورت جي جڙتو جنسارن سان مخصوص ڪيائون. جيتوڻيڪ انهن ٻارهن بناوتي سينگارن لاءِ هندي لفظ "ابرن" مان صفت "ابر نوي" استعمال ڪيائون، مگر سندن هن تقسيم جو بنياد غالباً "شرنگار رس" جي نظريہ تي ٻڌل هو جنهن موجب "شرنگار رس" جي اساسي محرڪ (عورت) جي جوانيءَ کي چمڪائڻ لاءِ جملي 28 اوصاف مقرر ڪيا ويا هئا جن ۾ ناز و ادا، فطري حسن، توڙي ظاهري سينگار شامل هئا. هنن سگهڙن چڻ انهن اٺاويهن وصفن کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪري، 16 اوصاف فطري حسن لاءِ مخصوص

ڪيا ۽ 12 اوصاف عورت جي پنهنجي سينگارن لاءِ مقرر ڪيا. انهيءَ تقسيم جي علاوه هنن سگهڙن انهن ٻنهي قسمن جي تشريح ڪري سورهن ۽ ٻارهن سينگارن مان هرهڪ جي سڃاڻپ جا اصول مقرر ڪيا. اسانجو هيءُ خيال تہ غالباً اهو نئون نظريو سنڌ جي سگهڙن پيدا ڪيو هن حقيقت تي مبني آهي تہ انهيءَ نظريہ جي وضاحت ۾ جي اشعار ملن ٿا تن جي ٻولي ۽ اسلوب بيان ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي تخيل جو دخل آهي، جيئن تہ هيٺين تشريح مان واضح ٿيندو.

## (الف) سورهن فطري سينگار

هن نئين تخيل موجب، "سورهن سينگارن" جو اصطلاح خاص طرح حسن جي سورهن فطري وصفن لاءِ مخصوص ٿيو ۽ انهن سورهن فطري وصفن جي تقسيم هن طرح ڪئي وئي تہ:

"چار چَلنت، چار اُڏنت، چار ڦول، ڦل چار،
اهي سوُرنهن ئي سينگار، اٻرنوي اٺ چار."

يعني تہ محبوب حسن جي سورهن فطري وصفن سان سينگاريل هجي، جن مان چار وصفون زمين تي هلندڙ جاندارن (چلنت) واريون سهڻيون وصفون هجن، چار وصفون اڏامندڙن (اڏنت = پکي وغيره) واريون هجن، چار وصفون گلن (ڦول) واريون هجن، ۽ چار وصفون ڦلن (ڦل) واريون هجن، حسن جا فطري سينگار اهي ئي سور هن آهن. باقي ابرنوي يعني بناوتي سينگار پيا جدا ٻارهن (اٺ + چار) آهن.

سورهن سينگارن جي مٿين اصولي تشريح نهايت ئي شاندار آهي. اول تہ سورهن وصفن کي چئن مقرر قسمن ۾ ورهائي انهن جي سڃاڻپ کي زياده واضح ڪيو ويو آهي، ٻيو تہ انهيءَ سڃاڻپ جون فقط وسيع حدون مقرر ڪيون ويون آهن. هنديءَ ۾ "سورهن سنگار" جي وضاحت وانگر هرهڪ وصف جو نالو وٺي هر وصف کي محدود ڪونہ ڪيو ويو آهي. هندي اديبن ۽ لغت نويسن جي تشريح موجب سورهن سينگارن جا نالا جيتوڻيڪ مختلف نظرين موجب مختلف آهن تہ بہ هر حالت ۾ مقرر ٿيل آهن جنهنجي معنيٰ تہ هر شاعر محض اهي ئي مقرر ڪيل سينگار پنهنجي شعر ۾ بيان ڪري سگهي ٿو. مگر هن نئين نظريہ موجب سنڌس آزاد تخيل لاءِ ڪافي ڪشادو ميدان ڇڏيو ويو آهي، شاعر ڪهڙن بہ جانورن، پکين، گلن يا ميون جون ڪهڙيون بہ چار سهڻيون وصفون تشبيهہ طور آڻي سگهي ٿو. مثلاً هڪ سگهڙ اهي سورهن وصفون هن طرح بيان ڪيون آهن.

مرگهہ جون ماٿے نين ھے، ڪٽ چيتے بنراج،
گهنگهٽ وانُ ڪو تريءَ ڪو، درگهہ چالے گجراج.

[مرگهہ = هرڻ. ڪٽ = چيلهہ. بنراج = شينهن. وان ڪو = اُن جو. تري =گهوڙي
درگهہ چالي = آهستہ ڊيگهہ وارا قدم کڻي هلڻ. گجراج = هاٿي. هن مصرع ۾ سگهڙ محبوب
جي حسن جون چار جانورن واريون فطري وصفون بيان ڪندي چوي ٿو تہ: پيشانيءَ ۾ هرڻ
واريون اکيون اٿس ۽ چيلهہ چيتي شينهن جهڙي سنهي اٿس. سندس گهنڊ ۾ ناز ڀلي گهوڙي
جهڙو آهي. ۽ سندس خرامان خرامان ٽور هاٿي جي سهڻي هلڻي وانگر آهي.]

ناس ڪيل، ڪوڪيل بولي، ڪنٺ گلے سر مور،
پرون سجن کے سيام ھيں، جون چمپا تي پونر.

[ڪيل = چتون. ڪوڪيل = ڪوئل. ڪنٺ = ڳچي. سيام = ڪارا.
چمپا = چنبيلي گل. هن مصرع ۾ سگهڙ محبوب جرن پکين واريون چار وصفون بيان
ڪندي چوي ٿو تہ سندس نڪ طوطي جهڙو بولي ڪوئل جهڙي مٺي، ۽ ڳچي مور جي ڪنڌ
جهڙي ڊگهي ۽ سنهي آهي. سڄڻ جا پرون اهڙا ڪارا آهن جئن جڻ چنبيلي جي سفيد گل
تي پؤنر ويٺا آهن.]

آڌر ڪپول گلاب ھيں، ڪيس سوسن ڪي ريهہ،
ڪيسر روپ، مکهہ ڪنول، اٿهہ ساجن وصل لے.

(اڌر = چپ ڪپول = ڳل ڪيس = وار. سوسن = ڪارو گل. ريهہ = ليڪون
(ڪاريون). ڪيسر = گل زعفران. ڪنول = گل نيلوفر. هن مصرع ۾ سگهڙ محبوب جون
گلن واريون چار وصفون بيان ڪندي چوي ٿو تہ : لب ۽ رخسار گلاب جي گل وانگر لعل آهن.
۽ وار سوسن گل وانگر ڪارا آهن. بدن جو رنگ ڪيسر مثل ڳاڙهو ۽ منهن ڪنول جي گل
وانگر سهڻو ۽ ٻهڪندڙ آهي. اهڙي حسن وارا سهڻا سڄڻ! اٿي ڪو وصل جو لطف وٺ.)

ڪر ڪيلي، دچن انار ھيں، اُري سوپاري تان،
استن ڪامن ناريل ھيں، آنگيا سوپيا ماں.

[ڪر = ڪرايون. دچن = ڏند اُري = ڪڙي. تان = وانگر. استن = پستان.
انگيا =چولي. سوپيا = سونهن. هن مصرع ۾ سگهڙ محبوب جون چار ڦلن واريون سهڻيون
وصفون بيان ڪندي چوي ٿو تہ سندس ڪرايون ڪيلي جي ڦريءَ جهڙيون آهن. ڏند ڏاڙهون
جي داڻن جهڙا آهن. ۽ پير جي ڪڙي سوپاري جهڙي گول ۽ ننڍي آهي. ڪامڻيءَ جا پستان
سندس سهڻي چولي اندران جڻ ناريل آهن.]

مٿين مصراعن جي پڙهڻيءَ جو مدار لس ٻيلي جي سگهڙن جي روايت تي آهي.
مرحوم آخوند عبدالرحيم وفا پڻ پنهنجي هڪ قلمي بياض ۾ اهي اشعار قلمبند ڪيا آهن ۽
سندس روايت ۾ ٻي مصرع (جنهن ۾ پکين واريون وصفون شمار ڪيل آهن) جي ٻي سٽ هن

طرح آهي تہ "تريهر چيها ڪي شام هين جيئن چنپا تي پؤنر". مگر انهيءَ پڙهڻيءَ مان ڪو صاف مطلب ڪونہ ٿو نڪري. سنڌ جي ٻين موجوده سگهڙن کي اهي مصراعون بالڪل ناقص نموني ۾ ياد آهن. ٻي مصرع جي ٻيءَ سٽ ۾ سندن متفقہ روايت موجب "چرن چيهي جهڙا" واري مشابهت هئڻ گهرجي، يعني تہ محبوب جا پير اهڙا لعل رتل هجن جهڙا چيهي پکيءَ جا پير. مجموعي طور مٿيون مصراعون هندي ٻوليءَ جي اسلوب بيان ۾ چيل آهن ۽ انهيءَ ڪري يا تہ سنڌ ٿرپارڪر جي ڪنهن وڏي سجاڳ سگهڙ جون چيل آهن يا تہ ٻاهرئين ڪنهن سگهڙ جون آهن. البتہ "گهنگهٽ وان ڪو تريءَ ڪو" واري جملي ۾ "تري ڏاتڪي" محاوري جو ذرا عڪس نظر اچي ٿو ۽ "اٿهہ ساجن وصل لے" واري فقره ۾ "سجن" جي بدلي "ساجن" ۽ خاص طرح عربي لفظ "وصل" جو استعمال خالص هندي بيان جي برعڪس آهي. ازانسواءِ ٻي مصرع جي ٻي سٽ جي ڏنل پڙهڻي جيڪڏهن صحيح آهي تہ پوءِ ان ۾ "ڀرون" (ف ابرو) جو لفظ جڻ سنڌي ٻولي جو لفظ آهي ۽ پڻ ڀرون جي ڀونئر سان تشبيهہ خاص طرح سنڌي تخيل مطابق آهي. "ڀؤنر ڀرون ڪارا" جو فقره تہ سنڌ ۾ زبان زد عام آهي، مگر سنڌي شاعرن جي شعر مان پڻ هن تشبيهہ جا ڪيترائي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا، جئن تہ:

- "لڪ ليئي، آهر ڪپون ڀروان ڀؤنر ڀوَنگ" (جلال)
- اُلڊه انگ عجيب جا، ڀؤنر ڀرون ٻنسئا" (دوس محمد)
- "ڀرون تنهن جا ڀؤنر جان، اکيون ميگهہ ملار" (خضر)
- "ڳنگوؤرن ڪرائيون، ڀرون ڀؤلر ڀونگ" (سليمان)

مگر هندي شاعريءَ ۾ ڀرن جي ڀونئر سان تشبيهہ عام مروج ناهي. خصوصاً ڪنول يا چنبيلي گل تي ويٺل ڀؤنر کي هندي شاعري محبوب جي اکين سان تشبيهہ ڏني آهي، جئن تہ هنديءَ جو استاد شاعر ملڪ محمد جائسي پد ماوت راڻي جي حسن جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ:

نين چتر دے روپ چتيرے،
ڪنول پتر پر مدهڪر ڦيرے.

(محبوب جون هوشيار تيز نظر اکيون ۽ حسين چهرو ائين ڀيو معلوم ٿئي جو جڻ تہ ڪنول گل جي پن تي ڀؤنر ويٺو آهي.)

فطري حسن جي 16 وصفن کي ڪن سگهڙن وري هن طرح شمار ڪيو آهي تہ:

مرگهہ نين، ڪيهر لڪ، اسپ گهونگهٽ، گج گام،
ڪوئل ٻلي، طوطي نڪ، مور ڳچي، پاريور قدام،
سوسن بال، مک ڪنول، ڏند چنبيلي، اڌر گل لالانام،
اونڌ سوپاري، نيبو ڀيپهل، مگ ڦر انگلي، ٺڏي آم.

يعني تہ هرڪ جهڙيون اکيون، شينهن (چيتي) جهڙي سنهي چيلهہ، گهوڙي واري گهُنڊ ۽ ناز هاٿي واري سهڻي تور ڪوئل جهڙي مني ٻولي، چتون جهڙو ڪنڊيو نڪ، مور جهڙي سهڻي ڳچي ۽ ڪبوتر جهڙا گلابي پير، سوسن گل جهڙا نرم ڪارا وار ڪنول گل جهڙو سهڻو منهن، چنبيلي گل جهڙا سفيد ڏند ۽ لالہ جي گل جهڙا لعل لب، سوپاريءَ جهڙي گول ننڍي ڪڙي، ليمي جهڙا پستان، مڱ جي ڦريءَ جهڙيون سنهيون آڱريون، ۽ انب جي هيٺين چوٽي جهڙي سهڻي ڪاڏي

**(ب) ابرنوي يا ٻارهن بناوتي سينگار:** اسان مٿي چئي آيا آهيون تہ پليٽس جي "هندوستاني لغت" ۾ "سولهہ سنگار بارهہ ابرن (يا ابرن)" جو اصطلاح ملي ٿو ۽ "ابرن" جي معنيٰ "جواهرات زيور، زيب و زينت" ڏنل آهي. سنڌ جي سگهڙن "ابرن" مان "اَبرَنوِي" (يعني "ابرن" سان تعلق رکندڙ) صفت بنائي اهو نالو عورت جي ٻارهن بناوتي سينگارن کي ڏنو. ڪنهن سگهڙن هيٺيس نظم ۾ اهڙن ٻارهن سينگارن جا مثال ڏنا آهن.

1. بُوڪَن، ڪئنچن قسم ڪي ست پاٽر نئ نار.
2. ڪاٽ سَنوارَت، ٻيني، رپ، بن چوڏو بازار.
3. درپن شاهي سَجُوَ ڪي، سينڌُر سينڌ سينگار.
4. چوئا، چندن، ميندي، تيل، اے سب ڪامن ڪي ڪار.
5. سنت ڪهي سچ بوليا، هے آبرَنوي اٺ چار.[1]

يعني ١. ڪپڙا (بوڪن = بوچن) ٢. زيور (ڪئنچن = ڪنچن = سون) اهي ٻئي قسم قسم جا. ٣. سرمون (ست پاٽر = پٽر جو پٽ = سرمون جو ڪاٺين مان نڪري ۽ هڪ قسم جو پٽر آهي) جو عورت جي اکين ۾ سونهي ٤. ڦٽي (ڪاٽ جي ڦٽي جا وار سنواري) ٥. ڏوري يا سينڌ (ٻيني رپ = نڪ جي آفت ڏوري بہ نڪ جي مٿان ٻيهي، ۽ جي سينڌ ڪڍجي

---

[1] هن نظم جون بہ ٽي روايتون آهن. 1 ۽ 2 مصرع سڀني روايتن ۾ متفقہ طور آيل آهن. باقي پوين ٽن مصراعن جي روايتن ۾ اختلاف آهي. انهن مصراعن جون بہ مکيہ اختلافي روايتون هيٺ ڏجن ٿيون.

(الف) ڏر پٽ شاهي سُجر ڪي، سنڌر سينڌ سينگار
عطر، ميندي، تيل، اے سب ڪامن ڪي ڪار
سچ ديکيا جو ڪچ ڪها، ابر نوي اٺ چار.

(ب) سياهي، سرخي سب رنگ قد ڪامن ڪي ڪار
چوئا، چندن، ميندي، سينڌر سينڌ سنوار
سنت ڪهي، سچ بول ہے، هي ابر (ن) يي اٺ چار.

تہ ٻہ نڪ مٿان سڏي آگر مٿي ڏيئي ان جو نشان ڪجي) ٦. مساڳ (ٻن چوڏو = وڻ جو چوڏوا) لبن جي لالائي لاءِ ٧. وڏي آرسي (درپن) جا جواني کي چمڪائڻ ۾ يا سينگار جي تياري ۾ مدد ڪري (سجوون =جواني ماٽيندڙ جواني وارو. سجوانا = تيار ڪرڻ، تياري ڪري رکڻ) ٨. سينڌن جو سينڌ جو سينگار آهي ٩. خوشبوءِ دار چوئو.١٠. چندن يا سر کنڊ جو پيشاني تي ملجي ١١. ميندي جا هٿن پيرن کي لائجي، ۽ ١٢. تيل هر قسم جو جو وارن ۾ وجهي يا خوشبوءِ ۽ چمڪ خاطر منهن تي مکجي اهي جملي شيون ڪامڻ (ڪامڻي) جي ڪم جون آهن. درويش چوي ٿو تہ مون سچ چيو آهي تہ "ابرنوي" يا بناوتي سينگار ٻارهن (اٺ + چار) ئي آهن.

مٿين مصراعن ۾ "ڪاٺ سنوارت"، "ٻن چوڏو"، "سينڌ" ۽ "اٺ چار" جا الفاظ سنڌي آهن ۽ ازانسواءِ قسم بيني ۽ شاهي جهڙا عربي ۽ فارسي الفاظ بہ ڏيکارين ٿا تہ هي نظم سنڌ جي ڪنهن مسلمان سگهڙ جي شگفتہ طبع جو نتيجو آهي.

## نتيجا

مٿي ڏنل ٽن عنوانن، يعني١. پدمڻي جي وصفن، ٢. "ڍول مارو" جي افساني وارن شعرن ۽ ٣. سونهن ۽ ٻارهن سينگارن، جي وضاحت مان معلوم ٿيو تہ هندي عشقيہ شاعري جا مضامين ۽ عنوان سڄاڳ سگهڙن ذريعي سنڌ تائين پهتا. سنڌ جي سگهڙن پنهنجي هڪ مڪاني افساني "ڍول مارو" توڙي هندي ادب جي عنوانن ذريعي پنهنجي انوکن خيالن کي هندي اسلوب بيان ذريعي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ خاص طرح عورت جي سينگارن جي "سورهن ۽ ٻارهن" واري تقسيم کي پنهنجي انوکي تخيل ذريعي نئين تشڪيل ڏني. اهو وچ وارو دؤر هو جڏهن هندي مضمونن ۽ عنوانن ۾ سنڌي تخيل جي آميزش سان نوان نقطا پيدا ٿيا. تاريخي لحاظ سان غالباً اهو ڪلهوڙن کان اڳ ۽ ڪلهوڙن جو اوائلي دؤر هو. انهيءَ دؤر ۾ سنڌي سگهڙن اڃا پنهنجي خيالن کي هندي اسلوب بيان ۾ اظهار ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. اندازاً ميان نور محمد ڪلهوڙي جي ايامڪاريءَ کان سنڌي جي پختہ مشق شاعرن هنن عنوانن تي خاص سنڌي زبان ۾ پنهنجا شاعرانہ جوهر ڏيکارڻ شروع ڪيا، ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ مستقل طور فن "سينگار" جو بنياد رکيائون.

●●●

ڊاڪٽر غلام علي الانا

# سنڌي ڊرامن جي روشنيءَ ۾ سنڌي سماج جو مطالعو

## STUDY OF SINDHI SOCIETY IN THE LIGHT OF SINDHI DRAMAS

**Dr. Ghulam Ali Allana**
Professor Emeritus,
University of Sindh, Jamshoro.

**ABSTRACT**

History records that Sindhi Society is very old, its roots have been traced by valley. The characteristics of this society have always been effected by change of time and history. The old, customs of Sindhi society have always been influenced and replaced by new customs of society along with the change of time and culture.

The writers of Sindhi literature are real exponent of Sindhi society. They have expounded an various problems faced by the Sindhi society. They have played their role toward creating awakening among the people of society.

The dramas written before or after partition of India convey moral message to the society. In such dramas, the story of founded on the ethical conception of the struggle between good and will in the life of man or disagreement with the retrogressive customs of society and many other social problems and missing of common folk. All the dramas written have designed all the social customs and problems prevailed in Sindhi society.

ڪنهن بہ قوم يا قبيلي جا هڪ کان وڌيڪ ماڻهو پاڻ ۾ گڏ رهن تہ اهڙي رهڻ جي طريقي کي ان قوم جو سماج چئبو آهي.

هر قوم ۽ قبيلي کي پنهنجون ريتيون رسمون ۽ پنهنجا پنهنجا سماجي قاعدا ۽ قانون هوندا آهن. اسان جڏهن سڄيءَ سنڌ کي مجموعي طور کڻون ٿا، تڏهن مجموعي طور سڄيءَ سنڌ جو سماج يا سنڌي سماج هڪڙوئي ليکبو. سماجي طور سڄيءَ سنڌ لاءِ هڪڙوئي قانون هوندو البت ان ۾ هندو سماج ۽ مسلم سماج جو فرق نمايان آهي.

اهڙيءَ طرح سنڌي سماج جي اصولن موجب، سڄيءَ سنڌ لاءِ يا سنڌ جي سڀني ماڻهن لاءِ سواءِ ڪنهن مت ڀيد جي، سواءِ ڪنهن ننڍ وڏائيءَ جي تميز جي، هڪڙوئي قانون

آهي. شادين جون رسمون، سڱ ڪرڻ جا رواج، ڏيٽي ونٽي ۽ اهڙيءَ طرح موت جون رسمون ٿلهي ليکي هڪجهڙيون هونديون آهن، پر جيئن جيئن سماج اندر غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته هر قوم ۽ قبيلي جا ڪي پنهنجا اصول هوندا آهن. پنهنجا قانون هوندا آهن ۽ پنهنجي سماج جا پٻنڌڻ هوندا آهن، ۽ ان قبيلي کي سندس سماج موجب پابند رهڻو هوندو آهي. مثال طور سنڌ ۾ بلوچ ڪنهن غير بلوچ کي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ وسئون ڪونه ڏيندو. پنهنجي پٽ لاءِ پنهنجي معيار کان گهٽ درجي واري غيربلوچ کان سڱ نه وٺندو. اهڙيءَ طرح سيد ڪنهن غير سيد کي ڌيءَ جو سڱ ڪونه ڏيندو پر سيد ڪنهن غير سيد ڇوڪريءَ سان شادي ڪري سگهي ٿو. اهڙا رواج ڪن ٻين قبيلن سان پڻ لاڳو آهن.

سنڌي سماج ۾ ائين به آهي ته ڪو سرمائيدار پنهنجي حيثيت کان گهٽ حيثيت رکندڙ ماڻهوءَ کي پنهنجي ڌيءَ يا ڀيڻ جو سڱ نه ڏيندو. زميندار پنهنجي ڌيءَ يا ڀيڻ، پنهنجي هاريءَ يا هاريءَ جي پٽ کي، يا ڪمدار جي پٽ سان نه پرڻائيندو پر هو پنهنجي ڪمدار يا هاريءَ جي حسين ڀيڻ يا ڌيءَ کي زوريءَ ويهاريندو ۽ سريت ڪري رکندو.

سنڌي سماج جيتوڻيڪ هڪ قديم ترين سماج آهي، پر ان جا قدر ماحول ۽ وقت سان گڏ مٽبا رهيا آهن. پراڻا قدر نون قدرن کي جاءِ ڏيندا رهيا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌي سماج ۾ ڪڏهن به جمود نه رهيو آهي، منجهس هر دور ۾ تبديليون ايندڙيون رهيون آهن. جنهن جو ثبوت آمريءَ جي دڙي، ڪوٽ ڏجي، هڙاپا ۽ موهن جي دڙي جي ماڻهن جي سماج ۽ سماجي مطالعي، ڀنڀور برهمڻ آباد، ڪاهوءَ جي دڙي، سڏيرن جي ٽل مان لڌل سامان جي مطالعي، ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي وغيره جو پتو لڳي ٿو.

سنڌ ۾ انسانذات جي ارتقا جا ڪئين ثبوت مليا آهن. جن مان پٿر جي دؤر جي انسان جي سماج، آباديءَ جي ابتدا ۽ ارتقا، ۽ پٿرن مان ٺهيل هٿيارن ۽ اوزارن، اهڙيءَ طرح کاڌي جي تلاش ڪندڙ ۽ خوراڪ گڏ ڪندڙ (Food collecting) انسانن ڍنڍن جي ڪنارن ۽ درياء جي ڪنڌيءَ تي آبادي جي ابتدا، زراعت وغيره جي گهڻي معلومات ملي ٿي(1).

پٿر جي اوائلي دؤر وارو انسان ننڍين ننڍين ٽولن ۾ جبلن جي اوٽ ۾ رهندو هو. هو کاڌي جي تلاش (Food collecting) ۾ سرگردان رهندو هو. ان دؤر جي انسان جو کاڌو وڻن جا ميوا ۽ ڪچڙيون پاڙون هوندو هو. هو جانور شڪار ڪري ان جو گوشت کائيندو هو(2).

ماهرن جي راءِ موجب پٿر جي دؤر جو انسان ڪافي سمجهه رکندو هو. ان جيئڻ خاطر ڪي وسيلا به اختيار ڪيا هئا. انهن وسيلن مان هڪ وسيلو پٿرن مان مختلف قسم جا اوزار ٺاهي پنهنجي گذر و معاش لاءِ جتن ڪرڻ هو. اهڙيءَ طرح جيئن جيئن وقت گذرندو

ويو ۽ ان انسان جون ضرورتون وڌنديون ويون. تيئن تيئن هو نئيون نئيون شيون ايجاد ڪندو ويو ۽ زندهہ رهڻ لاءِ نوان نوان جتن ڪندو ويو. پٿرن کان سواءِ هو هڏن کي بہ استعمال ۾ آڻڻ لڳو هو. ان مان بہ ضروري سامان ناهڻ لڳو. گويا پنهنجي روزانہ زندگيءَ ۾ بتدريج ڪيئي تبديليون آڻيندو ويو. روهڙيءَ جي ٽڪريءَ، نئنگ، ٿرڙي ڪوٽ ڏجي، هڙپا ۽ موهن جي دڙي جي قديم معاشري مان پٿرن جي اوزارن، هڏن جون شيون، لوهہ جي سامان، مٽيءَ جي برتنن کان سواءِ ٻيو بہ ڪافي سامان جهڙوڪ مڇي ڦاسائڻ جون ڪنڍيون، ڀالا ۽ تير ڪمان مليا آهن. انهيءَ سامان جي اڀياس کان پوءِ چئجي سگهجي ٿو تہ سنڌو ماٿر ۾ رهندڙ انسان 3500 ق. م. تائين سماج ۾ اهڙي منزل تائين پهچي چڪو هو جو ان کي ماهرن سڌريل تهذيب، سڌريل معاشري وارو انسان تسليم ڪيو آهي(3).

ماهرن جي رپورٽن مان معلوم ٿو ٿئي تہ ان دؤر وارو انسان اگهاڙو ڪونہ گهمندو هو پر هو شاندار لباس پائيندو هو. هو ڪپڙو اُڻي ڄاڻندو هو(4). هو ماهر ڪاريگر هوندو هو. ڪنڀارڪي ڌنڌي، لوهارڪي ڌنڌي، ڪورڪي ڌنڌي، رنگريز جي ڌنڌي، ماهيگيري ۽ تجارت توڙي واپار ۾ ڪافي ترقي ڪري چڪو هو.

جڏهن سنڌي سماج تي نظر وجهجي ٿي تہ معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌ ۾ هوندي بہ هندو سماج جا مسئلا الڳ آهن تہ مسلم سماج جا مسئلا الڳ ۽ پر مجموعي طور ڪجهہ مسئلا جيڪي طبقاتي مسئلا آهن، سي سڄيءَ سنڌ لاءِ ساڳيا آهن. اهڙن مسئلن ۾ زميندار ۽ هاريءَ جي وچ ۾ ڪشمڪش، ڪارخانيدارن ۽ مزورن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ، سرمائيدارن ۽ غريبن جي وچ ۾ فرق، ٽوٽا ڦيٽا، پير پرستي، قبر پرستي، شادين جا مسئلا، گهرو مسئلاـ جهڙوڪ سس ۽ ننهن جو جهيڙو، ڪرڙوڊ ماڻهوءَ جي نابالغ يا ننڍي نينگريءَ سان شادي يا ان جي ابتڙ، حق بخشائڻ، بدو ڏيڻ ۽ پيٽ لکي ڏيڻ وغيره اهڙا مسئلا آهن، جن جي مطالعي سان سنڌي سماج جي فطري، سماجي، اقتصادي ۽ قومي لاڙن جو پتو پوي ٿو.

سنڌي سماج ٽن طبقن ۾ ورهايل آهي. هڪڙو شاهوڪارن جو طبقو جنهن ۾ زميندار، وڏيرا، سرمائيدار، ڪارخانيدار، ڪامورا، مير، پير ۽ وڏا واپاري اچي وڃن ٿا، ٻيو وچيون طبقو جنهن ۾ گهڻو ڪري نوڪرين وارا، وچولي طبقي وارا واپاري، ڊاڪٽر ۽ وڪيل وغيره اچي وڃن ٿا. ٽيون طبقو اهو آهي، جنهن ۾ هاري ناري، مزور، پورهيت، ڪاريگر ۽ محنت ڪش ماڻهو اچي وڃن ٿا. اهو هيٺيون طبقو سڏجي ٿو.

انهيءَ طبقاتي فرق ۽ ڦير سنڌي ۾ اوچ_ نيچ واري نظريي کي گهڻو اُڀاريو آهي، پر هاڻ سماجي بيداريءَ، وچئين طبقي سان گڏ، هيٺئين طبقي کي پڻ سجاڳ ڪيو آهي. شاعرن ۽ اديبن انهن موضوعن تي گهڻو لکيو آهي. انهن جي شاعريءَ، ڪهاڻين، ناولن ۽ ڊرامن ۾ سماج جي انهن طبقن طرف نشاندهي ڪئي آهي. انهن شاعرن ۽ اديبن، اهڙن

عنوانن کي پنهنجي مختلف صنفن جو موضوع بنايو آهي. مثال طور سنڌ جو هاري هميشہ زميندار جي ظلم هيٺ رهيو آهي. اهو ساڳيو حال پورهيتن ۽ محنت ڪش ماڻهن جو رهيو آهي. سنڌ تي گهڻو ظلم وڏيرڪي نظام جي ڪري بہ ٿيو آهي. هن نظام موجب هاريءَ جي پگهر جي پورهئي تي وڏيرو عيش ڪري ٿو. هن جي نظر ۾ هاري هن جي رحم وڪرم تي جيئي ٿو انهيءَ ڪري هاريءَ جي هر شيءِ هن جي نظر ۾ هن جي ملڪيت آهي. اهڙيءَ طرح ڪارخانيدار مزدور جي رت جي پورهئي تي عيش ڪري ٿو.

سنڌ جو عوام ڪامورا شاهيءَ جي ظلمن جو بہ شڪار رهيو آهي. روينيو کاتي جا ڪامورا، پوليس، آبپاشي کاتي وارا ۽ ٻيلي کاتي جا ڪامورا رشوتن، رسائي ۽ لاپن ذريعي سنڌ جي ماڻهن جو رت چوسيندا رهيا آهن پر هاڻ تعليم کاتو تہ ٻين سڀني کاتن کان اڳيرو آهي. انهن سڀني ڳالهين جو ثبوت سنڌي شاعري، افسانن، ناولن ۽ ڊرامن ۾ ملي ٿو.

سنڌ جي پيرن، پنڊتن ۽ برهمڻن بہ سنڌ جي عوام کي ٺڳڻ ۽ گمراھ ڪرڻ ۾ گهٽايو نہ آهي. سنڌ جو عوام طبيعت جو سادو ابوجهہ ۽ پورو آهي. اهڙن ماڻهن کي نقلي پير سولائيءَ سان ٺڳيو وڃن. اهڙن ماڻهن جو پير پرستيءَ، قبر پرستيءَ، تعويذن ۽ ٽوڻن ڦيڻن ۾ گهڻو اعتقاد رهيو آهي. هو سمجهن ٿا تہ زندگيءَ جو هر مسئلو پيرن ۽ فقيرن کان ئي حل ٿي سگهي ٿو ايتري قدر جو هو گهر جي بيمار ماڻهوءَ کي بہ ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ جي بدران ڪنهن پير جي درگاھ يا زنده فقير يا مولوي وٽ کڻي ويندا آهن ۽ ڌاڳا ۽ تعويذ نهرائي انهن کي ٻڌندا آهن. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي ڪمائيءَ جو اڪثر حصو اهڙن پيرن، فقيرن، مولوين، پنڊتن ۽ برهمڻن جي نذر ڪندا آهن. سنڌي سماج جي اهڙن مسئلن کي سجاڳ اديبن، شاعرن ۽ ڊراما نويسن پنهنجين لکتن ۾ آندو آهي.

سنڌي سماج جي مسئلن ۾ جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ مري ويل پيرن جي قبرن ۽ مزارن تي پڙ چاڙهڻ، نذرانا ۽ نياز ڪيڻ، گهر جي ڪنهن مماتيءَ جي روح جي ثواب لاءِ مولوين ۽ برهمڻن کي ڪارائڻ ۽ ختما ڪيائڻ يا ڏاما ڪارائڻ ۽ برادريءَ ۾ پاڻ کي گهٽ نہ ڏيکارڻ لاءِ عقيقي، طهر، مڱڻي، شادي مرادي ۽ مرڻي تي اڏاري رقم وٺي بہ وڏا خرچ ڪرڻ ۽ پٽ ڪرڻ سنڌ جي عام ماڻهن جا خاص مسئلا آهن.

سنڌ ۾ هڪ هي بہ رواج آهي تہ ڪي ڪٽنب، پنهنجي ئي خاندان اندر يا پنهنجي برادريءَ ۾ ڪو "پوت" نہ هجڻ سبب يا همشريڪ نہ ملڻ سبب پنهنجن نياڻين کي ويهاري ڇڏيندا آهن، ڪي ماڻهو وري پنهنجن نياڻين کي قرآن بخشائي ڇڏيندا آهن. اهي نياڻيون پوءِ گهڻو ڪري نفسياتي مريض بڻجي وينديون آهن. سنڌ جي افسانہ نگارن اهڙن واقعن کي، پنهنجن افسانن جو موضوع بنايو آهي.

سنڌ ۾ سماجي مسئلن جو هڪ بنيادي سبب تعليم جي گهٽتائي پڻ آهي. انساني اوچ نيچ، ذات پات، رنگ نسل، ڪارو ڪاري ۽ ٻيا ڪيترائي سماجي مسئلا، سنڌي علم و

ادب جا موضوع رهيا آهن، جن کي شاعريءَ کا سواءِ نثر ۾ افسانن، ناولن، ڊرامن ۽ ڦصن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

اديب جيڪي ڪجهه ڏسي ٿو يا محسوس ڪري ٿو سو لکي ٿو. اديب پنهنجي دور، ماحول ۽ وقت جو ترجمان رهيو آهي. اديب پنهنجي دور جي سماج ۽ سماجي حالتن ۽ مسئلن جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ انهن جو نقش چٽي ٿو. هو ڪليءَ طرح يا اشارن ڪناين ۽ علامتن ذريعي سنڌ جي سماجي مسئلن جي نشاندهي ڪري ٿو ۽ انهن جا اهڃاڻ ڏئي ٿو. انهن ڳالهين جو ثبوت في الحال هيٺ سنڌي ڊرامن جي مطالعي مان پيش ڪجي ٿو.

## سنڌي ڊرامن جو مقصد، مفهوم ۽ فلسفو

سنڌي ڊرامي ۾ ڪو نہ ڪو مقصد رکيل آهي. ڊراما نويس انهن ۾ روزانہ زندگي جي مسئلن ۽ فلسفن کي بيان ڪيو آهي. سنڌي ڊراما نگار پنهنجن ڊرامن کي اسٽيج، ريڊيو يا ٽي.ويءَ تي تفريح لاءِ يا وقت ڪاٽڻ لاءِ نٿو لکي، پر ان جي آڏو ڪو مقصد آهي. هن جو مقصد پئسو ڪمائڻ بہ نہ آهي. پر هو سماج ۾ اصلاح آڻڻ ٿو چاهي، هو پنهنجي اندر جو آواز ٻين تائين پهچائڻ ٿو چاهي.

بهرحال سنڌي ڊرامن جي مطالعي کان پوءِ انهن ۾ سنڌي سماج متعلق جيڪي مسئلا نظر آيا آهن يا جيڪي مسئلا ڊراما نگارن بيان ڪيا آهن، يا انهن جي نشاندهي ڪئي آهي، اُنهن مان ڪي هي آهن: تقدير جو فلسفو سماجڪ ڪشمڪش جو فلسفو ڏيتي ليتيءَ جو مسئلو هندن ۾ جيئري تي جيئري شاديءَ جو مسئلو دولت جي انڌ جو مسئلو خود غرضي ۽ ويساهہ گهاتيءَ جو مسئلو ڪٽنبي جيوت جو مسئلو تنگدل مائٽن ۽ نئين زماني جي آزادي پسند جوانن جو مسئلو بک ۽ بيروزگاريءَ جو مسئلو پيار جي شاديءَ جو مسئلو وٺشيائن ۽ سندن عاشقي جو مسئلو ججن، وڪيلن ۽ ڪورٽن جا مسئلا، شراب نوشيءَ مان خرابين جو مسئلو رشوت، رسائي ۽ لاڀي جا مسئلا، ڪامورن جا ڦهر، قومي آزادي، هندو مسلم ايڪتا، بنا شادي محبت ڪرڻ مان نڪتل اگرا نتيجا، پوڙهن جو ننڍين نينٽين سان پرڻجڻ، ماٽيجي ماءُ جي ورتاءَ جا مسئلا، سڪڻو هٺ ۽ گهٽي نمائش، زميندارن جا ظلم، ڪلبن ۾ ويندڙ عورتن جا مسئلا ۽ اهڙا ٻيا ڪئين مسئلا آهن جن طرف ڊراما نگارن نشاندهي ڪئي آهي.

انهن سڀني مسئلن جو بيان ۽ انهن جا مثال جيڪڏهن ڏبا تہ هڪ ڏار ڪتاب ٺهي پوندو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي چوڻ موجب: ڪنهن قوم جي ناٽڪي تاريخ جي تپاس ڪبي تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ اوائلي ناٽڪ هميشہ ڌرمي پٺي ٿيا آهن، ڇو جو آڳاٽي زماني ۾ انساني دل ۾ ويساهہ ۽ شرڌا جو انگ ٻين امنگن کان مڙيوئي سرسيرو هو. انهيءَ مطابق ٺي عيسوي سن کان ڪي صديون اڳ، چين، هندستان ۽ يونان ۾ ڌرمي ناٽڪ ٺي ڪيا ويندا هئا.

انگلستان ۾ بہ اهو سلسلو پندرهين صدي عيسوي کان، ڏرمي ناٽڪن سان جاري ٿيو. هندستان ۽ ايران ۾ شهيدن جا ناٽڪ. اسان جي پاڳن پري سنڌڙيءَ ۾ تہ بلڪ 19 صديءَ جي آخر ڌاري جڏهن هندومت ويساهہ ۽ اعتقاد جي جاءِ تي عقل ۽ سمجهہ جو راڄ جاري ٿي ويو تڏهن ڏرمي ناٽڪن سان آرنڀ ٿيو. انهن ڏرمي ناٽڪن کي باريڪ نظر سان جاچجي ٿو تہ هيءَ ڳالهہ پڌري پيئي معلوم ٿئي تہ مکيہ مسئلي جي اپٽار ٿيل آهي تہ "انسان هڪ بيوس ضعيف وٽ آهي ۽ زبردست بيترس تقدير سدائين اتس غالب پئجو ويجي، ۽ کيس عذاب ٿي سهارائي. ساهت ۽ اتهاس جو اپياسي هن ڳالهہ کان بي خبر نہ آهي تہ هر زماني ۾ زندگيءَ جو گاڏو ان زماني جي تقاضا پٽاندر ڪنهن خاص فلسفي جي آڌار تي ٿو گهلجي. اهوئي ڪارڻ آهي جو قديم زماني جا ناٽڪ انهيءَ ظالم تقدير واري فلسفي تي ٻڌل ڏسجن ٿا."(5)

سنڌي ڊرامن ۾، جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي، سنڌ جي روزمره جي زندگيءَ ۽ سماجي مسئلن جو ذڪر آهي. سنڌي ڊراما سنڌي جيون جو وستار آهن. سنڌي ڊراما سنڌي سماج جي حقيقي تصوير ۽ چٽو عڪس آهن. ڊراما نگارن، سماج سڌار بزرگن ۽ آدرشي انسانن وانگر سماجي مسئلن طرف نشاندهي ڪئي آهي. هنن جا موضوع سنڌ متعلق، سنڌ جي ماڻهن متعلق ۽ سنڌي سماج جي روزمره جي مسئلن متعلق آهن. هن ڏس ۾ پروفيسر ملڪاڻي لکي ٿو:

"1923ع ۾ رابندرا ناٿ لٽرري ۽ ڊراما ڪلب برپا ٿيو. هن منڊليءَ پنهنجي آڏو هي ناٽڪي آدرش رکيو تہ جنهن صورت ۾ شيڪسپيئر جي قول پٽاندڙ ناٽڪ جيون جي درسني آهي، تنهن صورت ۾ ناٽڪن ۾ چالو زماني جي هلي چليءَ ۽ دنيا سازيءَ جي مسئلن کي ئي، بنا وڏاءَ ڪرڻ جي پيش ڪرڻ کپي ۽ منجهن پنگتي اوڻاين جي اپٽار ڪري، سڌاري آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهڙيءَ ريت ئي، وندر سان گڏوگڏ سکيا ڏيڻ سان، سماج کي بهتر بنائڻ لاءِ ناٽڪ هڪ زبردست هٿيار بنجي سگهي ٿو چو تہ ڪتابن ۾ ڳالهيون تہ فقط پڙهجن ٿيون پر ناٽڪن ۾ هوبهو اکين سان ڏسڻ سان هزارين دلين تي هڪ ئي وقت زياده تاثر پيدا ٿو ٿئي"(6).

بقول ملڪاڻي صاحب تہ "شيڪسپيئر زندگيءَ جي ان جهوني فلسفي جي برخلاف هو تہ انسان تقدير جو ٻڌو ٻانهو آهي ۽ سندس ڪابہ ڪوشش نرڙ جي لکئي کي ميٽي نہ ٿي سگهي. شيڪسپيئر پنهنجا مڙيئي ناٽڪ هڪ نئين اصول تي ٻڌا تہ انسان جي قسمت سندس سيرت ۾ سمايل آهي ۽ هو پنهنجن ڪرتوتن جي برڪت سان گهڻي قدر پنهنجي قسمت بنائي سگهي ٿو. توڙي ڪن حالتن ۾ سيرت مٿان تقدير غالب پئجيو وڃي ۽ آخر نتيجو مقدر جي وس ٿيو پوي "(7)

تقدير ۽ سيرت سان ڪشمڪش وارن دورن کان پوءِ سماج سان ڪشمڪش وارن ناٽڪن جو درو شروع ٿيو. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جو اهو نتيجو نڪتو جو سماجڪ حالتون ساري جهان ۾ پکڙنديون ويون ۽ اهي مسئلا دنيا جي ٻولين جي ادب جو موضوع بنجڻ لڳا.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي ڪري پيدا ٿيل سماجي مسئلن جو اثر سنڌ تي پڻ ٿيو. ڪئين سماجي اوڻاين طرف اشارا ڪرڻ لاءِ شاعرن ۽ اديبن، پنهنجن شعرن، افسانن، ناولن ۽ ڊرامن جو موضوع بنايو. سڀني کان زياده وڌندڙ مسئلو ڏيتي ليتيءَ جو هو(8). انهيءَ مسئلي تي جيڪي ڊراما لکيا ويا، انهن مان هڪ ڊرامو "گلاب جو گل" هو(9). ڏيتي ليتيءَ واري مسئلي خلاف هي پهريون مڪمل ناٽڪ هو جنهن ۾ گهرو جيوت جا واقعا ڏيکاريل هئا. ۽ سس ۽ ٽٻان جي لالچي ڪارنامن جا چٽ اهڙا تہ هوبهو چٽيل هئا جو هي ڊرامو جڏهن اسٽيج تي ڏيکاريو ويو تڏهن ماڻهو جنسي ڏڪ پئي پريا(10).

هندو سماج ۾ ڏيتي ليتيءَ جو مسئلو هميشہ هڪ اهم مسئلو رهيو آهي. هن مسئلي ڪري يا تہ نياڻن جون زندگيون تباهہ ٿي ويون ۽ يا تہ ڪٽنبن جا ڪٽنب چٽ ٿي ويا. هن مسئلي تي ڪيترائي ڊراما لکيا ويا ۽ اسٽيج تي ڏيکاريا ويا. انهن ۾ ديوان لالچند امرڏني مل جڳتياڻيءَ "سيٺ ڪي ويڻ" (1906ع) ۽ "نقد رقم" (1911) نالي ڊراما لکي ڏيتي ليتيءَ جهڙي بري رواج تي تنقيد ڪئي(11).

اهڙيءَ طرح پروفيسر خوشيرام "ڏوهي ڪير" نالي ڊرامي ۾ 1938ع ۾ هن موضوع تي لکي، ڏيتي ليتيءَ واريءَ رسم جي عيبن کي اگهاڙو ڪيو(12). اهڙيءَ طرح ڪاڪي پيرومل "پنگتي مقدمو" ڊرامي ۾ هن مسئلي تي تنقيد ڪئي.

سنڌي ڊراما نگارن ۾ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جو نالو انهن بزرگن جي صف ۾ شمار ڪيو ويندو آهي جن سنڌي زبان ۾ گهڻي ۾ گهڻا ڊراما لکيا. ۽ اهي هن گهڻو ڪري ترجما ڪيا. مرزا صاحب سيرت جي مسئلي تي، هندو- مسلم ايڪتا جي مسئلي تي، رشوت جي مسئلي تي، ۽ ٻين سچن ۽ اصلوڪن مسئلن تي گهڻو ئي لکيو. حالانڪ مرزا صاحب گهڻو ڪري سڀ ڊراما ترجمو ڪيا، پر انهن ترجمو ٿيل ڊرامن کي اهڙي نموني، اهڙي رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪيائين جو اهي ڊراما ترجمو ٿيل گهٽ ۽ اصلوڪا وڌيڪ ٿا لڳن.

مرزا صاحب شيڪسپيئر جي ڊرامي Merchant of Venice جو سنڌي ٻوليءَ ۾ "حسنا دلدار" نالي سان ترجمو ڪيو. هن ڊرامي ۾ سيرت جو مسئلو ڏيکاريو ويو آهي. هڪ سچي عاشق جي دل ۾ لالچ نہ آهي تہ سوني روپي صندوق ڇڏي، شيهي جي صندوق پسند ٿو ڪري، جنهن جي ئي اجوري ۾ کيس دل گهري محبوبہ ٿي ملي، جنهن سان هو لائون ٿو لهي ۽ خير جي زندگي بسر ٿو ڪري. مرزا صاحب هن ڊرامي جي ترجمي ۾ سنڌي زندگيءَ جي جهلڪ ڏيکاري آهي، تنهنڪري هي ڊرامو سچو اصلوڪو پيو لڳي.

هن ڊرامي ۾ مرزا صاحب هندو – مسلم ميلاپ جو مقصد پڻ بيان ڪيو آهي، جو اصلوڪي ڊرامي جي مقصد کان ڦريل آهي. اصلوڪي ڊرامي ۾ يهودي عيسائي نفاق وارو مقصد رکيل هو جنهن کي مرزا صاحب ڦيرائي هندو – مسلم ميلاپ وارو مقصد رکيو هو.

شيڪسپيئر جي هڪ پئي الميہ ناٽڪ King Lear جو مرزا صاحب "شاهہ ايليا" (1900ع) جي نالي سان ترجمو ڪيو هو. هن ناٽڪ ۾ بہ سيرت جو سبق ڏيکاريل آهي(13). جنهن ۾ "بادشاهہ ايليا" ڏک ڏاکڙا سهي ٿو ۽ آخر چريو ٿي پوي ٿو انهيءَ ڪري جو پنهنجو سمورو راڄ ڀاڳ انهن ڌيئن کي ورهائي ڏيئي ٿو ڇڏي جيڪي سندس خوشامد ڪن ٿيون ۽ پاڻ لاءِ ڪجهہ بہ نٿو رکي. ايليا ان ڌيءَ کي ڌڪاري ٿو ڪڍي جيڪا سندس خوشامد نٿي ڪري آخر نتيجو اهو ٿو نڪري جو اهي ٻئي ڌيئرون جن کي ورسايو هئائين، سي ڪيس ٻڍاپڻ ۾ تنگدستيءَ جي حالت ۾ در تان ڌڪاريو ڇڏين. ۽ اها ڌيءَ جنهن کي پاڻ ڌڪاريو هئائين، کيس اجهو ڏئي ٿي. مطلب تہ هن اخلاقي ۽ اصلاحي ناٽڪ جو موضوع مائٽن جو خلوص ۽ اولاد جي لالچي ۽ مطلبي هجڻ بابت آهي.

مرزا صاحب لارڊ لٽن جي ڪتاب Night and Morning تان ورتل اردو ناٽڪ "ليل و نهار" جو سنڌي زبان ۾ "فيروز دل افروز" (1905ع) جي نالي ترجمو ڪيو هو. هن ڊرامي ۾ سنڌ جي سماجي زندگيءَ جيڪي منظر چٽيا اٿس، تن هن ڊرامي کي حقيقت نگاريءَ واريءَ يا سچي زندگيءَ وارين خوبين سان ڀري ڇڏيو. مرزا صاحب هوندي بہ تہ هڪ حقيقت نگار هو. مختلف پلاٽن ۽ پردن کي روزانہ زندگيءَ جو روپ ڏيئي، مرزا صاحب هن ڊرامي کي وڌيڪ عوام پسند بنائي ڇڏيو هو. مرزا صاحب جي هن ڊرامي جي باري ۾ پروفيسر ملڪاڻي صاحب لکي ٿو تہ: "هن ناٽڪ ۾ رومانيت سان گڏوگڏ حقيقي زندگيءَ جا ڪارناما پڻ چٽيل هئا. جنهنڪري ان کي "حسنا دلدار" کان پوءِ مرزا صاحب جو ٻيو حقيقت نگاريءَ وارو ڊرامو چئي سگهجي ٿو." ملڪاڻي صاحب اڳتي لکي ٿو تہ: "هڪ عجب ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ مرزا قليچ بيگ جا عربي ڪتابن تان اُتلو ڪيل ناٽڪ، ديسي زندگيءَ ۾ ٻيهاريل هئا."

مرحوم احمد چاڳلا جي ڊرامي "خونيءَ" ۾ سنڌي سماج جي گوناگون پهلوئن مان هڪ پهلوءَ جو عڪس ڏسي سگهجي ٿو. خوني ڊرامي ۾ چاٽايل آهي تہ رفيق هڪ شريف انسان، قتل جي ڏوهہ ۾ بيگناهہ جنم ٽيپ کائي ٿو. هن تي الزام هو تہ هن پنهنجي سيٺ کي قتل ڪري، ان جي تمام ملڪيت ۽ جواهرات چورايا هئا. ڪورٽ هن کي ڏوهي ٺهرائي ٿي، هو پندرهن سالن سزا ڀوڳي ٿو. تنهن کان پوءِ اصلي خوني پاڻ ڏوهہ قبول ڪري ٿو ۽ رفيق آزاد ٿئي ٿو. جيل وڃڻ کان پوءِ رفيق جا ٻہ ٻار ۽ سندس زال بک ۾ ڏتڙجي وڃن ٿا. هي ڊرامو بار بار اسٽيج ڪيو ويو ۽ هر دفعي ڏسندڙن تي غم ۽ ڏک جي لهر ڇانئجي ويندي هئي.

سنڌي ڊراما نويسن ۾ خانچند شامداس درياڻيءَ جي ڊرامن ۾ هندو سماج جي اڻنگين ريتين رسمن، ڏيتي ليتيءَ جهڙي موذي مرض، مايا جي موهہ ۽ دنيا جي نقلي ڏيک لاءِ نفرت ظاهر ڪئي وئي آهي. هن، هندو سماج جي اوڻاين جي نشاندهي ڪئي. هندو سماج ۾ جيئري تي جيئري شاديءَ جو رواج ڪونهي، يعني هڪ زال زندهہ هجڻ جي حالت ۾ ٻيءَ

سان پرڻجڻ هندو سماج ۾ وڏو عيب آهي. درياڻيءَ "جيٺريءَ تي جٺيري" يا "دڪايل ديوي" ڊرامي جي منڍ ۾ هيٺئن لکيو آهي:

"ڪيترن ڏينهن کان منهنجي خواهش هئي تہ هي جو اڄڪلهہ اسان جي شهرن ۾ جيٺريءَ تي جيٺري شاديءَ جا مثال پيا ٻڌجن. سو جيڪر انهيءَ تي ناٽڪ ٺاهجي تہ چڱو. تازو هڪ مثال اخبارن دوران ٿي منهنجي ڪن پيو ۽ منهنجو ستل جوش وري لهرون کائڻ لڳو ۽ هي ناٽڪ هٿ ۾ ڪنيم. هن ڊرامي ۾ بہ صرف هندن ۾ جيٺريءَ تي جيٺري شاديءَ جي خلاف قدم کنيو ويو آهي. پر ٻين جو ننڍيين نيٺين کي پاڻ سان گڏ شاديءَ ۾ اڙائڻ جهڙيءَ بد رسم خلاف بہ لکيو ويو آهي.

هن ڊرامي ۾ مسٽر درياڻيءَ هڪ ٻيو مسئلو بہ ڇيڙيو آهي. اهو مسئلو آهي دولت جي لالچ. مسٽر درياڻي ڄاڻائي ٿو تہ سيٺ رتنچند پنهنجي پٽ ارجن کي سندس مرضيءَ جي خلاف انهن ٻانهن سان شادي ڪرائي ٿو جنهن مان هو خوش نہ آهي. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ارجن ٻي شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو ۽ چيتانند جي ڌيءَ موهنيءَ سان ڪراچيءَ ۾ سول مئريج ڪري ڪلڪتي هليو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ سندس پيءُ ظاهر ۾ مخالف هو پر دولت جي خاطر اندروني طور رضامند ٿئي ٿو.

قابل ليکڪ ڊرامي جي نتيجي ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جيڪي ماڻهو صبر ڪن ٿا، تن کي ان جو ڦل ملي ٿو ۽ بديءَ جو نتيجو آخر بديءَ ۾ ملي ٿو. ريجهومل ۽ سندس زال رڪي، جيڪي ارجن کي ٻي شادي ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا، تن کي قدرت سزا ڏئي ٿي. ريجهومل رڪيءَ کي ڇڏي ٻي شادي ڪري ٿو. ارجن جي ٻي زال موهني زهر کائي مري ٿي. موهنيءَ جو پيءُ چيتانند ٻڍاپڻ ۾ ريجهو مل جي ڀائٽيءَ، جمنيءَ سان شادي ڪري ٿو جنهن جو نتيجو خراب نڪري ٿو. جمنيءَ چيتانند مان بيزار ٿئي ٿي. نيٺ ارجن ديويءَ کان معافي وٺي کيس گهر وٺي وڃي ٿو.

سنڌي سماج ۾ پنهنجي رب ۾ ڀروسو ڪرڻ، هر انسان کي هڪ جهڙو سمجهڻ، دنيا جي ظاهري ڏيک ويک ۾ نہ ڦاسڻ، دولت کي ڌوڙ ڪري سمجهڻ، پئسو آهي واٽئي جي ڏاڙهي، دنيا کي ٻي بقا سمجهڻ ۽ اهڙا ٻيا اخلاقي سبق ۽ قدر، سنڌي سماج جو جز هوندا آهن. پر انهيءَ هوندي بہ ڪي هوڏي ۽ هٺيلا، وڏڙن جي ڏنل سبقن، انهن جي تجربن کي هيچ سمجهي اهو ڪجهہ ڪندا آهن، جيڪو ڪين وڻندو آهي. جيٺري تي جيٺري يا دڪايل ديوي ڊرامي ۾ انهن سڀني موضوعن ۽ اخلاقي قدرن جي اپٽار ڪيل آهي. مثال طور ليکڪ مختلف ڪردارن جي واتان جيڪا گفتگو ڪرائي ٿو سا هن ريت آهي:

"ديوي- پيڻ! سانورا، موچارا سڀ ايشور جا گل آهن."

قاسم محمود جهڙا دوکيباز ماڻهو پاڻ کي ڏاڍو چالاڪ سمجهي، پنهنجن خوشامندڙن جي سامهون پاڻ کي پڌائيندا آهن ۽ پنهنجي ساراهه ڪندا آهن ۽ ساراهه ٻڌندا آهن. قاسم محمود پنهنجي چالاڪ هجڻ جي دعوا هن ريت ٿو ڪري:

"اڄ منهنجي دوست شير جنگ جي موت کي پريا تيرهن سال ٿي ويا. ڪهڙي نه حرفت سان "دلير" کي اڻ واقف ڏسي مون هن جي سموري املاڪ کي پنهنجي ڪم ۾ لڳائي، جهاز وغيره ڳنهي، پنهنجو واپار وڌايو جنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو آءُ پاڻ کي اڄ خانبهادر ۽ ملڪ جو مدبر ٿو سڏايان."

مٿي عرض ڪيو ويو آهي ته سنڌي سماج جا ٽي طبقا آهن: هڪڙا مالدار شاهوڪار ۽ تونگر يعني اعليٰ طبقو ٻيا ڊاڪٽر ۽ وڪيل يعني وچيون طبقو ۽ ٽيان غريب، مسڪين ۽ بي پهچ يعني هيٺيون طبقو. غريب طبقو هميشه پنهنجي حال تي شاڪر هوندو آهي ۽ مالدار طبقي کي هميشه وڌيڪ کان وڌيڪ ڏن هٿ ڪرڻ جو حوس رهندو آهي. شاهوڪارن ۽ تونگرن اڪثر غريبن ۽ مسڪينن جو استحصال پئي ڪيو آهي. سنڌي افسانن، ناولن، ڊرامن ۽ شاعريءَ ۾ هن قسم جي موضوعن تي گهڻو ئي ڪجهه لکيو ويو آهي ۽ اهڙا ڪئين مثال به ملي سگهن ٿا. اديبن ۽ شاعرن هميشه هيٺئين طبقي سان همدردي ڏيکاري آهي ۽ تونگرن ۽ مالدارن جي ظلمن کي نمايان ڪيو آهي. هنن پنهنجين لکتين ذريعي اها ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن غريب پنهنجي مسئلن تي پاڻ سوچين ۽ انهن جي حل لاءِ پاڻ اٿي کڙا ٿين ۽ سماج ۾ اصلاح آڻين.

مسٽر درياڻيءَ غريبن، مسڪينن ۽ مزدور طبقي سان همدردي ڏيکاري آهي. اهڙي موضوع کي هن مڪالمن ذريعي نمايان ڪيو آهي. مثال طور سنگينه ۽ سندس ڀاءُ آزاد جي گفتگو ذريعي ڪڙميءَ جي ڌيءَ کي ڦاٽل ڪپڙن جي باوجود پنهنجي حال تي خوش ڏيکاري ٿو. مثلاً:

(1) "سنگينه: پر ادا آزاد! سامهون هن زائفان ڏي ته نهار. هوءَ ڪڙمي جي ڌيءَ اٿئي، پر ڪيئن نه خوشيءَ وچان نچندي ٽپندي وڃي. هاڻ ٻڌاءِ، اسان ٻنهي مان قسمت وڌيڪ زور ڪنهن جي؟ مون کي زري زربفت پهريل، ڪلهن تي شالون ۽ دُشالا ڍڪيل، پيرن هيٺان گلم غاليچا رکيل، هردم حاضريءَ ۾ خدمتگار بيٺل. هن ويچاريءَ کي ڪلهن تي چڙو ڪنجرو سو به ڦاٽل پراڻو پوءِ ٻڌاءِ اسان ٻنهي مان قسمت زور ڪنهن جي؟"(14)

(2) "منهنجو هي لباس برابر شاهاڻو آهي، پر هن مان خودغرضيءَ جي بوءِ پيئي اچي، ڇو جو جنهن نقد ناڻي مان هي ڳنڍو ويو آهي، سو غريب پورهيتن جو رت نپوڙي پوءِ ميڙيو ويو ۽ هن جو برابر غريباڻو لباس آهي، پر هن مان بسنت بهار جي بوءِ پيئي اچي. ڇو جنهن ناڻي مان ڳنڍو ويو سو پنهنجو ئي هڏ ڳنڍ ئي ميڙيو ويو."(15).

ديوان خانچند درياڻيءَ هڪ ٻيو ناٽڪ "زميندار ظلم" جي نالي سان لکيو هو. هن ڊرامي ۾ زميندارن ۽ واپارين جي ظلمن جو نقشو چٽيو ويو آهي. ڳوٺاڻن هارين نارين سان زميندار ۽ واپاري جيڪي ويل وهائين ٿا، مسٽر درياڻيءَ انهن جو چٽو عڪس ڏنو آهي. هن ڊرامي ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته زميندارن جي ظلمن کان تنگ اچي "دلمراد" نالي هاري، شاهوڪارن ۽ زميندارن جو دشمن بنجي بدلي وٺڻ لاءِ جذبي جي ڪري چريو ٿي ٿو پوي.

هي ڊرامو جنهن زماني ۾ لکيو ويو هو تنهن زماني ۾ سنڌ ۾ هارين جي جاڳرتا واري تحريڪ شروع ٿي چڪي هئي ۽ جنهن جي پوءِ مرحوم حيدر بخش جتوئيءَ اڳواڻي سنڀالي هئي.

سنڌ سماج ۾ تنگدل مائٽ ۽ نئين زماني جي آزادي پسند جوان جوڙن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ به هڪ مسئلو رهيو آهي. اهڙن مسئلن کي اسان جي سجاڻ ليکڪن خاص طور افسانه نگارن، ناول نويسن ۽ ڊراما جي ليکڪن موضوع طور پيش ڪيو آهي.

سرڳواسي ديوان خانچند درياڻيءَ "زماني جي لهر" نالي ڊرامي ۾ هن موضوع کي ڇيڙيو آهي. هن ڊرامي ۾ پراڻن خيالن وارن تنگدل مائٽن ۽ نئين زماني جي آزدي پسند جوان جوڙن جي وچ ۾ گهرو جيوت ۾ ذري پرزي تان جيڪي متڀيد ۽ نفاق ٿين ٿا، تن جو وچوروار چٽ چٽيو آهي.

هن ڊرامي ۾ ڄاڻايل آهي ته تازو پرڻيل گهوٽ کي پراڻي زماني جا مائٽ، سندس نووَرني ڪنوار سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ جي آزادي نٿا ڏين ۽ سندس زندگي زهر ڪري ٿا ڇڏين. آخر هو مائٽن جي تنگدلي ۽ ظلمن ڪري، گهر مان بيزار ٿيو پوي ۽ خوش رهڻ لاءِ شراب نوشي ۽ جوا ۾ وڃيو ڦاسي ۽ آخر چريو ٿيو پوي(16).

درياڻيءَ، بک ۽ بيروزگاريءَ واري مسئلي تي به لکيو آهي. هن جو ڊرامو "بک جو شڪار" جيڪو هن 1932ع ۾ لکيو هو انهيءَ موضوع تي لکيل آهي. هن ڊرامي بابت مسٽر منگهارام ملڪاڻي، سنسار سماچار اخبار جي 22- آگسٽ 1932ع واري پرچي ۾ م. پ. آ. نالي سان لکيل رايي جو حوالو ڏيندي لکي ٿو:

"جيڪڏهن هر هڪ نر ۽ ناريءَ کي ڪن کان وٺي بک جو شڪار ناٽڪ ڏيکارجي ته جيڪر پارت ۾ ٿوري ئي سمي اندر بک جو ذڪار پئجي وڃي. "بک جو شڪار" ۾ پارت جي اجوڪي ڏکي ۽ ڪنگال اوستا جو هوبهو فوٽو ڪينچيل هو جنهن لاءِ ان جي ڪاريه ڪرتا مسٽر درياڻيءَ مبارڪون لهڻيون."

سنڌي ڊرامن ۾ ڪن خطن جي مقامي ۽ روزمره واري زندگيءَ جي جهلڪ پڻ ڏيکاري ويئي آهي. ان ڏس ۾ "بدنصيب ٿري" نالي ڊرامي ۾ پهريون دفعو سنڌ جي ٿر واري خطي جي ماڻهن جي روزانه زندگي، رهڻيءَ ڪهڻيءَ، گذر ومعاش، تعليم ۽ اهڙن بين مسئلن

ڪي ڊرامائي صورت ڏني وئي هئي. محترم محمد اسماعيل عرسائي، سالن جا سال ٿر ۾ رهيو آهي، ۽ اتي جي هر وسيءَ، ڏيري ۽ اوتاري، پٽ ۽ ڏهر جو گشت ڪري، ٿر جي زندگيءَ جو نقش "بدنصيب ٿري" نالي ڊرامي ۾ پيش ڪري، ٿر جي مختلف مسئلن جو طنزيہ ۽ مزاحيہ رنگ ۾ عڪس پيش ڪيو آهي. هن ڊرامي لکڻ سان عرسائي صاحب جو مقصد هي هو تہ ٿرين جي سماجي حالت جو مطالعو ڪيو وڃي ۽ ٿر جي زندگي سڌارڻ لاءِ ڪي جتن ڪيا وڃن.(17).

سنڌ جي اديبن ۽ ڊراما نگارن جت ٻين سماجي مسئلن کي پنهنجي شهپارن ۾ موضوع بنايو آهي. جت زميندارن، واپارين ۽ ٻين طبقي جي ماڻهن طرفان ٿيندڙ ظلم جو ذڪر ڪيو آهي، اتي اُنهن ڪورٽن جي ججن جي بي انصافي، وڪيلن جي چالاڪين ۽ ڪورٽن ۾ پيش ايندڙ مسئلن کي پڻ موضوع طور بيان ڪيو آهي. هن ڏس ۾ مسٽر ايچ سي بلي نالي هڪ وڪيل پنهنجي ڏنڌي جي آزمودي تي، 1942ع ۾ "آڏيءَ جو انصاف" نالي ڊرامو Satire جي صورت ۾ لکيو هو.(18)

اهڙيءَ طرح آزاديءَ کان پوءِ محترم محمد عثمان ڏيپلائي "شاهدي"ڊرامي ۾ ڪورٽن جي جهلڪ پيش ڪئي هئي.(19)

اهڙيءَ طرح مسٽر ايل- ايل ڏوڏيجا، "وڪيل" نالي مزاحيہ ڊرامي ۾ وڪيلن جي چالاڪين تي منظر ڏيکاريا هئا.

سنڌ ۾ اهو بہ ڏنو ويو آهي تہ دولت جي لالچ ۾ يا بدي جي رواج سبب يا پنهنجن کان ٻاهر نہ نڪرڻ سبب يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري پوڙهن جي پرڻجڻ جو پڻ رواج آهي. ان حالت ۾ پوڙهو مرد سورهن ورهين جي نوجوان ڪنوار سان لائون لهندو. اهڙيءَ حالت ۾ جوهن جو هڪ پير قبر ۾ هوندو آهي. اهڙيءَ شاديءَ کي "اُٺ پنيان گهنڊٽي ٻڌڻ" سڏيو ويو آهي. ڪن حالتن ۾ پوڙهي زال، نوجوان گهوٽ سان پرڻبي بہ ڏسبي آهي.

هن مسئلي تي "پوڙهي جو پرڻو" نالي هڪ مزاحيہ سماجي ناٽڪ مسٽر. ڪشنچند "بيوس" لکيو هو. هن ڊرامي ۾ مسٽر "بيوس" اهڙيءَ شاديءَ جي نتيجن کي اجاگر ڪيو هو.

هن ساڳئي مسئلي تي مسٽر منگهارام ملڪاڻيءَ "ٻي زال" جي عنوان سان هڪ ڊرامو لکيو هو. هن ڊرامي ۾ ملڪاڻي صاحب ڄاڻائي ٿو تہ: "هڪ ڪرڙوڊ رنڙ نوجوان نينگر سان شادي ٿو ڪري، هو نہ فقط پنهنجن ننڍن ٻارن کي دکي ٿو بنائي، پر نوجوان پٽ هوندي، نوجوان زال گهر ۾ آڻڻ سان وڏو خطرو اهو ٿو تي سگهي، جو ماءُ ۽ ماٽيجو پٽ هڪ ٻئي سان پيار ۾ ڦاسجي وڃن ٿا.

سنڌي ڊرامن ۾ اهڙن موضوعن کي پڻ اجاگر ڪيو ويو آهي، جن ۾ ڪي مرد پنهنجين سلڇڻين ۽ حسين زالن هوندي بہ وئشيائن يا ڪن ٻين عورتن جي چڪرن ۾

جي اندر بہ دليون آهن. پوءِ پاڙهيندي ۽ پڙهندي، جي استاد ۽ شاگرديائيءَ جون دليون اٽڪي ويون تہ ان ۾ ڪا اربع خطا ڪانهي، بشرطيڪ مائٽ اکيون پوري نہ ويهن ۽ آگاهہ هجن تہ اهڙو سپنڌ سچو ۽ آبرودار آهي يا صرف جسماني ڪشش وارو. اهي مسئلا اڄ بہ آهن ۽ اڄ بہ سماج جو موضوع بڻيل آهن.

اهڙيءَ طرح سنڌي سماج جي هڪ ٻئي مسئلي جا بہ منظر ڏيکاريا ويا آهن. انهن مان هڪ مسئلو آهي ڪنهن عورت جو ڏنگي يا جهڳڙالو هجڻ. جو جنهن بدنصيب گهر جو ڪنهن جهڳڙالو زال سان واسطو پئجي ويو تہ پوءِ اهو گهر جهنم سمان هوندو. ان گهر جي هر ڀاتيءَ جو سڪون تباهہ ٿي ويندو آهي. سنڌي ڊراما نويسن، ڏنگي ۽ جهڳڙالو زال جي پيدا ڪيل مسئلن کي بہ ڊرامن ۾ موضوع بڻايو ويو آهي. هن موضوع تي نانڪرام ڌرمداس 1922ع ۾ شيڪسپيئر جي ڊرامي "Taming of the Shrew" جو "چٽ نہ چماٽ، وچان ٿي ٻي وات" نالي سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. هن ڊرامي ۾ ڏنگي زال کي سنئين ڪرڻ واري موضوع کي کنيو ويو آهي.

اهڙيءَ طرح زالن جي عادتن مان هڪ عام عادت آهي افواهہ ڦهلائڻ ۽ ڳالهہ مان ڳالهوڙو ڪرڻ. ڪي مرد بہ هن عادت کان آجا نہ آهن. اهڙن مسئلن کي بہ سنڌي ناٽڪ جو روپ ڏنو ويو آهي. هن موضوع تي روپچند ڪرپالاڻيءَ، "تيليءَ مان ٿنڀ" نالي هڪ طنزيہ ناٽڪ انگريزيءَ مان ترجمو ڪيو. هي ناٽڪ سنڌ ڪاليج مسلنيءَ ۾ 1925ع ۾ ڇپيو. هن ڊرامي ۾ ڏيکاريو ويو هو تہ ٻهراڙيءَ ۾ زالون ڪوهہ تان پاڻي ڀريندي ڪيئن نہ ڳالهہ مان ڳالهوڙو ڪري گلاخوري ڪنديون آهن.(21)

سنڌي ڊرامن ۾ جتي ٻين سماجي، معاشي ۽ معاشرتي مسئلن کي موضوع بڻائي ڊرامائي شڪل ڏني وئي آهي، اتي سياسي مسئلن کي بہ کنيو ويو آهي. انهن ۾ قومي آزاديءَ جهڙن موضوعن کي ڊرامائي صورت ڏيئي، ماڻهن ۾ آزاديءَ جو انگ پيدا ڪيو ويو ۽ برصغير جي قومي آزاديءَ واري تحريڪ کي بہ هٿي ڏني وئي. هن موضوع تي ديوان لعلچند امر ڏني مل "ڀارت جاوا اٿ اٿي جاڳ" جي سري هيٺ 1919ع ۾ ڊرامو لکيو هو. هن ڊرامي ۾ قومي آزاديءَ ۽ قومي جاڳرتا وارن مسئلن کي کنيو ويو هو.

سنڌي ڊرامن جو هڪ ٻيو اهم سياسي موضوع هندو مسلم ايڪتا پڻ رهيو آهي. هن ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ آسانند مامتورا، ٽئگور جي ڊرامي "اما ۽ ونايڪ" جو ترجمو ڪري ڇپايو. هن ۾ ڏيکاريو ويو هو تہ هڪ بردبار هندو ڇوڪري هڪ بهادر مسلمان سان تنگ خيال مائٽن جي مرضيءَ جي خلاف شادي ڪري ٿي ڇڏي.

اهڙيءَ طرح ٻين سماجي مسئلن جهڙوڪ، "نيم طبيب خطره جان، نيم ملا خطره ايمان"، "شيخ چلي ۽ اڳڻ مسخرو"، "حرڪت مان برڪت" جهڙن ناٽڪن ۽ ڇهچٽن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن پنگتي اوڻائيءَ تي خندو ڪيل آهي.

آزاديءَ کان پوءِ ڪجهه وقت لاءِ سنڌي ڊرامي جي هلچل بلڪل سست رهي. اسٽيج جو رواج لڳ ڀڳ ختم ٿي ويو پر پوءِ ڀهرين ڪراچيءَ ۾ ۽ پوءِ حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن تان سنڌي ڊرامن جي نشر ٿيڻ ڪري، هن صنف نئون جنم ۽ نئون روپ ورتو. ڪجهه عرصي کان پوءِ سنڌي فلم جي اجراءُ کان پوءِ ڪن سڄڻن جي ڪوشش سان، سنڌي ڊراما وري اسٽيج تي پيش ٿيڻ لڳا. ويتر ڪراچي ٽي- وي تان سنڌي ڊرامن جي نشر ٿيڻ ڪري سنڌي ڊرامن ۾ نئين جان آئي. سون جي تعداد ۾ ٽي- وي ڊراما نشر ٿيا، جن ۾ سماجي مسئلن جي نشاندهي ڪئي ويندي هئي. انهن ڊرامن جو اثر تمام اميدافزا ٿيو ۽ ڊراما منڊليون ٺهيون، جن طرفان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڊراما اسٽيج تي پيش ٿيا، جن جو تفصيلي تعارف هن مقالي جي دائري کان ٻاهر آهي. ريڊيو ۽ ٽي- وي کان سواءِ هن صنف ۾ نئون روح ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد، سٽي ڪاليج حيدرآباد، گورنمينٽ بوائز ڪاليج ۽ گورنمينٽ گرلز ڪاليج حيدرآباد وڌو. انهن سرڪاري ادارن کان سواءِ اتر سنڌ ۾ ڪن دوستن ڊراما ڪلب ٺاهي اسٽيج ڊراما پيش ڪيا. بهرحال انهن ڊرامن ۾ جن مسئلن جي اپٽار ڪئي وئي هئي، تنهن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

مٿي عرض ڪيو اٿم ته سنڌيءَ ۾ "ريڊيائي ناٽڪ" جي شروعات سن 1955ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي کلڻ سان ٿي هئي. تقريرن، فيچرن ۽ موسيقيءَ جي پروگرامن سان گڏ، ضروري سمجهيو ويو هو ته ٻڌندڙن جي تفريح لاءِ ريڊيو تان ناٽڪ به نشر ڪيا وڃن. ريڊيو لاءِ ڪيترن سڄڻن ڊراما لکڻ شروع ڪيا(22). انهن ۾ محترم منظور نقوي سنڌي زبان جو ڀهريون اديب آهي، جنهن گهڻي وقت تائين اردو تان ترجمو ڪرڻ کان پوءِ، سنڌيءَ ۾ اصلوڪا ناٽڪ لکيا ۽ پڙهي پيش ڪيا.

منظور نقويءَ ڪيترن ئي موضوعن تي قلم کنيو جن ۾ عشق ۽ محبت، جاسوسي، سائنس، پراسراريت، شڪار، لوڪ ڪهاڻيون، تاريخي ۽ نيم تاريخي داستان اچي وڃن ٿا. "شابه" منظور نقويءَ جي لکيل ناٽڪن مان موضوع جي لحاظ سان هڪ انوکو ناٽڪ آهي. انهيءَ ۾ هڪ اهڙي پيءُ جو ڪردار پيش ڪيو ويو آهي، جيڪو زندگيءَ جي ميدان ۾ پنهنجو سيڪجهه هارائي ويهي ٿو. ايتريقدر جو سندس پياري ڌيءَ "شابه" جيڪا هن لاءِ دنيا ۾ هڪ روشن مناري مثل هئي، اها به اجل جو شڪار ٿي وڃي ٿي، ۽ اهو شخص اڪيلو ۽ تنها رهجي وڃي ٿو. هن جي اڳيان هاڻي اونده جا اوڙاه آهن، ۽ اڪيلائيءَ جا انبار. زندگيءَ جا ظالم هٿ، هن کان سيڪجهه ڦري وٺن ٿا، پر هو زندگيءَ جي اڳيان هٿيار ڦٽا نٿو ڪري، هو نهايت همت ۽ استقلال سان زندگيءَ جو مقابلو ڪندو رهي ٿو.

موضوع جي لحاظ کان، منظور نقويءَ جو هڪ شاهڪار ناٽڪ "جيئرو بت" آهي. انهيءَ ناٽڪ ۾ مڪتي يا نجات جي فلسفي جي اپٽار ڪئي وئي آهي.

ريڊيو ڊراما جو ٻيو مشهور ليکڪ محترم مراد علي مرزا آهي. مراد علي مرزا جو ريڊيائي ڊرامو "زنجير" هڪ سماجي ڊرامو آهي، جنهن ۾ گهرو جيوت جو نقشو پيش ڪيو ويو آهي. هن ڊرامي ۾ هڪ پوڙهي کي ان ڪردار ۾ پيش ڪيو ويو آهي، جو شاديءَ کان پوءِ هڪ پٽ جي پيءُ هوندي به پنهنجي سلڇڻي زال هوندي به، ڪنهن ٻيءَ عورت وٽ اچ وڃ شروع ڪري ٿو ۽ هو رات جو دير تائين ان عورت وٽ رهي، پنهنجي گهر تمام دير سان ايندو آهي. سندس زال سڄيون سڄيون راتيون سندس انتظار ۾ ويهي گذاري ٿي، سندس پٽ به انهيءَ انتظار ۾ جاڳندو رهي ٿو ته سندس بابو ايندو ۽ کيس شهزادي واري ڪهاڻي ٻڌائيندو.

هڪ رات هو ڪافي دير سان موٽي ٿو. سندس زال، جا مڙس جي عادتن مان هاڻ اچي تنگ ٿي هئي، سا ساڻس جهيڙو ڪري ٿي. هو بکايل آهي ۽ ماني گهري ٿو. سندس زال ڪاوڙ وچان کيس ماني نٿي ڏئي ۽ طعنو ٿي ڏئيس ته هُن رن ماني نه کارائيئي؟ مڙس کي غصو ٿو اچي ۽ ڪاوڙ وچان گهر، زال ۽ ننڍڙي پٽ رشيد کي ڇڏي هليو وڃي ٿو. ڪجهه عرصي کان پوءِ اها عورت وفات ڪري وڃي ٿي.

مرزا صاحب، هن ڊرامي ۾ ڏيکاري ٿو ته ماڻهو ڪيئن نه دنيا کي دوکو ڏين ٿا. ظاهري طرح ته هو عزت ۽ ناموس جي قبا پهرين دنيا وارن کي ٺڳين ٿا، پر اندر ۾ ٻيا هوندا آهن.

هن ڊرامي ۾ مرزا صاحب ان پوڙهي ۽ سندس پٽ (رشيد) جي وچ ۾ گفتگو مان پنهنجو مقصد ظاهر ڪرايو آهي، جو هن طرح آهي پوڙهو آءٌ انهيءَ شخص کي پنهنجو پٽ چوندي شرم محسوس ٿو ڪريان، جيڪو پنهنجي عزت ۽ ناموس کي وچ بازار ۾ نوڪرون هڻندو ٿو وتي. ڇا توکي انهيءَ ڳالهه جو احساس ٿئي ٿو.

رشيد_ (ٺهڪ ڏيندي) توهان کي عزت ۽ ناموس جو سخت احساس آهي، (ٺهڪ ڏئي ٿو). اوهان عزت ۽ ناموس جي قبا پهري دنيا وارن کي ته دوکو ڏيئي سگهو ٿا، پر مون کي فريب نٿا ڏيئي سگهو. منهنجي اکين اڳيان اوهان جي شخصيت هميشه بي نقاب رهندي.

مراد جي ڊرامن ۾ "قيدخانو"، "زنجير"، "چوراهو"، "اداس پاڇا"، ۽ "بيگار ڪئمپ" سماجي ڊراما آهن. انهن ۾ "زنجير"، "اداس پاڇا" ۽ "بيگار ڪئمپ" ۾ جدا جدا نفسياتي ۽ سماجي مسئلن کي موضوع ڪري ڪنيو ويو آهي.

منظور نقويءَ وانگر محترم ممتاز مرزا به هر موضوع تي طبع آزمائي ڪئي آهي، پر تاريخي ۽ نيم تاريخي داستان ۽ جاسوسي موضوع هن جي پسند جا موضوع آهن. ممتاز مرزا سنڌيءَ جو پهريون اديب آهي، جنهن سنڌ جي مشهور تاريخي ڪردارن، لاکو ڦلاڻو ۽ دريا خان جي ڪردارن کي ريڊيائي ناٽڪن ۾ پيش ڪيو. سنڌ جي غير معروف لوڪ ڪهاڻي "پنرو بدام" تي به هن ريڊيائي ناٽڪ لکيو.

ممتاز مرزا قوميت جي مسئلي، خاص ڪري سنڌي قوميت واري مسئلي ڪي گهڻو ڇيڙيو آهي. هن جو ناٽڪ "واتون ۽ نيڻ" هڪ تاريخي ناٽڪ آهي، جنهن ۾ پورچوگيزن جي ٺٽي تي چڙهائي ۽ ٺٽي جي تباهيءَ جي ڪهاڻي پيش ڪيل آهي. اهڙيءَ طرح قومي تاريخي ناٽڪن ۾ "آخري رات" ممتاز مرزا جو شاهڪار ناٽڪ آهي. موهن جي دڙي جي تهذيب ۽ تباهي انهيءَ ناٽڪ جو موضوع آهي.

سنڌ جو مشهور افسانہ نگار آغا سليم، ريڊيو لاءِ "واپسي"، "روپ بهروپ"، "گلن جهڙا گهاءُ" ۽ "گل چنو گر٘ار جو" ڊراما لکيا. آغا سليم نہ صرف هڪ سٺو ۽ مقبول افسانہ نويس آهي، پر هو هڪ ڪامياب ناٽڪ نويس بہ آهي. سندس ناٽڪن جي موضوع ۾ رنگارنگي سان گڏ خيالن جي بلندي پڻ اوج تي هوندي اهي. "واپسي" ناٽڪ جو موضوع جنگ جي تباهڪاري آهي. "روپ بهروپ" ۾ هڪ فنڪار جي ڪردار کي ڏاڍي فنڪارانہ انداز سان پيش ڪيو ويو آهي، جيڪو ساري عمر پنهنجي فن جي وسيلي لاتعداد انسانن کي خوشين جا خزانا ڏيندو رهي ٿو پر هن جي زندگي انهيءَ نعمت کان هميشہ خالي ۽ ٺلهي رهي ٿي. احساس جو اهو ايذاءُ هن جي اثرائتي شخصيت کي ڏونڊاڙي ڇڏي ٿو. "گلن جهڙا گهاءُ"، آغا سليم جو هڪ الميہ ناٽڪ آهي. ساڳيءَ طرح "گل چنو گرنار جو" بہ هڪ الميہ ناٽڪ آهي، جنهن ۾ ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ جي لوڪ ڪهاڻي کي موضوع طور چونڊيو ويو آهي. آغا صاحب جا تاريخي اسٽيج ڊراما سنڌي جي تاريخ ۾ دلچسپي رکندڙن ۾ اتساهہ جاڳائين ٿا. هن سنڌ جي ٻن سورمن جي زندگين تي "دودو چنيسر" ۽ "دوله دريا خان" نالي ڊراما لکي ڏسندڙن کان داد حاصل ڪيو هو. اهڙيءَ طرح "تماشو" ڊرامو طنزيہ طرز ۾ لکيل آهي.

آزاديءَ کان پوءِ پيش ڪيل ڊرامن ۾ شاديءَ جو مسئلو بہ هڪ مسئلو رهيو آهي. هن مسئلي تي شوڪت حسين شوري "فيصلو" عنوان سان ريڊيو ڊرامو لکيو. هن ڊرامي ۾ شاديءَ جي مسئلي جي ڇنڊڇاڻ سان گڏ هڪ پڙهيل خاندان ۽ اڻپڙهيل خاندان جي ياتين جي وچ ۾ ذهني وڇوٽيءَ جو فرق کولي ظاهر ڪيو ويو آهي. "صالح"، هڪ پڙهيل نوجوان جو ڪردار آهي ۽ ممتاز ان جي پڙهيل ڳڙهيل نوجوان پيڻ آهي. تاجي هڪ ڳوٺاڻي ڇوڪري آهي ۽ نورل ڳوٺاڻو ڇوڪرو آهي.

هن ڊرامي ۾ اها ڳالهہ واضح طور ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي تہ اسان جي سنڌي سماج ۾ هڪ پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل نوجوان جو زندگيءَ ڏانهن لاڙو بلڪل جدا جدا هوندو آهي. ڊرامي جي آخري ڏيک ۾ پڙهيل ڇوڪري (ممتاز) پنهنجي ڀاءُ صالح کي چوي ٿي تہ: "... هڪ غلطيءَ کي ٻيءَ غلطي سان ختم نٿو ڪري سگهجي. تنهنجي هن فيصلي سان نہ رڳو خود تنهنجو گهر ڦٽي ويندو پر هي گهر جيڪو هاڻ منهنجو گهر آهي سو بہ ڦٽي ويندو ۽ آءٌ ڪنهن کي اها اجازت نٿي ڏيئي سگهان تہ ڪو منهنجو گهر ڦٽائي...)".

حالانڪ انهيءَ وقت تائين ڇوڪريءَ جي هڪ اڻ پڙهيل ڇوڪري سان حياتي گذاريندي وهه ٿي ويجي ٿي، پوءِ بہ هوءَ زندگيءَ کي حقيقت جي نگاهن سان ڏسنديءَ حالتن سان سمجهوتو ڪري ٿي.

علي بابا سنڌ جي جديد ڊراما نگارن ۾ هڪ مڃيل ڊرامہ نگار آهي. هن سنڌي سماج ۽ ان جي طبقاتي مسئلن تي گهڻو لکيو آهي. اهڙن مسئلن کي مختلف ڊرامن ۾ واضح طور بيان ڪيو آهي. "دنگيءَ منجهہ دريا"، علي بابا جي اهڙن سماجڪ ۽ طبقاتي فرق ڏيکاريندڙ ڊرامن مان هڪ آهي. 1976ع ۾ جرمنيءَ جي ميونخ شهر ۾ عالمي ٽيليويزن ڊراما فيسٽيول ۾ هن ڊرامي يعني "دنگيءَ منجهہ دريا" کي ٽيون نمبر انعام مليو هو. اهو ڊرامو نيشنل سرڪٽ تي ٽيليڪاسٽ ٿيل پهريون سنڌي ڊرامو آهي. هارين کان پوءِ سنڌ جي هڪ وڏي پورهيت طبقي يعني مهاڻن جو هن ڊرامي ۾ امٽ چٽ آهي. هن ڊرامي ۾ ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين ڦهليل اجهاڳ دريائي جيون جو نقشو آهي. هن ڊرامي ۾ سنڌي سماج جي هڪ خاص طبقي مهاڻن ۽ درياءَ تي گذران ڪندڙن جي ٻولي، مزاج ۽ اٿڻي ويهڻي، طور طريقن کي جيئڻ جو تيئڻ پيش ڪيو ويو آهي. هي سنڌي ٻولي جي نمائنده ڊرامن مان هڪ بهترين ڊرامو آهي.

ٿي. وي ڊرامن ۾ سنڌ جي سماجي مسئلن جي اياز عالم ابڙي بہ سٺي نشاندهي ڪئي آهي. هن جو ڊرامو "ذات جي ڏيهہ ۾"، اهڙن ڊرامن مان هڪ آهي. هن ڊرامي ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ اسان جي معاشري ۾ جتي جميل جهڙا سيٺيا، اڪبر جهڙا خودغرض دوست ۽ ارشد جهڙا ڪروڙي ايڊيٽر آهن، اتي ساگر لطيف جهڙا اڏول ليکڪ بہ آهن. هن ڊرامي ۾ ڏيکاريل آهي تہ هن سماج ۾ فن کي پنهنجي زندگي ارپڻ جي باوجود. ليکڪ کي اجوري ۾ بک ۽ بيروزگاري ئي پلئہ پوي ٿي. ڪهاڻيون، ليکڪ (ساگر لطيف) جي پٽ کي ڪاليج ۾ داخلا نٿيون وٺي ڏئي سگهن. ناول هن جي ڌيءَ جميلہ لاءِ دوا نٿا بڻجي سگهن، ۽ هڪ حساس ليکڪ اهو سڀڪجهہ پسي جهڄي جهري ٿو پوي.

قمر شهباز بہ سماجي مسئلن تي لکيو آهي. هن هڪ پراڻي انوکي ۽ سماجي موضوع ڊرامائي شڪل ڏني آهي. "ڪاري" عنوان واري ڊرامي ۾ سنڌ جي هڪ مثالي وڏيري جي ذهنيت ڏيکاريل آهي ۽ وڏيرو غريب ڪڙميءَ جي عزت تي وار ڪرڻ کان پوءِ ان جي ڌيءَ جنت کي "ڪاري" مشهور ڪرائي، پنهنجي ڪوٽ ۾ رکي ٿو. سبب ٿو ٻڌائي تہ اها صدين جي رسم آهي يعني "ڪاريءَ (جنت) سندس سام آهي. نيٺ جنت (ڪاري) ماڙيءَ تان ٽپ ڏيئي هيٺ ڪِري ٿي ۽ مري ويجي ٿي، پر وڏيري جي حويليءَ جي زينت بڻجي نٿي رهڻ چاهي.

اسان جي سماج ۾ صدين کان رواج آهي تہ "ڪاري" سان ڪو بہ رشتو ناتو نہ هوندو آهي، ۽ ڪاريءَ جي سزا موت هوندي آهي. انهن رسمن جي آڌار تي وڏيرو ظلم ڪرڻ جي جرئت ڪري ٿو. هي ڊرامو سنڌ جي وڏيرڪي ماحول جي چٽي تصوير آهي.

امر جليل سنڌ جو هڪ مشهور افسانہ نگار، ڪالم نگار ۽ ڊراما نگار آهي. هن پنهنجن افسانن ۾ سنڌ جي سماجي تاريخ پري ڇڏي آهي. هن بهترين ڊراما لکيا آهن. هن جي ڊرامن ۾ سنڌي جر روزمرهہ جي مسئلن کي موضوع طور پيش ڪيو ويو آهي. اهڙن مسئلن مان هڪ مسئلو آهي نوجوان جوڙن جو پاڻ ۾ پيار ۽ پوءِ انهيءَ پيار جي واري جذبي جو جڏهن والدين قدر نہ ڪندا آهن، تڏهن ڇوڪري پنهنجي محبوب سان گهر ڇڏي نڪري ويندي آهي. پر هن ڊرامي ۾ امر جليل ڪجهہ ٻي راهہ ورتي آهي.

هن ڊرامي ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ يونيورسٽيءَ ۾ نوجوان ڇوڪرو (مقصود) هڪ ڇوڪريءَ (روزيءَ) سان محبت ڪري ٿو. ڇوڪريءَ جا ماءُ پيءُ شاديءَ لاءِ راضي نہ ٿا ٿين. مقصود، روزي (ڇوڪريءَ) کي ساڻس ڀڄي هلڻ لاءِ زور ڀري ٿو پر ڇوڪري چويس ٿي تہ "مان جوانيءَ جو عذاب برداشت ڪنديس. مان تنهنجي لاءِ زهر کائي مرڻ لاءِ تيار آهيان، پر توسان ڀڄي نہ هلنديس." مقصود، روزيءَ کان ناراض ٿي واپس گهر اچي ٿو. ماڻس ٻڌائيس ٿي تہ هن جي پيءُ کي دل جو دورو پيو آهي ۽ کيس سندس ڀيڻ جو خط ڏيکاري ٿي تہ تنهنجي ڀيڻ قادر سائيڪل واري سان ڀڄي وئي آهي.

هن ڊرامي جي خاص ڳالهہ هيءَ آهي تہ سماج جي دائرن ۾ رهنديءَ هڪ نوجوان اها ڳالهہ برداشت نہ ٿو ڪري سگهي تہ هن جي ڀيڻ ڪنهن سان ڀڄي وڃي، پر پاڻ چاهي ٿو تہ سندس محبوبہ ماءُ پيءُ جي عزت جي پرواهہ نہ ڪري ۽ پنهجو گهر ڇڏي ساڻس ڀڄي هلي.

اسان جي ٿاريلي اديب، محترم عبدالقادر جوڻيجي، جنهن پنهنجن افسانن ۾ ڳوناڻن گهرو مسئلن کي پيش ڪيو آهي، تنهن پنهنجن ڊرامن ۾ پڻ گهرو ۽ سماجي مسئلن کي موضوع بڻايو آهي. هن جو هڪ ٿي. وي ڊرامو "جانچ" جي نالي سان نشر ٿيو هو. هن ڊرامي ۾ پوليس جي سوشيالاجي ڏنل آهي، جنهن ۾ اهو ڄاڻايل آهي تہ هڪ جهونو جمعدار ڪيس جي سچي جانچ ڪيئن ٿو ڪري ۽ مختلف طبقن جي مختلف ماڻهن سان ڪهڙو ورتاءُ ٿو ڪري. هن ۾ ڏوهہ سان لاڳاپيل سماجي روين جو ذڪر ٿيل آهي.

جوڻيجي صاحب جو ٻيو مشهور ڊرامو آهي "ويندڙ وهي". هن ڊرامي ۾ هڪ سنڌي گهر ڏيکاريل آهي، جنهن ۾ گهر جي مک ڀاتيءَ کي پوڙهي ٿيڻ ۽ ناڪاري ٿيڻ جو احساس تنگ ٿو ڪري. ان احساس کان نتائڻ لاءِ هو عجيب وغريب حرڪتون ٿو ڪري، جيئن سندس حيثيت ۽ وجود کي تسليم ڪيو وڃي. هن ڊرامي ۾ هڪ پوري گهر جي ڀاتين جو هڪ ٻئي ڏانهن سماجي روين جو ذڪر ٿيل آهي. خصوصي طور تي زال مڙس ۽ پيءُ پٽ جا سماجي ناتا آهن.

عبدالقادر جوڻيجي جون ٽيون اهم سماجي ريڊيو ڊرامو آهي "واٽون واٽن جهڙيون." هن ڊرامي ۾ سڱابنديءَ، جوا ۽ رومانس جي مسئلن جي اپٽار ڪيل آهي، جنهن مان خبر پوي

ٿي تہ سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي سماج ۾ سگهابندي ڪيئن ڪئي ويندي آهي ۽ جوا سبب سماج ۾ ڪهڙيون خرابيون پيدا ٿينديون آهن.

مرحوم نسيم احمد کرل جي نالي کان ڪير واقف نہ آهي. هن جا افسانا سنڌي سماج جو آئينو آهن. سندس هڪ ڪهاڻي "ڀهرين مراد" کي ڊرامائي صورت ۾ ٽي۔ وي تان نشر ڪيو ويو هو. هوئن بہ سنڌيءَ جي ٻين ڪيترن ئي بهترين ڪهاڻين کي ڊرامائي روپ ڏيئي، ٽي.ويءَ تان پيش ڪيو ويو آهي. نسيم کرل جي هن ڪهاڻي کي محترم علي بابا ڊرامائي روپ ڏنو آهي. هن ڊرامي ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي سماج ۾ هڪ عام ڳوٺاڻي وٽ ڪي دوست مهمان ٿي اچن ٿا. مانيءَ مهل ڪير جي قلت سبب هو حجت ڪري ميزبان کي طعنو تا ڏين تہ پنهين جهڙو ٿيو تهڙو نہ ٿيو. چوري ڪري اچي ها، تڏهن بہ تو وٽ کير جي کوٽ نہ هجي ها. پٽ جي موٽي واپس اچڻ تي پيءُ (عنايت) پنهنجي پٽ (ماٺڪ) کي سربستي ڳالهہ ٻڌائي ٿو. پٽ خارن مان، ان آيل مهمان ۽ سندس پيءُ جي گهاٽي دوست سنجر جي مينهن چوري ڪري اچي ٿو. سنجر ۽ ساٿي اچي ٿا عنايت ۽ ماٺڪ جي اوطاق تي ڪڙڪن، پر ماٺڪ ڀهرين مراد (ڀهرين چوري) ڪنهن بہ قيمت تي واپس نٿو ڪري. هن ڊرامي مان هڪ اهڙي سماجي مسئلي جي باري ۾ خبر پوي ٿي تہ جنهن جا ثبوت موهن جي دڙي جي تهذيب ۾ بہ ملن ٿا. سنڌ ۾ خاص طور ٻهراڙين ۾ چوري ڪري مال ڪاٺي ڪپائي ڇڏڻ، مڙس ماڻهو هجڻ جي علامت آهي. ڪنهن نوجوان پٽڪي ور ٻڌڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڪا چوري نہ ڪئي ۽ چوري ڪيل مال ڳارڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيو تہ ان کي مڙس ماڻهو نہ سمجهيو ويندو آهي. چورن ۾ بہ وري طبقا آهن. هڪڙا ٻشني يعني ڳنڍيچوڙ ٻيا ٻڪرين جا چور، ٽيان مال جا چور، چوٿان ڪاٺ هٽندڙ ۽ پنجان ڌاڙا هڻندڙ ڌاڙيل ڌاڙيل ڊاڪو ۽ رهزن. آخري طبقي وارا ٻين چورن جي نظر ۾ عظمت وارا ليکيا ويندا آهن. هن ڊرامي ۾ اهو ڏيکاريل آهي تہ ماٺڪ جوان اچي ٿيو آهي، پر چوري ڪرڻ نہ سکيو آهي، تہ اهو جوان وري ڪهڙو!

سليم جماليءَ بہ پنهنجن ڊرامن ۾ سماجي موضوعن کي چڱيءَ طرح نباهيو آهي. هن جي هڪ ڪهاڻي "پاڙي ناهہ پروڙ" جي عنوان سان سماهي مهراڻ (2_1979ع) ۾ بادل جمالي جي نالي سان شايع ٿي هئي. انهيءَ ڪهاڻيءَ کي ڊرامائي رنگ ڏيئي، ٽي. ويءَ تان نشر ڪيو ويو هو. هن ڊرامي ۾ هڪ ننڍڙي دڪاندار جي زندگيءَ جو نقش چٽيل آهي، جيڪو حالتن جي هٿن کان مجبور ٿي وڃي ٿو. آخر مٿس اهڙو وقت بہ ٿو اچي جو گڏ گهمندڙ ۽ ڪانئس اوڌر کڻندڙ بہ کيس پنيو بہ ڪوٺ تا ڏين. نہ صرف ايترو پر طعنا تنڪا بہ ٿا ڏينس. عيد جي رات زال مڙس ۽ پٽ فاقي ۾ گذارين ٿا. ننڍڙو پٽ (منو) مجبوريءَ جي نتيجي ۾ پيءُ جي رويرو ماءُ کي چوي ٿو: "اما بابا جڏهن مري ويندو پوءِ ماڻهو اسان کي خيرات ڏيندا." اهو ٻڌي ماءُ سوني، زور سان پٽ جي ڳل تي چماٽ وهائي ڪڍي ٿي. منوءَ جي وات مان اٽيو گرهہ

ڪري ٿو پوءِ پوءِ هو ڳل مهتينديءَ روئڻ ۾ پڏي ٿو وڃي. پاسي ۾ ويٺل جعفر (منوءَ جو پيءُ ۽ سونيءَ جو مڙس) منوءَ کي ڏسي سڏڪو ڀريءَ منهن گوڏن ۾ هٽي ٿو ڇڏي، سونيءَ جي مامتا جو جذبو اُٿلي ٿو پوي ۽ هڪدم روئي ٿي پوي. هن ڊرامي جو بنياد معاشي حالتن ۽ هن سماج جي نفسياتي تجزئي تي ٻڌل آهي.

يوسف شاهين هڪ واپاري، ليکڪ، ايڊيٽر ۽ شاعر آهي. هن مختلف صنفن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. هن جو هڪ ڊرامو "مونجهاري جو ماڳ" جي عنوان سان پيش ٿيو هو. هن ڊرامي ۾ سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي هڪ روايتي قسم جي خاندان جو نقش چٽيل آهي. انهيءَ مان هڪ وڏيري جي ذهنيت ۽ ڪمدار جي ڪردار ۽ غريب هارين جي حالت بابت خبر پوي ٿي. وڏيري جا پٽ تہ اعليٰ تعليم حاصل ڪن ٿا، پر هو ڌيئرن کي تعليم نٿو ڏياري ۽ اُهي اڻ پڙهيل رهن ٿيون. اڻ پڙهيل ڇوڪرين جي شادي جو مسئلو پيدا ٿئي ٿو. هن ڊرامي جو بنياد سماج جي انهن تضادن تي ٻڌل آهي.

اهڙي طرح آزادي کان پوءِ ريڊيو ٽي. وي ۽ اسٽيج تان ڪيترائي ڊراما پيش ٿيا، جن ۾ سنڌي سماج جي روزانہ زندگيءَ جا ڪئين مسئلا موضوع طور پيش ڪيا ويا آهن. جن جو تفصيل ڏيڻ سان.هي مقالو طويل ٿي ويندو.

مناسب ٿيندو تہ هن موضوع تي ڪا تحقيق ٿئي. مجوزه تحقيق سنڌ جي سماجي تاريخ ۾ دلچسپي رکندڙن لاءِ رهنما ثابت ٿيندي. هيٺ انهن ڊرامن مان ڪن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا، جيڪي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي لائبريريءَ ۾ هٿ ڪري رکيا ويا هئا. مناسب ٿيندو تہ ريڊيو ۽ ٽي. ويءَ تان ٻيا بہ اسڪرپٽ هٿ ڪري محفوظ ڪيا وڃن. في الحال ڪن ٿورن ڊرامن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

| ڊراما نگار | ٽي. وي ڊرامي جو نالو |
|---|---|
| آغا سليم | 1. پاگل خانو |
| | 2. چانڊوڪيءَ جو زهر (بہ قسطون) |
| | 3. خواب جو سورج |
| | 4. تماشو |
| | 5. پاس ناپاس |
| | 6. پرھ جا مسافر |
| | 7. ٽيليفون |
| | 8. بري هن ڀنڀور ۾ |
| | 9. سک جي وستي |

| | |
|---|---|
| امر جليل | 1. اونده ۾ روشني |
| | 2. شڪست ڪان پوءِ (ٻه قسطون) |
| | 3. ماءُ |
| | 4. ناٽڪ |
| اياز عالم ابڙو | 1. ذات جي ڏيهه ۾ |
| | 2. گهايل مرڪ |
| | 3. نينهن جا ناتا |
| اياز قادري | 1. سامين ٺمير سور |
| در محمد پناڻ | 1. اونداهيءَ جا اولڙا |
| زرينه بلوچ | 1. ليلا مليس ڪنوار |
| زيڊ. اي. شيخ | 1. روح ۾ رڄ |
| سليم جمالي | 1. پاڙي ناهه پروڙ |
| شمشير الحيدري | 1. عيد پارٽي |
| | 2. ناهه |
| | 3. پلٽڻ |
| | 4. علاج |
| شوڪت شورو | 1. احساس |
| | 2. اڌ مڙهيل سئيٽر |
| | 3. ديوار |
| | 4. ڌرتيءَ جا تارا |
| طارق عالم ابڙو | 1. چنڊ رهين ٿو دور |
| عبدالڪريم بلوچ | 1. روح جا رشتا |
| | 2. ڪاش ائين هجي |
| | 3. جوڳي تي ڄڙاءُ |
| | 4. پرچاڻ وارو |
| | 5. بئنسر ادل جي |
| | 6. مهمان |

| | | |
|---|---|---|
| عبدالقادر جوڻيجو | 1. گردش | |
| | 2. ويندڙ وهي | |
| | 3. ڳولا | |
| | 4. پنگ | |
| | 5. مون ۾ آهين تون | |
| علي بابا | 1. روشن تارا | |
| | 2. پرين ۽ پيچرا (ست قسطون) | |
| | 3. سؤ رپيا نوٽ ماڻهو | |
| | 4. چنڊ ۽ ماني | |
| | 5. هي جيون هي سپنا | |
| | 6. منو | |
| | 7. لهرون لس ليٽ | |
| | 8. دنگي منجهه دريا | |
| | 9. روپ بهروپ | |
| علي محمد مجروح | 1. ڪڏهن ائين به ٿئي ٿو | |
| | 2. رستا ۽ راهي | |
| | 3. ٽانءَ جي شوخائي | |
| فاروق سولنگي | 1. ايڪسري (ڊرامائي تشڪيل: ڪيهر شوڪت) | |
| ڪيهر شوڪت | 1. ڳُهٽ | |
| قاضي خادم | 1. وصيت نامو | |
| | 2. ٻه واٽون | |
| | 3. شڪست | |
| | 4. منزلون ۽ مسافر | |
| | 5. موت ۽ فاصلو | |
| قمر شهباز | 1. انٽرويو | |
| | 2. پاڇي جي تلاش | |
| | 3. پنهل ڪان پوءِ | |
| | 4. پاڇا ۽ پڙلا | |
| | 5. شڪست | |

6. ڪنگلو

7. ڪاري

8. واريءَ سندو ڪوٽ

9. دادلو

10. ٻہ ۽ ٻہ ـ ٻاويھہ (مزاحيہ ڊرامو)

| | |
|---|---|
| مائڪ | 1. آيل ڙي اولاٺا |
| مراد علي مرزا | 1. ناسور |
| | 2. گنهگار |
| | 3. اداس پاچا |
| | 4. اجرو من |
| | 5. سين هنيائون سچ تہ |
| | 6. ڪهاڙو ۽ ڪنڌ |
| | 7. زخم زندگيءَ جا |
| | 8. آئينو |
| مشتاق سومرو | 1. نتيجو |
| منظور قريشي | 1. لڙڪ لڙڪ زنجير (ٻہ قسطون) |
| منير احمد چانڊيو | 1. سوداگر |
| ممتاز مرزا | 1. ستارن ڀنا رات |
| | 2. اندر جنين جو اڌ |
| | 3. سچائيءَ جو عڪس |
| نسيم احمد ڪرل | 1. پهرين مراد (ڊرامائي روپ: علي بابا) |
| نور گهلو | 1. روشني |
| آغا نادر | 1. روشنيءَ جي تلاش |
| ارشاد قمر | 1. سچ جنهين جو سير (مزاحيہ ڊرامو) |
| اسماعيل بن واصف | 1. سڌين سيڻ نہ هون |
| امير صديقي | 1. انسپيڪشن بنگلو |
| امير علي | 1. آخري قسط |

| | |
|---|---|
| ايوب سرحدي | 1. درد جا پاچا |
| بانو قدسيه | 1. سرءِ جو پن (مترجم: ممتاز مرزا) |
| سعيده ميمڻ | 1. زخم زندگيءَ جا |
| شاهد ڪاظمي | 1. سوڌ ۽ ساهه |
| نوازعلي شوق | 1. سوجهرو |
| عبدالحق ابڙو | 1. دانا ديونا (ٻه قسطون) |
| غلام نبي مغل | 1. شيشي جو گهر (ڊرامائي روپ: علي بابا) |
| فيض محمد ٻگهيو | 1. جيئڻ ڪارڻ جيڏيون |
| | 2. ڪانپو |
| مرزا قليچ بيگ (مترجم) | 1. ليڪڪ: گوگول. پيشڪش: عبدالڪريم بلوچ |
| | 2. انڪوائري آفيسر |
| | 3. زينت (ست قسطون) ڊرامائي روپ: شمشير الحيدري |
| | 4. گلن واري ڇوڪري (ٻه قسطون) ڊرامائي روپ: علي بابا |
| مرزا نادر بيگ | 1. فيصلو (ڊرامائي روپ: ممتاز مرزا) |
| مهتاب محبوب | 1. روئي ڏنو رات |
| | 2. سيڻ ڏيڻ |
| | 3. بليٽن |
| | 4. لالڻ |
| ناصر مورائي | 1. داءُ |
| يوسف شاهين | 1. مونجهارن جو ماڳ |

اهڙيءَ طرح سنڌي ڊرامن جي روشنيءَ ۾ سنڌي سماج جو مطالعو هڪ اهم موضوع آهي جنهن تي تحقيق ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي. مناسب ٿيندو ته هي ڪم سوشيالاجي شعبي جو ڪو اهڙو استاد ڪ ئِ جيڪو سنڌي ادب سان دلچسپي رکندو هجي ۽ محنت به ڪري سگهي.

## مددي ڪتاب


1. "Lambrick, H.T. "History of Sind".
2. Ibid.
3. John Marshal, "Mohen Jo Daro".
4. Ibid.
5. منگهارام ملڪاڻي: "سنڌي نثر جي تاريخ"، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز 1977ع ص 20.
6. ايضاً، ص 155.
7. ايضاً، ص 125.
8. ايضاً، ص 153.
9. ايضاً، ص
10. ايضاً، ص
11. ايضاً، ص 119.
12. ايضاً، ص
13. ايضاً، ص 127.
14. ڊاڪٽر غلام علي الانا: "سنڌي نثر جي تاريخ"، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز.
15. ايضاً.
16. حوالو 5، ص 161.
17. محمد اسماعيل عرساڻي: "بدنصيب ٽري"، ٻيو ڇاپو سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.
18. حوالو 5، ص 190.
19. سماهي مهراڻ
20. حوالو 5، ص 192.
21. ايضاً، ص 199.
22. مراد علي مرزا: "سنڌيءَ ۾ ريڊيائي ناٽڪ"، هڪ مختصر جائزو ماهوار نئين زندگي، جنوري 1968ع، ص ص 65_66 ۽ 73.

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادب جي عظيم هستي

# DR. N.A BALOCH A GREAT RESEARCH SCHOLAR ON SINDHI LANGUAGE & LITERATURE

**Dr. Noor Afroz Khowaja**
Dean Faculty of Arts,
Professor, Sindhi Department
University of Sindh, Jamshoro

**ABSTRACT**

Dr. N.A Baloch [1917 - 2011] was a renowned Linguist and Literary Research Scholar of Sindh. He was appointed first Professor in the University of Sindh for the Department of Education in 1951. Allama I.I Kazi, the Founder Vice Chancellor University of Sindh established Department of Sindhi in 1952 and handed over its charge as In charge Chairman to Dr. N.A Baloch. Department of Sindhi Under his able administration and guidance, started working with noble standards of teaching and research. Dr. Baloch devoted his whole life for education and Research. He wrote books on origin and structure of Sindhi Language & Literature. He compiled books on Sindhi Folklore in 42 vol., compiled first complete Dictionary of Sindhi Language in 5 vol., compiled many books of Classical Poets of Sindhi Language, he Edited books on history of Sindh and wrote many other books on various topics of language and literature.

Dr. Baloch, after his retirement worked as Emeritus Professor and Chair Professor of Allama I.I Kazi Chair. He carried out research work on the text of Shah Jo Risalo to find out its originality in order to separate some mixed poetry which he proved do not belong to Shah Abdul Latif Bhittai. This research was published in 10 vol. After completing this too long project, Dr. Baloch started writing on folklore which Published in series of books under the title "REHAN HEERAN KHAN" in 10 vol. Dr. Baloch said this book is my Autobiography too.

Dr. Baloch worked throughout life in the University of Sindh. In his last years of life he wrote a letter to the Vice chancellor Allama I.I. Kazi

Campus Jamshoro in which he expressed his wish to rest eternally under the University soil and at the feet of Allama I.I Kazi. After his demise he was laid to rest eternally at his willing place in the University of Sindh.

In this paper I have traced out all the important facts belonging to his noble research work.

پروفيسر ايمريٽس، سنڌ يونيورسٽي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پوري برصغير جي هڪ اهڙي اهم شخصيت جو نالو آهي، جنهن سنڌي ٻولي ۽ ادب کي هميشه زنده رکيو آهي. ان جي ترقي ۽ ترويج ۾ پاڻ سدائين اڳرا رهيا آهن. سنڌ جا ماڻهو ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت تي جيترو فخر ڪن ٿا. شايد ئي ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڪنهن اديب ۽ عالم تي ڪير ڪندو هجي. ڊاڪٽر بلوچ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪندي گذاري، سندس خدمتن جي عيوض کيس ستاره امتياز صدارتي تمغه حسن ڪارڪردگي، تمغه پاڪستان ۽ ستاره قائداعظم، ڪمال فن ايوارڊ، اعزاز ڪمال ۽ Lifetime Academic Achievement Award سان نوازيو ويو.

ڊاڪٽر صاحب جي پيدائش 16 ڊسمبر 1917ع ۾ ڳوٺ جعفر خان لغاري، تعلقي سنجهوري، ضلعي سانگهڙ ۾ ٿي. ان وقت سنڌ ۾ خاص طور تي ڳوٺن ۾ اسڪول ڪونه هئا. پر ڊاڪٽر صاحب جي پڙهائيءَ جي شوق کي ڏسي، سندس چاچي ولي محمد خان، کيس ٻين هنڌن تي سٺن اسڪولن ۾ ويهاريو. پاڻ بمبئي يونيورسٽيءَ مان 1936ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس، بهاءُ الدين ڪاليج جهونا ڳڙهه ۽ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه مان وڌيڪ تعليم حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ڪولمبيا يونيورسٽيءَ مان ايم.ايڊ ۽ ڊاڪٽوريٽ آف ايڊيوڪيشن جون ڊگريون حاصل ڪيون.

ڊاڪٽر صاحب، پنهنجي زندگيءَ ۾ لکيل ڪتابن، مضمونن ۽ مقالن ۽ انٽرويوز ۾ پنهنجي پوري زندگي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب سان جيڪو سندس عشق هو انهيءَ بابت تفصيلي طور معلومات ڏني آهي، ته پاڻ ڪيترين تڪليفن سان تعليم حاصل ڪري، انگريزي، سنڌي، عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ مهارت حاصل ڪري انهن ٻولين ۾ بي شمار ڪتاب لکي، پنهنجو نالو هميشه لاءِ زنده رکيو آهي. اهڙيون عظيم هستيون، جيستائين سنڌي قوم جو هڪ فرد يا سنڌي ٻولي موجود هوندي، ڪتابن ۾ سنهري اکرن ۾ نالو لکي ياد ڪيون وينديون.

ڊاڪٽر صاحب جن جي شخصيت، علميت، ڪماليت، ادبي چال ۽ علمي مرتبو رکندڙ پوري دنيا ۾ ڄاتي سڃاتي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻولي نه صرف سنڌ ۽ هندستان تائين بلڪ پوري دنيا ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. ڊاڪٽر صاحب جي خدمتن ۽ سنڌيءَ ۾ لکيل ڪتابن کي ايتري شهرت ملندي رهندي ۽ اهي ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت تي فخر ڪندا رهندا.

ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي شخصيت ۽ علمي، ادبي خدمتن بابت لکن ٿا ته:

"ڊاڪٽر صاحب علم التعليم، ادبيات، لسانيات، علم اللغات، سنڌي ادب، سنڌ جي ثقافت، آثار شناسي، لطيف شناسي، لوڪ ادب ۽ سنڌ شناسي تي وڏو دسترس رکندڙ بين الاقوامي دانشور هجڻ جي حقيقت رکندڙ سنڌ جو اهو فرزند آهي، جنهن تي سنڌ وارا جيترو فخر ڪن، اهو ٿورو آهي." (ڊاڪٽر الانا، "نئين زندگي"، 2000ع، ص 7)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي تعليم مڪمل ڪري، 1951ع ۾ علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي وقت ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ پروفيسر ۽ پوءِ ان ئي انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. پاڻ ان وقت سنڌي شعبو به قائم ڪرايائون. 53-1952ع کان وٺي 1959ع تائين ان جي انچارج چيئرمين جي حيثيت ۾ رهيا ۽ شعبي ۾ ڪيترائي تحقيقي ڪم ڪرايائون. ان کان سواءِ، پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نيو ڪئمپس جي پلاٽ وٺڻ کان وٺي، نيو ڪئمپس جي مختلف شعبن کي قائم ڪرڻ، پريس، ميوزيم وغيره ۾ علامه آءِ آءِ قاضيءَ جا ٻانهن ٻيلي ٿي رهيا. پاڻ وائيس چانسلر ٿيڻ تائين، سنڌ يونيورسٽيءَ کي بهتر کان بهتر ڏسڻ لاءِ ڪوششون ڪندا رهيا.

ڊاڪٽر صاحب پاڻ نه صرف هڪ استاد هئا، پر هڪ سٺا اسڪالر، هڪ سٺو منتظم پڻ رهيو آهي. پاڻ ڪيترائي عهدا ماڻيائون پر هڪ هڪ عهدي تي نهايت ئي سچائي، ايمانداري ۽ جفاڪشيءَ سان ڪم ڪري پنهنجو پاڻ کي مڃرايائون.

1980ع ۾ اسلام آباد، اسلامي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو. سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر رهيو. نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ريسرچ جا 1979ع کان 1982ع تائين ڊائريڪٽر رهيو. تعليم جو وزير رهيو. 1977ع کان 1979ع تائين ثقافت، آثار قديمه، رانديون ۽ صحت جا وزير مقرر ٿيا. 1979ع ۾ قومي ڪميشن تحقيق، تاريخ ۽ ثقافت جا چيئرمين مقرر ٿيا. 1983ع کان 1989ع تائين نيشنل هجره ڪائونسل اسلام آباد جا مشير ٿي رهيا. پاڻ اتي به ڪيتريون ئي اسڪيمون ٺاهي، ڪتاب شايع ڪرايا. سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ جو1990ع ۾ پهريون چيئرمين رهيو جتي پاڻ سنڌي ٻوليءَ جي سڪيا، ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ٻوليءَ کي استعمال ڪرڻ وغيره بابت تمام گهڻو ڪم ڪيائون ۽ آخري وقت تائين سنڌ يونيورسٽي ۽ ٻين ادارن ۾ سينيٽ، اڪيڊمڪ ڪائونسل جا ميمبر ۽ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ به هئا، جتي پاڻ ڪيترائي مفيد مشورا ڏيندا رهندا هئا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪيترن ئي موضوعن تي سوين ڪتاب ۽ بي شمار مقالا لکيا آهن. پاڻ سنڌي ادب تي ۽ ٻوليءَ تي ڪيترائي ڪتاب لکيائين، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ابتدا بابت پنهنجو نظريو پيش ڪيو اٿائين ۽ سنڌي ادب جي شروعات بابت وضاحت

سان بيان ڪيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي زندگيءَ جا ٽي اصول هئا. هڪ زندگيءَ ۾ ڊسيپلين، ٻيو ڪم ۾ فقط ڪم ۽ ٽيون ڪنهن به تنقيد جو جواب نه ڏيڻ. جنهن سان وقت ضايع ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري سندس زندگيءَ ۾ هن ڪيترائي اهم ڪم ڪيا آهن.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي زندگيءَ جو وڏو ڪارنامو شاهه لطيف جي ڪلام کي مرتب ڪرڻ آهي. پاڻ لطيف سائينءَ جي ڪلام جو وڏو ڄاڻو هو. هن ڪلام جي ڪيترن سُرن کي ترتيب ڏيئي، شاهه جي ڪلام جا ڏهه جلد مڪمل تيار ڪري، ان جي شرح تيار ڪئي. ان کان علاوه پاڻ جامع سنڌي لغت 1951ع، سنڌي ـ اردو لغت 1959ع، اردو ـ سنڌي لغت 1960ع ۾، جواهر اللغات، سنڌي اکيچار هڪ جلدي سنڌي لغات 1959ع، انگريزي — سنڌي لغت ۽ ٻيا ب ڪيترائي لغت جا ڪتاب تيار ڪرايائين.

ڊاڪٽر صاحب جو ٻيو وڏو ڪارنامو لوڪ ادب کي سهيڙڻ آهي. پاڻ سنڌي ادبي بورڊ جي مدد سان 1956ع کان منظور ڪيل رٿا مطابق ڪم شروع ڪرايو ۽ 38 صفحن تي، 40 کان مٿي ڪتاب شايع ڪرايائون. پاڻ انهيءَ بابت لکن ٿا ته:

"ان تجويز مطابق 1959ع کان لوڪ ادب جي سهيڙن جو ڪم شروع ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ۽ ڏنل هدايتن موجب ڀهراڙين مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي لغت آفيس سان گڏ، لوڪ ادب جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي ويئي ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا ته مقامي طور گڏ ڪيل توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورچي ورهائي، پيٽي صاف ڪري ڇپائڻ لائق بنائين." (ڊاڪٽر بلوچ، 1998ع، ص 56).

محترم بدر ابڙو ڊاڪٽر صاحب جي لوڪ ادب ۾ ڪيل اهم ڪمن بابت لکي ٿو ته:

"جيئن ته ڊاڪٽر صاحب، سنڌ جو چپو چپو اکين سان ڏٺو ۽ مقامي روايتن کي ڪيئي جلدن ۾ سهيڙيون، ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته، سنڌ جو گهڻو لوڪ ادب ۽ روايتون (جيڪي تاريخ جون ٽٽل يا گم ٿيل ڪڙيون هونديون آهن) رڪارڊ تي چڪيون آهن. ان حوالي سان ڊاڪٽر صاحب ٻين لاءِ ڪو ٿورو مواد پوئتي ڇڏيو آهي. اهوئي سبب آهي جو مون کي يا ڪنهن به محقق کي جڏهن به ڪو تاريخي، تحقيقي ڪم ڪرڻو آهي يا لغت نويسيءَ ڏانهن ويڻو آهي ته سڀ کان پهرين ڊاڪٽر صاحب جا ترتيب ڏنل ڪتاب لازمي طرح پڙهڻا پون ٿا. اهي ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ ئي ڪو محقق ڪنهن رخ ۾ ڪا وِک کڻي سگهندو." (بدر ابڙو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، تحقيق جو سرواڻ، ڪاوش، 10 اپريل، 2011ع)

ڊاڪٽر صاحب لوڪ ادب جي ڪم تي پنهنجو پاڻ مڃايو هن وقت تائين جيترو به ڪم ڊاڪٽر بلوچ جو ڪيل آهي، ٻئي ڪنهن به اسڪالر نه ڪيو آهي. پاڻ سنڌ جو

صدين کان لڪل، لٽيل خزانو هٿ ڪري، ناهي، سنواري، سينگاري پيش ڪيو. بقول ڊاڪٽر صاحب جي تہ ايتروئي مواد اجا اڻ ڇپيل موجود هو جن ۾ لوڪ ڪهاڻين بادشاهن، وزيرن، شهزادن، سوداگرن، جادوگرن، جنن ڀوتن، ڏائڻن، جانورن، پکين ۽ انسانن جي عشق جي عقل، سمجهہ، سياڻپ، همت، شجاعت، بهادري ۽ همدرديءَ جا قصا ۽ نصيحت آميز نڪتا، مختلف روايتن سميت بيا ڪيا آهن. ڀاڻ لوڪ ڪهاڻين جا 7 جلد تيار ڪيائون، جن ۾ مقدما، ڪهاڻين جا تر ۽ بر، ڪهاڻين جا ڪردار ۽ ڪهاڻين بابت تاريخي روايتن وغيره کي بيان ڪيو آهي. ان کان سواءِ قصن ۽ عشقيہ داستانن تي ڪتاب لکيائون. معياري نظمن، ديني نظمن، مولود، مدح، ٽيهہ اکريون، مناظره، هفتا، ڏينهن ۽ راتيون نظم، واقعاتي بيت، جنگ نامہ سائن سنئوٽن، ڪافيون، لوڪ گيتن جمالو مورو چلڙو لولي، همرچو کان علاوه ڳيچ وغيره سينگار شاعري، نژبيت، پرولي، هنر، ڏٺ، معما، ڳجهارت وغيره جي صنفن تي ڪتاب لکي، انهن صنفن بابت ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ، سگهڙن جو ڪلام بہ شايع ڪرائي، سنڌي ٻوليءَ کي مالامال ڪيو آهي. سندس گڏ ڪيل انهيءَ خزاني جي ڪري سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، سنڌي ثقافت، سنڌ جي تاريخي ۽ سماجي سياسي حالتن، ريتن رسمن، ڏنڌي واپار، ڀوڪ، هنر سان گڏ سنڌ جي شهرن، ڳوٺن، هنڌن، ماڻهن جي ذڪر سان سنڌ جي ڏهن سخي ڏاتارن جي سخاوت جي هاڪ هئي، انهن بابت ڄاڻ ملي ٿي. سچي ڪم جو ڪريڊيٽ ڊاڪٽر صاحب ڏانهن وڃي ٿو.

انهيءَ کان علاوه ڊاڪٽر صاحب سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ تي بہ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. ڀاڻ موسيقيءَ ۽ راڳ جو سنو ڄاڻو هو. انهيءَ ڪري ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام جي موسيقيءَ تي ڀڻ ڪم ڪيو آهي. ڀاڻ 1973ع ۾ سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ تي انگريزيءَ ۾ ڪتاب (Development of Music in Sindhi) لکيائون.

ڊاڪٽر صاحب سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن شاهہ لطيف الله قادري، شاهہ عنايت رضوي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، خليفو نبي بخش لغاري، صوفي محمد صديق فقير، حمل خان لغاري ۽ نواب ولي محمد لغاريءَ وغيره جي ڪلام کي سهيڙي، ترتيب ڏيئي، انهن جي زندگيءَ ۽ ڪلام بابت مقدما لکي شايع ڪرايا آهن. جيڪو بہ سندن وڏو ڪارنامو شمار ٿئي ٿو.

ڀاڻ عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين ۾ بہ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايا آهن. سنڌيءَ جي تاريخي ڪتابن، تاريخ معصومي چچ نامہ، تحفة الڪرام، تاريخ طاهري، لب تاريخ سنڌ، بنگلار نامہ ڪتاب سندس ئي ڪوشش جو نتيجو آهن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا سنڌ جي تاريخ بابت 17 مقالا لکيل آهن. ڀاڻ عربي، فارسي ۽ سنڌ جي علمي ادبي تاريخي ذخيري تي، پير حسام الدين راشديءَ سان گڏجي ادبي بورڊ جي رٿا تحت پيا بہ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪرايا.

ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت، سندس سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ ڪيل خدمتن جو شمار ڪرڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. ڊاڪٽر صاحب جي علمي ۽ ادبي خدمتن تي ته ڪئين ڪتاب لکي سگهجن ٿا. صرف هڪ مقالي ۾ ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت کي پيش ڪرڻ ناانصافي ٿيندي، پر ادب جي هڪ ادنيٰ خادم جي حيثيت ۾ ڊاڪٽر صاحب تي ٻه ٽي لفظ لکي، پاڻ کي سندس پسند ڪندڙن ۽ متاثر ٿيندڙن ۾ شمار ڪرائي سگهان ٿي. ڇاڪاڻ ته منهنجي چيئرپرسن واري سڄي دور ۾ ڊاڪٽر صاحب سان سنڌي شعبي مان شايع ٿيندڙ ڪتابن "ڪينجهر" جي مختلف پرچن لاءِ ۽ شاهه لطيف تي شايع ٿيندڙ ڪتابن "اڱهيا ڌٽ سندا" ۽ "لوچيان ٿي لاحد ۾" ڪتاب ۾ مقالن لاءِ ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ۽ لکپڙهه ٿيندي رهندي هئي. اسان سندس لکيل مقالن کي ڪمپوز ڪري (سندس چوڻ مطابق پروف ڏسڻ لاءِ) موڪليندا هئاسون ته ٻن ٽن ڏينهن ۾ ڏسي موڪليندا هئا ۽ هر وقت منهنجي همت افزائي ڪندا رهندا هئا. ان کان سواءِ، سنڌي شعبي ۾ منعقد ٿيندڙ شاهه لطيف ليڪچر پروگرامن ۾ شرڪت ڪري، پنهنجي قيمتي راءِ ڏيندي اصلاح ڪندا رهندا هئا. سنڌي شعبي جي ڪتاب "اڱهيا ڌٽ سندا" ۾ سندس تقرير پڻ شامل ڪيل آهي.

آخر ۾ الله سائينءَ کان اها دعا آهي ته هو کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي ۽ اسان سڀني کي اها توفيق ڏئي ته سندس نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ سندس نوازيل سرمايي کي پڙهون، سکون، سمجهون، عمل ڪريون ۽ سنڀالي رکون. ائين ڪرڻ سان ڊاڪٽر صاحب هر وقت، هر لمحي اسان جي دلين ۾ سدائين موجود رهندو.

## حوالا


1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، مقالو: "هڪ ڀهڳڻو دانشور"، ڊسمبر 2000ع. نئين زندگي، انفارميشن ڊپارٽمينٽ آف پاڪستان، ص 7.
2. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر، "ڊاڪٽر بلوچ، هڪ مطالعو"، 1998ع لاڙ ادبي سوسائٽي، بدين.
3. ابڙو بدر "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، تحقيق جو سرواڻ". ڪاوش اخبار 10 اپريل، 2011ع

ڊاڪٽر تهمينه مفتي

# حضرت سلطان باهو جي تعليم ۽ پيغام

## HAZRAT SULTAN BAHOO'S TEACHINGS AND MESSAGE

**Dr. Tahmina Mufti**
Professor,
Department of Sindhi,
University of Sindh, Jamshoro

**ABSTRACT**

The Paper gives an insight to sultan Bahoo's school of thought. When we teaching of a closer look at the history of the sub-continent, one comes to know that the Sufi poets have always been a source of enlightenment to the souls of the people through their teachings is entirely foucused to nurture the human diginity in their minds and souls and help people to recognize the greatness of human kind and this recognition connects with the "oneness of God",give strength to shun away the evil or negativity in oneself and to create a balance in their lives, and gives a clear notion that this world is temporary place to live in.

Sultan Bahoo`s, teachings in the form of poetry has a positive effect on the lives of the people of the subcontinent his school of thought is known as "Qadirya Sarvariya". His poetry is austere; where he used folklore, everyday activities and traditions in it. Sultan Bahoo's symbolic interpretation of his thoughts with clear pictures of life tells us how strong his words are. He criticizes fake and shallow behavior in the society and gives importance to the tenderness to a human heart which holds centements of overall betterment of the society. The source of inspiration in his poetry is the holy Quran. Where the message is focused on society. Sultan Bahoo in his poetry talks about human self-esteem and one should value it and keep it intact and not fall pray for worldly things and says though it is difficult to do so but again human esteem is above all.

His poetry can be understood by Sindhi, Punjabi, Siraiki and Farsi speaking people and knows that his poetry has quite an impact on a broad spectrum of linguistic background. Deevan-e-Bahoo is in Persian.

برصغير جي تاريخ ۽ سماج جو اڀياس ٻڌائي ٿو ته، بزرگن، شاعرن ۽ صوفين انسان ذات جي تربيت لاءِ جيڪا، جاکوڙ ڪئي اها جاکوڙ علمي ۽ روحاني جاکوڙ هئي، اها ڪوشش ۽ جدوجهد، علم ۽ روحانيت سان جڙيل آهي، سڀني مذهبن ۽ عقيدن جي روشني ۾ انسان جي عظمت ۽ خودشناسي جو سبق ڏنو ويو آهي، خودشناسي جو رستو وحدت ۽ هيڪڙائي سان جڙي ٿو. نفس جي اصلاح لاءِ سهپ، رواداري جهڙن ڳڻن کي انسان ذات ۾ پيدا ڪرڻ لاءِ روح جي بقا، فنا ۽ بقا دنيا جي بي ثباتي، جهڙن عقيدن جي وضاحت ڪندي، هڪ پيغام ڏنو جن صوفين، اهڙو پيغام ڏنو تن مان هڪ حضرت سلطان باهو پڻ آهي، جن جي تعليم جو اثر عوام تي نظر اچي ٿو سندن مڪتب فڪر قادريا سروريا جي نالي سان سڏجي ٿو.

سلطان باهو (1691_1630) جهنگ ضلعي اعوان ۾ پيدا ٿيا. ابتدائي تعليم پنهنجي والده راستي صاحبه کان حاصل ڪئي، هوءَ نيڪ ۽ پيرهيزگار عورت هئي، باقاعده تعليم قادري سلسلي جي هڪ بزرگ شاهه حبيب الله قادري کان حاصل ڪئي، سندن ڪلام سرائيڪي ۽ پنجابيءَ ۾ آهي. سندن ڪلام مان سندن شخصيت، صوفي فڪر کي بخوبي پرکي سگهجي ٿو سندن ڪلام مقامي يعني پنهنجي ڌرتي جي سهڻن رنگن سان تخليق ٿيل آهي، سندن ڪلام ۾ مصنوعيت ۽ لفاظي ڪونهي، پنهنجن جذبن ۽ احساسن کي ظاهر ڪرڻ گهرجي، ڪم ڪارين، هنرن، لوڪ ڪهاڻين ۽ ريتن رسمن کي ڪم آندو آهي، علامتي ۽ حقيقي تصورن کي پيش پڻ ڪيو آهي. ظاهري ۽ نمائشي عمل تي تنقيد ڪن ٿا. باجهه انهن تي ٿيندي جن جون دليون منافقت کان پاڪ هونديون ۽ جيستائين هو فنا جي درجي تي رسائي حاصل نٿا ڪن.

باجهه حضوري نهين منظوري، پئي پڙهن بانگ صلاتان هو
روزي نفل نماز گزارن پئي جاڳن ساريان راتان هو
باجهو قلب حضور نه هو وي پئي ڪدين زڪاتان هو
باجهه فنا رب حاصل ناهين، نه تاثير جماتان هو.
بيت 24، صفحو نمبر 348

بي ادبان نه سار ادب گئي ادب تهين وانڃي هو
جهيڙ هون متي دي ڀانڊي، ڪدي نه ٿيون ڪانجهي هو
جهڙي مُدهه قديم دي ڪيڙي ڪدي نه .هوندي رانجهي هو
جنين حضور نه منگيا باهو دوهين جهانين وانجهي هو.
بيت 25، صفحو نمبر 349

بيتن ۾ متيءَ جي ٿانون جو مثال ڏنو اٿائين. پنجاب جي لوڪ داستان هير ۽ رانجهي مان ڪيڙن جي ڪردارن کي رانجهي سان ڀيٽي، رانجهي جي ڪردار کي مٿاهون درجو ڏنو اٿس.

هي بي ادب ماڻهو عشق جي روايت کي سمجهي نٿا سگهن، اهڙا ماڻهو محبت جي ڏانو کان ناواقف، اڻڄاڻ، عشق الاهي کان محروم دنيا مان خالي هٿ رخصت ٿين ٿا. هي بي ادب بي شناس متي جي انهن ٿانون وانگر آهن جيڪي ڪهرا رهندا، جن ۾ شيشي جهڙي لس ۽ چمڪ نہ ايندي چاڪاڻ تہ انهن جي اصليت ڪهرو هجڻ آهي ۽ جن جي رڱن ۾ ڪيڙن جو رت ڊوڙندو هجي اهي ڪڏهن بہ رانجها ٿي نٿا سگهن جو اهي مالڪ کان نٿا گهرن ۽ انهن ۾ عشق الاهي پيدا ٿي نٿو سگهي.

فاني زندگي جو مثال ڏيندي پنهنجي ڪلام ۾ هن ريت فرمائين ٿا.

اوجهڙ جهل تي مارو بيلي جتي جالن آئي هو
جس ڪدهي نون ڊهاهہ هميشہ اج ڊٺي ڪل ڊهائي هو
نين جنهاندي وهي سرهانديءِ اوهہ سک نہ سوندي راهي هو
ريت پاني جس هون اکثي اٿ بني نہ بجهندي ڪائي هو.
بيت 17، ص 343

روح هن جهنگ، بيلي ۾ زندگي گذارڻ آيو آهي، جنهن زندگي کي هميشہ ندي جو وهڪرو روڙي هٽندو هجي ۽ ڪناري کي پائيندو هجي، اهو هت سُک جي زندگي ڪيئن گهاري سگهي ٿو اهو سُک جي ننڊ نہ ڪري سگهندو جتي واريءَ ۽ پاڻي ساڻ هجي.

ظاهريت ۽ نمائش کان پاسو ڪرڻ جي هدايت ڪيل آهي، بنيادي طرح سندن ڪلام تعليم ۽ فڪر جو بنياد قرآن پاڪ ۽ حديث پاڪ آهي، سندن پيغام ۾ سکيا، ترڪ دنيا ۽ نفس ڪشي بابت آهي، اهڙا خيال سندن شاعري ۾ ڪثرت سان ملن ٿا.

سندن شاعريءَ ۾ عارفانہ حقيقتون، ساديءَ ۽ عام فهم زبان ۾ بيان ڪيل آهن، دنيا جي بي ثباتي، ڪوڙ ۽ ڪچ واري راند کي دل پذير انداز ۾ بيان ڪيو آهي، عارفانا خيال، ترڪ دنيا، نفس ڪشي ۽ مختصر زندگي جي بيان سان گڏ هڪ شاعر جا جذبات ۽ احساس پڻ پرکي سگهجن ٿا. ڪن بيتن مان تاريخي اهڃاڻ، اشارا، سماجي اڀياس ۽ قرآن پاڪ جي آيتن جو حوالو معلوم ڪري سگهجي ٿو مثال هيٺ ڏجن ٿا.

الف الست سنيا دل ميريءِ جند بليٰ کو کيندي هو
حب وطن دي غالب هوئي، هڪ پل سون نہ ديندي هو

ٿهر پوي اس رهزن دنيا، حق دا راهہ مريندي هو
عاشق مول قبول نہ باهو زارو زار رويندي هو.
بيت 5 صفحو 334

وَإِذْ أَخَذَ رَبُّكَ مِنْ بَنِيٓ ءَادَمَ مِن ظُهُورِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَأَشْهَدَهُمْ عَلَىٰٓ أَنفُسِهِمْ أَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ
قَالُوا۟ بَلَىٰ شَهِدْنَآ أَن تَقُولُوا۟ يَوْمَ ٱلْقِيَٰمَةِ إِنَّا كُنَّا عَنْ هَٰذَا غَٰفِلِينَ

(سورة الاعراف، آيت نمبر ١٧٢)

*[(اي پيغمبر) "ان وقت کي ياد ڪر جڏهن تنهنجي پالڻهار آدم ع جي اولاد جي پٺين مان سندن اولاد کي پيدا ڪيو ۽ سندن وجود کي مٿن شاهد ڪيائين ۽ چيائين تہ آءُ اوهان جو پالڻهار نہ آهيان ڇا؟ چيائون: هائو آهين. اسان اها گواهي ٿا ڏيون (مون انهن کان اها گواهي ان لاءِ ورتي هئي) تہ متان قيامت جي ڏينهن چئو تہ اسين ان ڳالهہ کان بي خبر هئاسين."]*

ان گواهي ڏيڻ واري ڏينهن، ڪيل وعدي ۽ پنهنجي مالڪ کي تسليم ڪرڻ واري هائوڪار کي صوفين نهايت ئي دل گداز ۽ من کي بيدار ڪرڻ واري ڪيفيت سان پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ روح جي پنهنجي اصل گهر کان جدائي ۽ الله جي محبت ۾ زاروزار روئڻ کي تمثيلي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. حضرت سلطان باهو انهن صوفين ۾ شامل آهي، جن روح جي اصل گهر کان وڇوڙي ۽ محبوب کان جدائي وارو موضوع پنهنجي ڪلام ۾ شامل ڪيو آهي.

هڪ صوفيءَ جي احساس جي شدت جي پرواز بہ مختلف آهي. سلطان باهو چوي ٿو هن لٽيري دنيا تي خدا جي آفت نازل ٿي جو حق جي راهہ تي هلڻ واري روح تي ڏاڍو هٿي ٿي، رب جا عاشق دنيا کي قبول ناهن اها هنن کي طرح طرح جا عذاب ڏئي زارئون زار رئاري ٿي ۽ پريشان ڪندي رهي ٿي. ان کان علاوه هي سٽون برصغير جي ان تاريخي حقيقتن ڏانهن واضح اشارو آهي، جنهن ۾ دارا شڪوه (۽ ٻين کي) بيدردي سان قتل ڪيو ويو جو هو وحدت الوجود جي فڪر سان جڙيل هو. ميان مير سنڌي سندس مرشد هو دارا شڪوه ٻہ ڪتاب تحرير ڪيا. هڪ مجمع البحرين ۽ سڪينة الاوليا جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هڪ ادراڪ رکندڙ شخصيت هو.

مٿي ڏنل تعارف کي ذهن ۾ رکندي، حضرت سلطان باهو جي شاعريءَ بابت لاجونتي رام ڪشن جي راءِ اهميت رکي ٿي "هن جو ورثاءُ شاعريءَ مان ظاهر آهي، ان ۾

ڪنهن بہ قسم جي بناوٽ نہ آ، سلطان باهو هڪ پاڪ صاف، پرهيزگار انسان هو جنهن جي اندر ۾ انساني پيار رچيل ۽ وسيل هو.“

حضرت سلطان باهو ننڍي ڪنڌ جي رهواسين سان هڪ رابطي ۽ تعلق ۾ رهيا ۽ دهلي ۾ پڙ رهيا، اتي ڪجهہ وقت قيام ڪيائون ۽ پوءِ پنهنجي وطن وريا.

حضرت سلطان باهو جو دهلي کان واپس ٿيڻ جا هي سبب ٿي سگهن ٿا.

پهريون اورنگزيب عالمگير جي وقت ۾ پيدا ٿيل وحدت الوجود سان لاڳاپيل عالمن ۽ صوفين خلاف ماحول جو جڙڻ ۽ منافقت، ٻيو دارا شڪوه جو قتل.

مناقب سلطانيہ ۾ هڪ واقعو درج ٿيل آهي تہ هڪ مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ مهل کين ٻيهڻ لاءِ در وٽ جاءِ ملي پاڻ نماز ادا ڪرڻ لاءِ اتي ئي ٻيهي رهيا. جڏهن ماڻهن کين ڏٺو تہ ماڻهن جو ڌيان ۽ توجهہ سلطان باهو ڏي ٿي ويو ۽ پوءِ هڪ ڪيفيت ڇائنجي وئي. اورنگزيب عالمگير ۽ امام ائين ئي بيٺا رهيا، ان ڪيفيت ۽ توجهہ کان محروم رهيا جيڪا سلطان باهو جي اچڻ سان پيدا ٿي هئي، نماز پوري ٿيڻ کان پوءِ اورنگزيب عالمگير کانئن پڇيو تہ اوهان جي توجهہ گهرجي جنهن کان اسين محروم آهيون، تنهن تي پاڻ چيائون تہ اوهان جي سخت گيري ۽ پٿر دل هئڻ ڪري اوهان ان ڪيفيت کان محروم رهيا، سلطان باهو جي زندگي روحاني رياضتن ۽ عوام کي فيض پهچائڻ ۾ گذري، سندن ڪلام

”مرڻ تهين اڳي مر رهي، جنهان حق تي رمز ٻڇائي هو“
(بيت 15 صفحو نمبر 341)

حق جي رمز کي سمجهڻ وارا مرڻ کان اڳ ئي مرڻ جو مشاهدو ڪن ٿا ۽ حق کي سڃاڻي وٺن ٿا اهو بہ ٻڌائين ٿا تہ فقرائي واري ڳالهہ ڳري آهي.

اهو نفس اسا ڏا ٻيلي، جو نال ساڏي سڌها هو
جو ڪوئي اس دي ڪري سواري، نام الله اس لڏا هو
زاهد عابد آن نوائي، جٽ ٽڪڙا ويکهن تهدتا هو
راهہ فقر دا مشڪل باهو گهر ماءُ نہ سيرا رڌها هو.
بيت 6 صفحو نمبر 335

صوفي درويش ۽ بزرگن جي تعليم ۽ سوچ ۾ هڪ جهڙائي بہ حيران ڪن آهي، صرف اظهار ۽ پيش ڪرڻ جو انداز جدا جدا آهي، سندن سوچ ان ماحول کي ظاهر ڪري ٿي جيڪا هند سنڌ ۾ ۽ سڄي برصغير ۾ ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ موجود رهي، اُها هئي انتهاپسندي، جنهن جو شڪار سماج ٿيو سلطان باهو فرمائين ٿا:

پڙهہ پڙهہ عالم ڪرن تڪبر، حافظ ڪرن وڏائي هو
گليان دي وچ ڦرن نماڻي، بغل ڪتابان چائي هو
جتي ويکن چنگا چوکا، پڙهن ڪلام سوائي هو
دوئين جهان مُٺي، جنهان کاڌي وِيچ ڪمائي هو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي فرمائي ٿو:

اکر پڙهہ الف جو ورق سڀ وسار
اندر تون اُجار پنا پڙهندي ڪيترا.
سر يمن ڪلياڻ بيت 21 دا پنجون

صوفي چوائين سڏ ڪرين، صوفين اي نہ صلاح،
ڪاتي رک ڪلاه وجهہ اڇلي آڳ ۾.
سر يمن ڪلياڻ بيت 6 دا پنجون

شاهہ سائين وٽ اهو صوفي ٿي ناهي جيڪو پاڻ کي وڏو علم جو ڀنڊار سمجهي ٿو اهو سبق ٿي ٻيو آهي جنهن سان اندر جي اُج لهي ۽ روشني ملي، سلطان باهو ظاهري ۽ باطني علم بابت چوي ٿو.

"حرف اڪ عشق دا پڙهہ نہ جانن، ڀولي ڀلي ڦرن وچاري هو" ۽ عشق عقل وچ منزل ڀاري جهڙن روحاني نڪتن کي اهميت ڏي ٿو. انهن ظاهري عملن تي تنقيد ڪري ٿو جن جي ڪري هو فخر ۽ غرور جا شڪار ٿين ٿا. ان ڪري هو هدايت ۽ سلامتي جي راهہ کان پري ٿي وڃن ٿا. فرمائين ٿا.

جس ني الف مطالعہ ڪيتا، ب دا باب نہ پڙهيہ هو
چوڙ صفاتي جس لڌهيو ذاتي، عامي دور چاڪردا هو
نفس عماره ڪتڙا جاني ناز نياز نہ ڏر دا هو
ڪيا پرواهہ تنهان نون جنهان گهاڙو لڏا گهردا هو.
بيت 51 صفحو نمبر 369

ديوان باهو جو ٻيو ڪلام سندن تصنيف "ديوان بأهو" اصل ۾ فارسي ۾ آهي، غزل نج عشقيہ موضوع ۽ عورتن جي ذڪر تي ٻڌل صنف آهي پر ديوان باهو منصور جي مستي ۽ عشق الاهي، هيڪڙائيءَ جي تنوار روحاني اسرار ۽ معرفت جي خزاني سان ڀرپور آهي، غزل جي روايتي موضوع کي اهڙي موضوع سان جوڙيو، جنهن سان عشق جي مستي نمايان ۽ ڪيفيتن جو اپار ٿئي ٿو. اُهي فارسي ديوان جون خاصيتون بنجي ويون آهن.

چوب عصا آتش زنم، دلق صفا پاره کنم،
فارغ ز خود بیني شوم این خانہ را برهم زنم،
ماخویش را صحرا برم خود راز خود فارغ کنم،
از بهراین خون را خورم کاین نفس را گردن زنم.

ترجمو: (سنڌي) دل ذرا ذرا ٿي ساڙيان گودڙي وجهان آڳ ۾ عصا کي،

خودبيني ڇڏي، ڀاري گهر، مٽايان پنهنجو پاڻ کي،
رهان بن ۾ وساري جهان کي،
پيان خون جگر پنهنجو ڏيان سزا نفس کي.

حسن جو ذڪر، محبوب سان ملڻ جي آرزو، تصوف جون باريڪ، نازڪ رمزون، درد ۽ سوز ديوان باهو ۾ موجود آهي مومن جو "قلب شيشيو آهي رحمان جو" جهڙن نڪتن سان سينگاريل آهي، ترڪ دنيا يعني اهي شيون جن سان الله جي ياد ۾ رڪاوٽ پيدا ٿئي تن کي تياڳڻ ۽ پاسيرو ڪرڻ جو سبق ڏنو ويو آهي، مٿي ڏنل فارسي غزل ان جي تصديق ڪري ٿو.

قرآن جي تعليم موجب مال، اولاد فتنو آهن تنهن کان بچڻ توازن پيدا ڪرڻ لاءِ تلقين ۽ هدايت ديوان باهو ۾ نظر اچي ٿي.

ديوان باهو جي پهرئين غزل ۾ الله جي وحدانيت بيان ٿيل آهي صوفي ڪير ٿي سگهي ٿو ان جي سڃاڻپ ڪيئن ٿي سگهي ٿي بيان ڪيو ويو آهي، ديوان ۾ سلطان باهو پاڻ کي منصور جو ساٿي قرار ڏنو آهي.

ببازي عشق، مي بازم دل و جهان را، فدا سازم،
بدم منصور مي نازم يقين خودرا فدا سازم.

سنڌي ترجمو: ڪيڏان عشق جي بازي، ڪيان جان فدا تو مٿان،
آهيان منصور جو ساٿي ڪيان جان فدا تو مٿان.

سندن ڪلام فارسي ديوان ۾ مجاز جو ذڪر نہ هجڻ جي برابر آهي پر حقيقي عشق جي ڪيفيت جو اظهار آهي. حقيقت ۽ مجازي ڪيفيتن ۾ فرق جو فن سلطان باهو جي ڪلام ۾ نمايان ڏسي سگهجي ٿو. سندن ڪلام قرآن پاڪ جي تعليم ۽ صوفي فڪر سان مالا مال آهي، صوفين ظاهريت کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ هدايت ڪئي آهي، قرآن پاڪ ۾ اچي ٿو تہ:

اَوَلَمْ يَرَوْا اِلٰى مَا خَلَقَ اللّٰهُ مِنْ شَيْءٍ يَّتَفَيَّؤُا ظِلٰلُهٗ عَنِ الْيَمِيْنِ وَالشَّمَآئِلِ سُجَّدًا لِّلّٰهِ وَهُمْ دٰخِرُوْنَ

(سورة نحل، آيت نمبر ۴۸)

*[الله جيڪي شيون خلقيون آهن، تن ڏانهن چو نہ ڏسندا آهيو جو سندن پاڇا سڄي ۽ کٻي (پاسي) الله کي سجدو ڪندڙ ٿي لڙندا آهن ۽ اُهي عاجزي ڪندڙ آهن.]*

لهندڙ ۽ سرندڙ پاڇا بہ الله کي ياد ڪن ٿا ۽ سجدو ڪن ٿا تڏهن تہ صوفي سلطان باهو چئي ٿو.

جو دم غافل سو دم ڪافر، مرشد اهي پڙهايا هو

اندر ۾ پنهنجي معبود جي ياد بنا ڪنهن شور شرابي جي ڪرڻ گهرجي جيئن لهندڙ ۽ سرندڙ پاڇا بنا ڪنهن آواز جي ڪن ٿا.

## حوالا


1. ڊاڪٽر لاجونتي رام ڪشن پنجاب ڪي صوفي شاعر، ترجمو: امجد علي ڀٽي، جنوري 2004ع بڪ هوم لاهور
2. "حضرت سلطان باهو" مرتب ڊاڪٽر ڪرپال سنگهہ خاڪ پروفيسر جنڪ راجپوري سال 2003ع
3. رادها سوامي ست سنگهہ بياس، ڊيره باب جيمل سنگهہ (پنجاب)
4. ديوان باهو: ترجمو: حافظ محمد رشيد قادري


## مددي ڪتاب


1. ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعري، سنڌي ادب ۾ تنقيد حصو ٻيو ،مرتب جامي چانڊيو سال 2007ع سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي
2. شاهہ جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي
3. ولي ڪونہ آصف خان.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

# شاهه لطيف جي شاعريءَ جو موجوده حالتن تي اطلاق

## IMPACT OF THE POETRY OF SHAH ABDUL LATIF BHITTAI ON THE PRESENT SOCIAL LIFE

**DR. ANWAR FIGAR HAKRO**
Associate Professor
Department of Sindhi UoS

**ABSTRACT**

Shah Abdul Latif Bhittai is one of the greatest poets of the world. His poetry has a natural unification of thought which exist beyond the boundaries of time and space. Shah Abdul Latif was poet by born and has composed spiritual and social experience of human history. Characters of his poetry are symbol of sacrifice and are constantly engaged in search of truth. Shah has used simple language of common people and has enriched it by using every word as symbol for classical meaning. He has addressed problems of women, sufferings of poor people and has depicted characters with high morality. Shah Jo Risalo gives us classical insight on life and Guide us to the right path of life.

بيشڪ شاهه عبداللطيف ڀٽائي دنيا جو عظيم شاعر آهي. سندس شاعريءَ جي عظمت جو اعتراف، جن به مڃيل عالمن ۽ نقادن ڪيو آهي، تن هن جي فڪر ۽ فن جو گهڻو وقت گهرو اڀياس ڪري، جيڪي نتيجا حاصل ڪيا، تن کي سامهون رکي پڪي پاڻي اهڙي پختي راءِ جو اظهار ڪيو آهي، جنهن ۾ نہ ڪنهن گمان جي گنجائش نظر آئي آهي ۽ نہ ان ۾ ڪا لچڪ ڏسي ٻي راءِ قائم ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي آهي.

شاهه جي شاعريءَ جي مداح ايچ ٽي سورلي Shah Abdul Latif of Bhit – His Poetry, life and Time جهڙي بيمثال تصنيف ۾ جڏهن تيرهن چوٽيءَ جي شاعرن جي غنائي شاعريءَ جو تقابلي اڀياس ڪيو تڏهن پاڻ نتيجن جو اظهار ڪندي لکي ٿو تہ. "جيڪڏهن اعليٰ ۽ عظيم غنائي شاعريءَ جي پس منظر کي جاچجي ۽ پرکي ڏسبو تہ معلوم ٿيندو تہ دنيا جو سڀني کان اُتم ۽ اعليٰ شاعر سنڌ جو شاهه عبداللطيف آهي، جنهن جي هرهڪ بيت جي اسلوب ۾ حُسن ۽ جمال جو تقدس موجود آهي."(سورلي 1952ع ص 13 ۽ 14)

سورلي وڏيڪ لکي ٿو تہ "مون دنيا جي جن بهترين شاعرن جي ڪلام جي چونڊ ڪري هن ڪتاب ۾ پيش ڪيو آهي، تن سڀني کان مهان شاهہ عبداللطيف آهي." (سورلي، 1952ع، ص. 107)

علامہ آءِ آءِ قاضي شاهہ لطيف جي شاعري ۽ فن جي ڳوڙهي اڀياس کان پوءِ لکي ٿو تہ لطيف سياويڪ ۽ فطري شاعر آهي، يعني هو شاعر بڻيو نہ هي، بلڪ شاعر ئي ڄائو هو. اهو ئي سبب آهي، جو سندس رسالو هڪ ڪتاب جي صورت ۾ مڪمل فطري وحدت جو حامل نظر اچي ٿو." (قاضي 1961ع، ص. 160_161)

اهڙيءَ طرح سنڌ جي نامياري شاعر شيخ اياز پنهنجي حياتيءَ جو گهڻو وقت شاهہ کي پڙهڻ ۽ پروڙڻ ۾ صرف ڪيو ۽ مختلف موقعن تي ڪيس نظم ۽ نثر ۾ جيڪو خراج پيش ڪيو سو سندس تنقيدي نظر جو نهايت نرالو نتيجو آهي.

اياز هڪ هنڌ لکي ٿو تہ "شاهہ لطيف جيڪو پنهنجي دور جو هڪ عظيم شاعر ۽ وڏو موسيقار بہ هو. تنهن پنهنجي وجد ۽ فڪر کي شاعري ۽ آواز جي آلاپ ۾ اهڙي ريت سمائي ڇڏيو جو بيائي ختم ٿي وئي ۽ تاثر جي اهڙي وحدت جنم ورتو جيڪا پنهنجي جاءِ تي هڪ "ڪل" جي حيثيت رکي ٿي. شاهہ جو شاعراڻو فڪر زمان ۽ مڪان جي قيد کان ان معنيٰ ۾ آزاد آهي تہ هن هڪ پَلَ ۾ صدين کي سهيڙيو ۽ سمايو آهي. چند ڪردارن جي ويس ۾ دنيا جي هر انسان جو چهرو ڏيکاري ڇڏيو آهي. چند ڪهاڻين جو حوالو ڏيئي، هر ان ڪهاڻيءَ جو تجزيو ڪري ڇڏيو آهي، جا دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ هڪ زنده حقيقت طور ٻُڌي ۽ ٻُڌائي پئي وڃي. هن جو ڪردار لاڳيتي ڳولا ۽ قربانيءَ جي جذبي جو اهڃاڻ آهي. هن ڳوناڻي ٻوليءَ جي هر لفظ کي جبرئيل جا پَرَ ڏئي ڇڏيا آهن." (شيخ اياز 1979ع، ص. 312)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ سندس فڪر ۽ فن ۾ پختگي، بلند پروازي ۽ گهرائي موجود آهي. هو سنڌيءَ کان سواءِ هندي، عربي ۽ فارسي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي سڀني پهلوئن کان چڱي طرح باخبر هو. پاڻ خصوصي طور قرآن مجيد، مثنوي مولانا جلال الدين رومي ۽ شاهہ ڪريم جي ڪلام جو مطالعو ڪندو رهندو هو. سندس صحبت ۽ رس رهاڻيون نامور عالمن ۽ شاعرن سان رهنديون هيون. سير، سفر ۽ قدرتي نظارن سان چاهہ هئڻ سبب گهڻو ئي گهمندو رهندو هو جنهن ڪري سندس شاعرانہ طبيعت کي تسڪين حاصل ٿيڻ کانسواءِ مشاهدي جي وسعت ۽ اظهار جي پختگي لازم ملزوم هئي، جنهن جو مثال سندس فن جي حسين ترين شاهڪار "سُر سارنگ" مان ڏجي ٿو.

سارنگ کي سارين، ماڻهو مرگهہ مينهون،
آڙيون آبر آسريہ تاڙا تنوارين،

سپون جي سمنڊ ۾ نئين سج نهارين،
پلر پيارين، تہ سنگهارن سُک ٿئي.

شاهہ صاحب پنهنجي عظيم فڪر ۽ فن جي گهرائي، وسعت ۽ اظهار ۾ مڪمل طور تي سنڌ جو سنڌ ڌرتيءَ جو سنڌي ٻوليءَ جو سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جو سنڌ جي سري، وچولي، لاڙ ٿر، بر، ڪاڇي ۽ ڪلاچيءَ درياءَ ۽ سمنڊ، مينهن ۽ وسڪارن، وڄن ۽ گجگوڙن، وڻن ۽ ٻوٽن، گاهن ۽ فصلن، جانورن ۽ جيتن، ڪمين ۽ ڪاسبين، هارين ۽ مزدورن، مردن ۽ عورتن، ٻارن ۽ ٻُڍن جي زندگين جي سورن ۽ ايذائن، اهنجن ۽ ڏوجهرن، سُکن ۽ خوشين، ميلاپن ۽ وڇوڙن، ميلن ۽ ملاکڙن، ٿهرن ۽ ڪيسن، قضين ۽ مرتيين، فائدن ۽ نقصانن کان علاوه سنڌي زندگيءَ جي جزوي ۽ ڪلي ماحول ۽ مامرن جو اهڙو اعليٰ ۽ عظيم شاعر آهي، جنهن جي ڪلام ۾ ماضي حال ۽ مستقبل جا سج ۽ چنڊ اُيرندي ۽ الهندي ڏسي ۽ پسي سگهجن ٿا. سندس ڪلام ۾ نہ رڳو سندس ئي دور جي حالتن جا پرتوا پسي سگهبا. پر موجوده دور جي حالتن جا پڙاڏا بہ محسوس ڪري سگهجن ٿا.

وَکَرَ سو وِهاءِ، جو ٻِئِي ٻُراڻُو نہ ٿِيي،
ويچيندي وِلاتَ ۾ ڏرو ٿِيي نہ ضِاءِ،
سا ڪا هَڙَ هَلاءِ، آڳهہ جنهن جي اُبهَين.
(سُر سريراڳ)

شاهہ صاحب جي دور جي حالتن ۽ قدرن ۽ موجوده دور جي حالتن ۽ قدرن کي تقابلي تناظر ۾ پيش ڪنديہ ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو تہ:

"شاهہ لطيف جنهن دور ۾ پيدا ٿيو اهو زرعي جاگيرداري سماج وارو دور رهيو. ان وقت ۾ هلندڙ اخلاقي قدر ساڳيائي زرعي جاگيرداري سماج وارا هئا. جيڪي سنڌ ۾ صدين کان رائج هئا. سنڌ جڳن کان ان نظام تي هلندي اچي. اڄا تائين بہ سنڌ ۾ مشيني ۽ سرمايہ داري سماج ۽ ان جا قدر، جمهوريت، حقيقت پسندي ۽ سيڪيولرزم رائج ٿي نہ سگهيا آهن.
(عباسي 1989، ص 252)

سنڌ پنهنجي مجموعي تشخص ۾ نهايت انفرادي حيثيت رکندڙ ملڪ آهي. مذهبي لحاظ کان اڳ ۾ ويدانت ۽ پوءِ تصوف جو گهوارو رهيو آهي، جنهن ڪري مذهبي انتهاپسنديءَ کان اجتناب اختيار ڪري، انساني اخوت ۽ محبت توڙي ڀائيچاري جو ماحول سازگار ۽ سرگرم رهندو آيو. باطني پاڪيزگي جي تقليد ۽ پيروي سان گڏ حق ۽ سچ تي قائم رهڻ ۽ ان جي اظهار جي جرئت کي وڏائڻ اهم ۽ اولين ڇاتو پئي ويو. نفرت ۽ تعصب کي ترڪ ڪرڻ ۽ ڌرمي توڙي مذهبي آزاديءَ سبب تفرقہ پرستي جي پاڙ پٽڻ واري ماحول کي فروغ ڏيڻ هو. شاهہ صاحب بہ اهڙن خيالن ۽ احساسن جو اظهار برملا ڪيو آهي.

ان پر نہ ايمان جئن ڪلمي گو ڪوتائين،
دغا تنهنجي دل ۾ شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهين.
(آسا)

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ،
هندو هڏ مَ آهيين، جٽيو تو نہ جڳاءِ،
تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.
(آسا)

شاهہ صاحب سنڌ جي ويدانت ۽ تصوف واري ماحول کي پسند ڪندڙ هو ۽ تصوف ۾ وحدت الوجود جي فڪر ۽ فلسفي جو دلداده هو. اهو فڪر پنهنجي تاريخي پس منظر سان سنڌ جي مٽيءَ جي هڳاءَ وانگر هر ساهہ ۽ سرير ۾ موجود رهيو آهي. ان فڪر ۽ فلسفي موجب بہ شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جون منزلون ماڻهڻ لاءِ ذاتي مشاهدي کي اوليت ڏني ويئي آهي.

شريعت سڃاڻ، ڪر طريقت تڪيو
هينئون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت ماڻ،
هوءِ ثابوتي ساڻ، تہ پسڻا پالهو رهين.
(سُر آسا)

صُوفي لا ڪُوفي، ڪونہ پانئين ڪيرُ،
منجهان ئي منجهہ وڙهي، پڌرِ نہ آهِسِ پيرُ،
جَنين ساٿُسِ ويرُ، ٿِئي تنين جو واهرو.
(سُر يمن ڪلياڻ)

صُوفِي صاف ڪيو ڊوئي ورق وجود جو
تنهان پوءِ ٿيو جيئري پسڻ پريِنءَ جو.
(سُر يمن ڪلياڻ)

محنت ۽ مشققت نہ رڳو فرد جي لاءِ فائديمند آهي، پر اها سموري سماج کي سنوارڻ ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. انفرادي توڙي اجتماعي طور تي ڪيل جدوجهد جي افاديت کي شاهہ لطيف نهايت اثرائتي انداز سان اظهار ۾ آندو آهي، سندس سادگي ۽ سونهن پري هر سِٽ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو تسلسل آهي. علامت ۽ استعاري توڙي تشبيهہ ۾ پڻ بيمثال آهي.

سُتا آتي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي.

ٿِپيءَ ٿڏيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
ڪتان ٿئي اونداهہ، تہ پيو نہ لهين پرينءَ جو.

محنت ڪندڙ مزدور هاري لوهار ۽ ڪنيان ڪوري ۽ ڪاتب، اوڏ ۽ اوٺي، دايون ۽ ڏوبي اسانجي سماج جي متحرڪ هئڻ جي علامت آهي. اهي اجتماعي زندگيءَ جي جاودانيءَ جا جاني ۽ جهونجهار آهن. انهن سان ئي سنڌ جي هنري ۽ ڪاريگرين جي تصوير جڙي ٿي. اهي شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ جيئن اڳ موجود هئا، تيئن اڄ. شاهہ صاحب ڪين پاڀوهہ مان منظوم ڪري دوام بخشيو آهي.

- هارين هر سنيهايا، سرها ٿيا سنگهار.
- جيئن لهارن لپيٽيو ڪڙو منجهہ ڪڙي
- تون پڻ ڪريج تيئن، جئن ڪنيار ڪرن ڪم سين،
- هلو هلو ڪورئين، نازڪ جن جو نينهن.
- ڪاتب لکئين جيئن، لايوم لام الف سين،
- اڏيو جو اوڏن، سو ڏينگر ڍلو مَ ٿئي.
- نڪو اير نہ پير، نڪو اوٺي آئيو.
- دايون درمانديون ٿيون، پائين پاڏايو.
- اڳي ائين هياس، جئن پنهونءَ ڏوتم ڪپڙا.

اهي پورهيت ۽ هنرمند محنتي ۽ مشقتي پنهنجي اقتصادي استحڪامت ڪان وانجهيل غريبي ۽ مسڪيني حال ۾ جيئن شاهہ جي زماني ۾ حياتيءَ جا ڏينهڙا اگهاريندا هئا، تيئن اڄ بہ ساڳين سورن جون ساعتون پيا سنبرن شاهہ جي هن بيت مان سندن حالتون اکين آڏو عيان پيون ٿين.

آٽين ۽ چاڙهين، ڏٿ ڏيهاٽي سومرا!
ستاڪيو سيد چي، سائون سڪائين،
منجهان لَنبَ لطيف چي، چانئر ڪيو چاڙهين،
پلاءُ نہ پاڙين، عمر آراڙيءَ سين.
(سُر مارئي)

ان غريبي حال ۾ بہ هو صبر ۽ شڪر سان گذر ڪندي، پنهنجي مانَ ۽ مرياد اتي اکر اچڻ نہ ڏيندا. نہ ڪنهن جي آڏو دست درازي ڪندا، نہ ويچارا ٿي وٺڻ چاهيندا. پنهنجي

ٻانهن جي ٻل تي خودداري قائم رکندا ايندا. اهي دائمي روايتون سنڌ جي مارون ۽ سانگيئڙن جون تهذيبي ۽ تمدني تاريخ ۾ روز روشن رهندڙ آهن. شاهه لطيف جي فڪر ۽ فن ۾ پڻ اهي ائين منظوم ملن ٿيون، جيئن سج ۽ چنڊ ازل کان ابد تائين هڪجهڙا.

ٿوري ڦُوٽِ قراريا، رَهَنِ سَبَرَ سَتَ،
کَٽِيءَ ۾ کهہَ پڪليا، ڀُوڻن اهڙيءَ پت،
پهَنوارنڪي پَتِ، پيهي پچ ملير ۾.
(سُر مارئي)

سنڌ جي قديم تهذيبي ۽ تمدني سماج ۾ توڙي جو غربت گهٽي رهي، تڏهن بہ ماڻهن لوڀ کي لت هڻي سِڪ پريءَ سات کي سلامت پئي رکيو. لڳي جيئڻ ۽ لڳي مرڻ جهڙا اصطلاح جڻ قانوني ڪڙا هئا، جن ۾ اهڙو پيوند پيل هون، جو جڏهن شاهه لطيف جهڙو شاعر سندن سڪ ۽ سلوڪ، مٽ ۽ محبت توڙي ذهني ۽ نفسياتي انداز ۽ اسلوب ڏي نهاريندو هو تڏهن سندس احساس جي اتاهينءَ جو اظهار هيئن نہ ٿيندو تہ پلا ڪيئن ٿيندو!

وڳر ڪئيو وتن، پرت نہ چنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهان ميٺ گهٽو.

ان اجتماعي زندگيءَ جي دوام ۽ ماڻهن جي لاڳاپن جي لطف سنڌ جي جنهن سڪ پري سماج جي ارتقا ڪئي، تنهن انسانن کان ڌارين جي حملن وارن ايذائن ۽ اهنجن توڙي چاڪن ۽ چيرن جي عذابن جي احساسن کي گهٽائي جيئڻ جا حوصلا بلند ڪرڻ جا موقعا ميسر پئي ڪيا. اهڙي محبتي ماحول جي لوڪن جي لاڳاپن ۽ احساسن کي رسالي جي روح ۾ ڏسو تہ سهين:

وبني جني وٽ، ڏکندو ڏور ٿئي،
تون تنين سين ڪٽ، اوڏا اڏي پکڙا.
ويئي جنين وٽ، ڏکندو ڏاڍو ٿئي،
سا مجلس ٿي مٽ، جي حاصل هوءِ هزار جي.

محفلن ۽ مجلسن جي اهڙي عڪسي عڪاسيءَ جا مثال ٻيا ملڻ مشڪل آهن.

انفرادي ۽ اجتماعي قدر جي شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ بيان ٿيل آهن. سي سنڌ ۾ صدين جون صديون اڳ کان ٿي رائج رهندا پئي آيا آهن. پٺائي انهن جي اهميت ۽ افاديت کي جاڻي، انهن کي زنده رکڻ لاءِ رقم ڪري، اسان کي پڻ متوجهہ ڪيو آهي. فرد جي ذات ۾ جيستائين اعتماد ۽ ڀروسو جوان نٿو ٿئي، تيستائين فرد ۽ مرد فرد "فرد ڪامل" ٿي نٿو سگهي. هو پنهنجي مقرر ڪيل مقصد سان جيستائين سو سيڪڙو سچو نٿو ٿئي، تيستائين ان جو

حصول ڪنهن بہ حالت ۾ ممڪن ڪونہ ٿي سگهندو. ان مقصد سان هو ائين هڪ ٿئي, جيئن جوڳي جوڳ ٿو ڪمائي. شاهہ لطيف وٽ سنڌ جي فرد ۽ مرد جو تصور بہ اهڙو آهي.

جوڳيءَ تي جڙاءُ، نسوروئي نينهن جو
پتنگ جيئن پيدا ٿيو سامي سچ وڙاءُ،
آيو ڪاڪ تڙاءُ، ڪنئارن ڪڪوريو.

فرد وٽ مقصد جي حصول لاءِ جيءَ ۾ جهوري لڳل هوندي تہ حصول ممڪن ٿي سگهندو. شاهہ صاحب ان جي پڻ تلقين ڪري ٿو:

لاءِ مَ پچاران، شڪ مَ شمهہ جندڙا!
ڪَرَ جهوري ڪيٽان، ڪالهوٽيان اڄ گهٽي.

انفرادي طرح جيڪڏهن فرد مقصد جي حصول ۾ ڪيل جدوجهد ۽ جانفشانيءَ ۾ پريشانيءَ ۽ مايوسي جو شڪار ٿي بہ وڃي، تڏهن بہ ان کي ناڪامي نہ ڀانئي ۽ وري ڪو ٻيو طور طريقو اختيار ڪري وک کڻي، پر جي همت هاري، ٻئي ڪنهن ڏي نهاريندو تہ ممڪن آهي تہ حصول ڪان پوءِ پنهنجي خود اعتمادي وڃائڻ سان گڏ تاحيات مياري بہ ٿي وڃي. ان لاءِ رسالي ۾ رهبري موجود آهي تہ

سپريان جي ٿرهي، پڏين هٿ مَ لاءِ،
سپان تو چونديا، اسان تو اڪاريو.

اسان جي سنڌ ملڪ جي شڪ ۽ خوشحاليءَ جو سمورو دارومدار زراعت سان گڏ ڏيهي ۽ پرڏيهي واپار ۽ وڻجار تي رهيو آهي. سنڌ جا سنڌوڙڪي دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ وڃي واپار ڪندا هئا، سندن اهڙي عمل تي تاريخون وڏيون شاهديون پري رهيون آهن. پوليون سکڻ، حساب ڪتاب جاڻڻ ۽ جاگرافيائي توڙي تاريخ هندن ۽ ماڳن جي پرروڙ سندن خاصو هو. ملڪ جي بازار هميشہ اڄ وڄ ۽ رونق سبب وسندي رهندي هئي. سنڌ ملڪ جي مارڪيٽ تي جيستائين مالڪي سنڌين جي رهي، تيستائين سنڌ سون اپائيندي رهي، پر جڏهن کان مارڪيٽ جي مالڪي ڌارين ڦُري ورتي ۽ ڏيساوري واپار لاءِ در بند ڪيا ويا، تڏهن کان هتان جي خوشحالي بہ ويندي رهي. اڄ بہ نہ هن ملڪ جي مالڪن کي مارڪيٽ ۾ حصيداري حاصل آهي ۽ نہ ڏيساوري واپار جا موقعا ميسر ٿين ٿا نہ سنڌ جا ماڻهو سنڌوڙڪي سڏجن ٿا نہ ڪارو ٿي ڪيڙين ٿا. اهڙي صورتحال تي شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ ان جا اهڃاڻ پسجن پيا.

ڪاري ڪيڙائو مٿي مِڻي موٽيا،
سودو ڪن نہ سون جو وڏا وهائو

موتي جي مهراڻ جا تن جا طاماعو
سامونڊي سائو لنڪا لولي آئيا.
(سُر سامونڊي)

اڳڻ آئيا جان، تہ سرتيون! مون سک ٿيا،
املهہ پرين مٿان، ٻرڪئو ٻين ڏيان.
(سُر سامونڊي)

نہ سي وَوڙَ وٽن ۾، نہ سي ڪاتاريُون،
پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.
(سُر ڪاپائتي)

سي پُوڄارا پُر ٿيا، سمُنڊ سيويو جن،
آندائون عَمِيق مان جُوتي جَواهِرن
لڏائون لطيف چي، لالون مان لهِرن
ڪانهي قيمت تن، مُلهہ مهانگو ان جو.
(سُر سريراڳ)

شاهہ لطيف جي زماني ۾ اسانجي سنڌ ملڪ ۾ سنڌي زبان جي تاريخي، علمي ۽ ادبي حيثيت کي مڃڻ کان انڪاري ٿي، حڪمرانن فارسي ٻوليءَ کي دفتري ۽ تعليمي حيثيت ڏني، ۽ سرڪاري ماڻهو ان ٻوليءَ ۾ ئي لکپڙهہ ڪرڻ لڳا. مگر افسوس جو ادبي دنيا جا بہ ڪيترائي ماڻهو پنهنجي فطري اظهار کي بہ پٺي ڏيئي، فارسيءَ ۾ شعر ۽ سخن جو اظهار ڪندا، ديوان ۽ ڪليات جوڙيندا رهيا. سخن جون محفلون پڻ فارسي ٻوليءَ سان سرگرم ٿيڻ لڳيون. مگر هي اڪيلو اعليٰ انسان هو شاهہ لطيف، جيڪو انهن بزم آراين کان ٻاهر رهي، نہ رڳو پنهنجي سنڌي زبان ۾ پنهنجي فڪر ۽ فن جو اظهار ڪندو رهيو مگر ان اظهار لاءِ هن سنڌي شاعريءَ جي صنفن بيت، دوهي ۽ سورٺي کي اختيار ڪرڻ سان گڏ وائي جو بہ استعمال ڪيو. ان کان علاوه شاهہ لطيف سنڌي شاعريءَ جي ترقيءَ سان گڏ سنڌي موسيقيءَ کي پڻ اختيار ڪري چڻ مڪمل طور فن جي آبياري ڪري، تاريخ ۾ پنهنجو ڪردار قابل تعريف بڻايو. نتيجو اهو نڪتو تہ فارسي ديوان ۽ ڪليات تہ ڪيترائي ڪيڙن جي ڪم اچي ويا ۽ انهن جا جوڙيندڙ بہ جيئري ئي مري ويا. پر هن عظيم شاعر جي ڪلام جو سوجهرو هر سيني جي سونهن وڌائي رهيو آهي. شاهہ لطيف ان صورتحال کي لڪايو ڪونہ ۽ ظاهر ظهور اظهار ۾ آڻي اسان کي آگاهي عطا ڪئي.

جي فارسي سکيو گولو توءِ غلام،
اُچو تا آب گهري بکئو تا طعام،
اي عامن سندو عام خاصن منجهان نه ٿئي.

اڄ بہ عظيم سنڌي زبان سان اسانجي ملڪ جي حڪمرانن جو ساڳيو رويو روا پيو ٿئي، ان جي ترقي ۽ ترويج جي وسيلن کي ختم ڪيو پيو وڃي ۽ جيڪي چند ادارا قائم ٿيل آهن، تن جو پڻ انتظام هٿ وٺي خراب ڪري، سڻلا نتيجا حاصل ڪرڻ بدران خراب نتيجا ظاهر ڪري، سموري سماج کي ان جو ذميوار بنايو پيو وڃي.

هن ڪان اڳ آءٌ سماج ۾ فرد جي ذميواري ۽ ڪردار تي ڪجهه پيش ڪري چڪو آهيان، پر عورت جي سماجي ذميواري ۽ ڪردار کان سواءِ سماجي اڻبرابري کان بچندي عورت جو مذڪور ڪرڻ بہ لازم آهي. ان لاءِ ايترو عرض ڪرڻ گهران ٿو تہ سنڌي سماج جي عورت موهن جي دڙي کان بہ اڳ پنهنجي سنڌي تهذيب ۽ تمدن جي اهڙي علامت آهي، جنهن پنهنجي عظيم ڪردار سبب تهذيبي بيلائي ۾ جا نمايان حيثيت ۽ عظمت حاصل ڪئي آهي، تنهن کي تاريخ ۾ تہ ڏسي سگهجي ٿو پر شاهہ لطيف جي رسالي ۾ پڻ ان جي مختلف رُخن جي روشني پسي سگهجي ٿي.

سَتِي تنهنجي ست ۾ ڳالهہ گهرجي ڳُجهہ،
وڏيو چيريو چچرئو پَر ۾ اُپي پَجُ،
ساڻ امانت اڄ تہ تيين سماني سائيهہ ۾.
(سُر مارئي)

سکو سپ سرتيون سپن ملا سير،
پيو مٿائي نير اپيون اَبَر آسري.
(سُر مارئي)

ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو پيو ڪتيرو ئي خوب،
ميرو ئي محبوب اسان مارو من ۾.
(سُر مارئي)

هل هنئين سين هوت ڏيہ سسي ڪَرُ مَر ساڻُ،
جنين پانئيو پاڻ، سي آرياڻتان اوري رهيون.
ميا ميندرا موٽ بخش ڪر بچايون،
تون گهڻن جو گهوٽ، مون ور تونهين هيڪڙو.

سڪ تنهنجي سپرين! ڪپي ۾ ڪوري،
سگهان نہ چوري، ڏاڍو نيڙ نيھ جو.

--

سنڌ جي زراعت ۾ زرخيزيءَ جو سمورو دارومدار پاڻيءَ تي آهي، يعني تہ هن زرعي ملڪ جي خوشحالي جو سمورو سهرو سنڌو درياءَ ۾ ان مان نڪرندڙ ندين ۾ واهن تي آهي، مگر ڪجھ عرصي کان وطن جي ورهاست مطابق سنڌ کي پنهنجي ڀاڱي جو پاڻي ڪونہ پيو ملي، جنهن ڪري ڪيترائي ڍنڍيون ڍورا ۾ نالا نهرون تہ سڪي ويا. پر سنڌو شاھ درياءَ مان پڻ واري اڏامڻ لڳي ۾ نتيجي ۾ ڪيترائي فصل نہ ٿيڻ ۾ ڪي فصل جوڳو ۾ مقرر پاڻي نہ پيئڻ ڪري سڪي سڙي ويندا رهيا آهن. اهڙي صورتحال تي شاھ لطيف جي رسالي ۾ ڪجھ بيت موجود آهي، جن ۾ مختلف واهن جا نالا پڻ آيل آهن. جي شاھ صاحب جي دور ۾ بہ سڪي ويا هئا.

سَر سُڪي سال ٿيا، هَنجَ هريو ئي پير،
ڪنگ ويچارو ڪيرُ، جو رسي انهيءَ رمز کي.
(سُر ڪارايل)

سڪي ڍورُ ڍِيون ٿيو ڪنڌيءَ ڏنو ڪائو
سو پاڻي پٽيهَلَ ۾ اڳيون نہ آئو
ماڙهن ميڙائو ڪهين ڪهين پيٽين.
(سُر ڏهر)

جڏهن ڍاڳي ڍور، هئي وَهن ہليار ۾،
تڏهن تاجَڙين طورُ، هئو جسوڏن سين.
(سُر ڏهر)

ڪنڌا! تون ڪيڏو جڏهن پريو ڍور وَهي؟
جسوڏنِ جيڏو تو ڪو گڏيو پهيڙو؟
(سُر ڏهر)

سچ ڪِ سڪو ڍور ڪنڌيءَ آڪَ ڦُلاريا،
جُنگَنِ چِڏيو زور سر سڪا سونگي گيا؟
(سُر ڏهر)

اسان حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي همہ گير ڪلام مان نهايت مختصر کان مختصر چونڊ ڪري، تمام ٿورن نُڪتن کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. حالانڪ "شاھ جي رسالي" ۾ جنهن گهڻ طرفي فڪر ۾ فن جو سمنڊ ڇوليون هڻندو رهي ٿو تنهن مان

ڪي غواص ٿي سوجهه ڪري هيرا لال هٿ ڪري سگهن ٿا. هي اهڙو سمنڊ آهي، جنهن ۾ هيرن جي ڪمي ڪانهي. جيئن جيئن سوجهي ڪڻ، تيئن تيئن مالا مال ٿيندو رهه. شاهه لطيف جيترو زندگي ۽ ڪائنات جو ڳوڙهو مشاهدو حاصل ڪيو آهي، اوترو ئي عظيم ڪلام تخليق ڪيو آهي. سندس بيت جي هر سٽ جو هرهڪ لفظ وڏي ويچار جو نتيجو آهي. جنهن تائين رسائي حاصل ڪرڻ لاءِ به وڏن علمن ۽ علومن جي گهرج پوي ٿي. انهيءَ لاءِ اسان کي کپي ته حيات ۽ ڪائنات جي ساڃاهه حاصل ڪرڻ ۽ سونهن کي سمجهڻ لاءِ "شاهه جي رسالي" کي سيني سان لاهي، ان جو اڀياس ڪندا رهون ۽ ان کي سمجهي، املهه ۽ اٿاهه فائدا حاصل ڪريون.

## حوالا


1. سورلي ايچ. ٽي: "ميواپرواگناس": "سرتاج شاعر"_ شاهه عبداللطيف ڀٽائي: مترجم: عطا محمد ڀنڀرو: "سنڌيڪا اڪيڊمي" ڪراچي: 2002ع ص. 12 ۽ 13.
2. حوالو ساڳيو ص: 107
3. قاضي علامه آءِ آءِ: "شاهه عبداللطيف جي شاعري ۽ فن": "صوفي لاڪوفي": مرتب: عبدالغفار سومرو: سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو: سيپٽمبر 1995ع ص 160 ۽ 161.
4. شيخ اياز: "سنڌ جو فيلسوف شاهه لطيف": "خط انٽرويو تقريرون:" مرتب: رشيد ڀٽي: نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1987ع ص. 312 کان 324.
5. تنوير عباسي: "شاهه لطيف جي شاعري": نيو فيلڊ پبليڪيشن حيدرآباد: 1989ع ص. 252

هن مطالعي لاءِ غلام محمد شاهواڻي جو مرتب ڪيل "شاهه جو رسالو" آڌورهيو جيڪو سنڌيڪا اڪيڊمي 2005ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.

ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ

# سنڌي ٻوليءَ ۽ صورتخطيءَ جا مسئلا

## ISSUES OF SINDHI LANGUAGE AND ALPHABET

**Dr. Ghafoor Memon**
Assistant Professor,
University of Karachi

**ABSTRACT**

Sindhi is most ancient language but this language has not any original script that's why during British rule in India, a variant of the Persian alphabet was adopted for Sindhi in the 19th century. The script is used in Pakistan today. It has a total number of 52 letters, augmenting the Persian with digraphs and eighteen new letters (ڄ ٺ ٽ ٿ ڀ ٻ ڙ ڍ ڊ ڏ ڌ ڃ ڇ ڦ ڻ ڱ ڳ ڪ) for sounds particular to Sindhi and other Indo-Aryan languages. Some letters that are distinguished in Arabic or Persian are homophones in Sindh. Here in this research I have indicated the certain problems of script, alphabet and dictation; Sindhi is multi dialectical language. Though there is standard dialect of writing and speaking but some people disagree with the normal dialect. Modern electronic media is not giving response to language; they continuously are making fatal mistakes and people follow them. This is a dangerous trend for future of the language. It is suggested that now it is necessary to solve these problems unanimously.

ڪنهن بہ زبان ۾ آوازن، پدن، لفظن ۽ جملن جي لکڻ جي تحريري صورت کي صورتخطي چئبو آهي.

اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ صورتخطي، آئيوينا ۽ رسم الخط ۾ فرق آهي.

**رسم الخط**: آوازن جي لکت ۾ شڪل کي چئبو آهي، اها شڪل فرضي ٿاهي ويندي آهي يا وري پاڻمرادو اختيار ڪيل هوندي آهي.

**آئيوينا**: ڪنهن بہ ٻوليءَ جي آوازن جا مقرر ڪيل اکر مثال ا، ب، ت، پ، ث، ٽ وغيره يا وري الف A B C D E F وغيره

رسم الخط ۾ آئيوپٽا ۾ فرق اهو آهي تہ رسم الخط مختلف شڪليون آهن، جيڪي دنيا جي مختلف تهذيبن ۾ ارتقائي مرحلن ۾ پيدا ٿيون آهن. ائين سمجهجي تہ ڳالهائڻ جي تحرير جيڪا علامتي طور مقرر ڪئي ويندي آهي. پر آئيوپٽا اهي اکر جيڪي ڪنهن بہ ٻولي جي آواز لاءِ مخصوص ڪيا ويندا آهن. مثال رومن رسم الخط، عربي رسم الخط چيني رسم الخط ديوناگري رسم الخط وغيره هاڻي سنڌي عربي رسم الخط ۾ لکي ويندي آهي، پر رومن، ديوناگري، يا چيني رسم الخط ۾ لکي سگهجي ٿي.

مطلب آئيوپٽا ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ڪنهن بہ رسم الخط ۾ ناهي سگهجي ٿي.

**صورتخطي**: لکڻ جي صورت . مطلب ڪنهن بہ لفظ جي لاءِ مقرر ڪيل صورت. مثال قاضي قادن، خصوصيت، موسيٰ وغيره اها مقرر ڪيل صورت آهي پر جيڪڏهن ڪازي ڪادن، موصا، ڪسوسيت لکجي تہ غلط ٿيندي.

هاڻي اسان جي ٻوليءَ ۾ اهڙا مسئلا بہ موجود آهن. مثال: تاريخ لکجي يا تواريخ، استعيفا يا استيفيٰ، پيدا لکجي يا بيضا، اهڙا تمام گهڻا لفظ جن جي صورتخطي مقرر ڪرڻ جي سلسلي ۾ گذريل سال سنڌي ٻولي جي باختيار اداري هڪ گڏجاڻي گهرائي راءِ ورتي هئي.

ڪنهن بہ ٻوليءَ کي لکڻ لاءِ هڪ معيار هوندو آهي. ان معيار جي آڌار تي اسان صورتخطي جو درست يا غلط هئڻ جو فيصلو ڪندا آهيون. ٻوليءَ ۾ ڏار ڏار اچار ۽ لهجا ٿي سگهن ٿا پر هڪ اڪيڊمڪ ٻوليءَ جو وجود سندس مرڪزي حيثيت ۾ معيار سان ئي سڃاتو ويندو آهي. زنده ۽ متحرڪ ٻولين ۾ هميشہ تبديليون اينديون رهنديون آهن ۽ منجهن صورتخطي جا مسئلا بہ پيدا ٿيندا رهندا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا مسئلا موجود رهيا آهن. سنڌي صورتخطي 1853ع ۾ جڙي راس ٿي. ان وقت الف- ب ۽ صورتخطي کي لکڻ جو هڪ نمونو طئي ڪيو ويو. ڪجهہ مسئلا ان وقت رهيا، جيڪي حل نہ ڪيا ويا ان کان پوءِ جديد دور ۾ ميڊيا جي ذريعي پيدا ٿيا.

. سنڌي ٻوليءَ ۾ اچار ۽ لکت جو پاڻ ۾ هڪ تضاد رهيو آهي، ان جو سبب لهجن ۾ صوتياتي فرق آهي.

## آئيوپٽا يا الف - ب جا مسئلا

الف- ب جي تربيت شڪل مطابق هئڻ گهرجي يا آوازن مطابق؟ مثال "ب" "پ" چپن وارا آواز آهن، "س" ۽ "ز" مخرج ساڳيو آهي، اهڙي طرح "ف، و ڻ، ڄ، ڱ" جو گروه يا ڪٽنب الڳ آهي پر شڪليون الڳ آهن. اهڙي طرح "ڦ، ب، ٻ، ت ،ٽ، ڊ، گ،" جا آواز الڳ گروه سان تعلق رکن ٿا[1] ڪجهہ شڪليون ساڳيون، ڪجهہ الڳ آهن. اهڙي طرح وري سر الف - ب ۾ موجود ناهن مثال ا، اِ، آ، ايءِ اِيءِ او وغيره.

[1] ڊاڪٽر غلام علي الانا "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو ڇاپو ٻيو 2005 ص 62 ,63

الف ـ ب ۾ ڪجهه وسرڳ (Aspirate) آواز "هہ" سان لکيا ويندا آهن مثال جهه، گهه پر ڪجهه آواز نڪتا وڌائي لکيا ويندا آهن. مثال ڦ، ٻ، ڀ، ٿ، وغيره جن جي عام طور سان منطق سمجهه ۾ نٿي اچي تہ انهن آوازن جون آخر اهي ئي شڪليون ڇو مقرر ڪيون ويون آهن. انهن لاءِ ڪو جواز يا دليل ناهي.

دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ ادغام (Assimilation) ٿيندي آهي ان صورت ۾ ڪي لفظ ڳالهائڻ ۾ ڪجهه تہ لکڻ ۾ ڪجهه ٻيا هوندا آهن. مثال انب ڳالهائڻ ۾ "امب" هوندو آهي مگسي ڳالهائڻ ۾ مڱسي هوندو آهي، پنيور ڳالهائڻ ۾ پميور هوندو آهي. ڪجهه تاريخي ادغام ٿيندا آهن جن کي لکت ۾ قبول ڪيو ويو آهي. مثال منيائون جو اچار مجيائون قبول ڪيو ويو آهي.[1] قنبر کي گهڻي ڀاڱي قمبر قبول ڪيو ويو آهي. ٻوليءَ جا پنهنجا اصول آهن جيڪي فطرتي آهن انهن کي جڙتو طرح مٽائي نٿو سگهجي مٽائيندا سين تہ ٻولي بگڙجي پوندي، مثال اتر ۾ لفظ جيڪب آباد کي جيڪم آباد، همراه کي هرما، مڇي کي مشي چيو ويندو آهي، پر لکت ۾ اها صورتخطي قبول نہ ڪئي ويئي آهي. بلڪ ائين چئي سگهجي ٿو تہ "ڇ" هڪ صوتيو آهي جنهن جا اتر ۾ ٻہ آواز آهن.

## نون غني ۽ "ءَ" جو مسئلو ۽ ي ساڪن جو مسئلو

هاڻي توهان غور ڪريو مٿي غني لکيل آهي ، پر توهان سمجهي ويا هوندا تہ هي پڙهڻ جا گهرجي معنيٰ "ي" جو اچار هتي ساڪن آهي سنڌي صورتخطي ۾ اهو مسئلو آهي تہ "ي" ساڪن ناهي تنهن ڪري اردو ۾ اها موجود آهي سنڌي ۾ اها نہ ناهي ويئي آهي تنهن ڪري هميشہ اهو مسئلو ٿيندو آهي تہ زير زبرون شدون مدون ڏيئي لفظ جو اچار صحيح پڙهيو ويندو آهي . اهڙي طرح "ن" جو مسئلو آهي تہ "ن" غنون جو اکر ناهي اسان وٽ پر اچار موجود آهي اهڙي صورت ۾ اچاريندي مسئلو ٿئي ٿو جيڪو پڻ اردو وارن الڳ ناهيو آهي . سنڌي سٺا موجب هڪڙا سر صاف يعني (Oral) ٿيندا آهن ۽ ٻيا گهڻا يعني (Nasal) ٿيندا آهن مثال: ا، ا، اي، او اي وغيره صاف سر آهن پر آن، اين ، وغيره گهڻا سر آهن. ساڳي وقت وينجن (Consonant) ٻہ گهڻا هوندا آهن. مثال ڄ، ڱ، ن، ڻ، اهي وينجن گهڻا آهن. اهڙي طرح سنڌي ۾ وري ڪي صاف سر بہ گهڻن وينجن سان ملي ڪري گهڻا اچار ڪڍندا آهن. مثال: اڃا، ڀاڱو ڊرامو ماڻهو راڻو وغيره اهي لفظ جري صورت ۾ "ن" غني کان بلڪل آجا هوندا آهن. مثال راڻي، ڀاڱي، ناني، ڪاٽي، ڊرامي، وغيره انهيءَ جو مطلب تہ انهن لفظن ۾ "ن" غنون لڳائڻ جي ضرورت ناهي، پر صاف سرن ۾ "ن" آهي مثال "اسان" هن طرح جي لفظن ۾ "ن" لڳائڻ جي ضرورت آهي. سنڌي الف ب جي تختي ۾ "ء" کي وينجن طور شامل ڪيو ويو

---

[1]. علي نواز حاجن خان جتوئي "علم اللسان ۽ سنڌي ٻولي" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي 1968 ص 95

آهي، پر اڄ تائين ان جي درست استعمال کي سمجهيو ناهي ويو. همزو ٻن سرن جو ميلاپ يا جوڙ ڏيکاري ٿو ٻن سرن جي جوڙ ۾ همزو پوئين سر جي بدران ڪم ايندو آهي. مثال: لاءِ، ماءُ، پيءُ. هنن ۾ همزو آخري ڇوٽن سرن بدران استعمال ڪيا ويا آهن. اهڙي طرح وچئين ڊگهي سر جي بدران بہ ڪم اچي ٿي، مثال پئسو ڏوئيلو. وغيره [1]

## پدن جي اچار جو مسئلو

سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جا پنهنجا اچار آهن. جيڪي لفظ جي ڇيد ڪري پدن ۾ تقسيم ڪرڻ سان نهن ٿا. عام طور سان سر اڪيلي سر يا وينجن سان ملي پد ناهين ٿا. هر هڪ پد ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ سر موجود هوندو آهي. شاعري جي سڄي عمارت انهن پدن تي ٺهيل آهي، جي پد غلط اچاريا ويندا تہ موسيقي جو ردم ٽٽي ويندو. مثال لفظ اسڪول جو انگريزي ۾ اچار هڪ پدو آهي پر سنڌي ۾ بہ پدو اس+ڪول ٿيندو. اهڙي طرح ڏرتي جا بہ پد ڏر+تي آهن پر جي ڏ+رتي پد اچاريا وڃن تہ غلط هوندا. شاعريءَ جو وزن ئي ٽٽي پوندو. اڄڪلهہ ڇا ٿئي ٿو تہ ماڻهو ٻين ٻولين جي اثر سبب غلط پد اچارين ٿا . مثال ڪٿ کي جي ڪٿ^ پڙهجي تہ يعني ٻن پدن جي جڳهہ تي هڪ پد اچارجي تہ ٻوليءَ جا اچار غلط ٿي ويندا.

## "ر" جو اضافي صوتيو

اترادي لهجي ۾ گهڻن لفظن ۾ "ر" جو اچار هلڪو موجود آهي پر لکيو ڪونہ ٿو وڃي. مثال: پٽ +ر اچار ۾ پٽر آهي ڪنڊ+ر اچار ۾ ڪنڊر آهي ، ٽيو+ر ٽريو وغيره پر اهو "ر" صرف هلڪو اچار ۾ موجود آهي. معياري ٻوليءَ ۾ لکيو ڪونہ ٿو وڃي ڪجهہ عالمن انهيءَ "ر" کي لکڻ جي بہ صلاح ڏني پر "ر" لڳائڻ سان لفظ جو اچار غلط ٿيو پوي.

## عربي ۽ فارسيءَ جا اکر

عربي جا اکر اسان جي الف ب ۾ موجود آهن پر انهن جو صوتيو ناهي. مثال "ض" هن اکر جو اچار سنڌي ۾ موجود ڪونهي جنهن ڪري ڪوهن کي "د" جو اچار ڪري ٿو ڪو وري "ز" جو اچار ڪري ٿو مثال قاضي، بيضا، قاضن وغيره هتي "ض" جي اچار وڏو موجهارو ڪيو آهي. اهڙي طرح "ع"، "ث"، "غ"، "ز"، "ظ"، "ق" جا اکر اصل سنڌي ۾ ناهن. آهستي آهستي مروج ضرور ٿي ويا آهن. پر اڄ تائين گهڻن جا ماڻهو اچاري نہ سگهندا آهن.

ان کان علاوه اسان وٽ ڪجهہ لفظ عربي ۾ لکيا ويندا آهن مثال: حقيقتاً، مثلاً، عموماً، فوراً وغيره. هاڻي جديد صورتخطي ۾ انهن کي عمومن، فورن، حقيقتن لکيو ويندو آهي، جيڪي بهتر ۽ آسان آهي.

[1] ڊاڪٽر غلام علي الانا "سنڌي صورتخطي" سنڌي زبان پبليڪيشن، حيدرآباد ڇاپو ٽيون 1969ع، ص 58.

## جديد ميڊيا ۾ سنڌيءَ جو بگاڙ

هن وقت اسان سڀ کان وڏي مسئلي کي منهن ڏئي رهيا آهيون اهو آهي اليڪٽرانڪ ميڊيا جو آهي. ڪيترائي ٽي وي چينل ٻولي کي بگاڙي پيش ڪري رهيا آهن .مثال لفظ "مارئي" لفظ کي اردو وارا ماروي اچاريندا آهن. سنڌي ٽي وي وارن به انهيءَ لفظ کي ماروي اچارڻ شروع ڪيو. هاڻ هر ڪوئي ماروي ٿو اچاري جيڪا تاريخي غلطي آهي. اهڙي طرح لفظ "اردو" سنڌي ۾ "اڙدو" آهي. علامه آءِ آءِ قاضي پنهنجي ڪتاب" Casual Peeps at Sophia" ۾ اها ڳالهه سمجهائيندي چيو آهي ته "اڙدو" لفظ "اڙد" مان ورتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي ميڙ، گروهه يا لشڪر، انبوه آهي. اهو لفظ سنڌي آهي ترڪي ناهي.[1] اصل ۾ تاريخ ۾ لفظ پنهنجي شڪل مٽائيندا آهن. انهن جا ڪيترائي سبب آهن. ڪڏهن غلط اچار ڪنديءَ ڪڏهن پرديسي ماڻهو اها ٻولي ڳالهائيندي غلط اچار جي رواج وجهندا آهن ڪڏهن فيشن ۾ لفظن جا اچار غلط ڪيڏندي رواج پئجي ويندو آهي، ڪڏهن وري ڳوناٽا ماڻهو لفظ کي غلط اچاريندي لفظ جي اچار جو رواج وجهندا آهن. جيئن ايراني جڏهن سنڌ ۾ آيا ته پراڻي پارسي ۾"س" جو اچار نه هئڻ سبب هند چوندا هئا، وري يوناني آيا ته هند کي انڊ چوڻ لڳا، اهڙي طرح سنڌ مان هندستان، ۽ انڊيا لفظ ٺهي ويا.

ميڊيا ۾ اسان هڪ عام لفظ ٻڌندا آهيون ته "جرگو ڪوٺايو ويو" هاڻي جرگو لفظ سنڌي ڪونهي. سنڌيءَ ۾ راڄوڻي ٿيندي آهي. راڄوٽا فيصلا ٿيندا آهن، پر ميڊيا پشتو جو اثر وٺندي جرگو چوڻ شروع ڪيو. هاڻ راڄوڻي جي بجاءِ جرگو. مان سمجهان ٿو ته لفظ جرگي جي بجاءِ راڄوڻي چيو وڃي ته بهتر لڳندو. اهڙي طرح ميڊيا جي ذريعي مذڪر مؤنث ۽ جمع واحد جي ڪا تميز نه رهي آهي. سنئون سڌو اردو اسلوب کي پنهنجايو ترجمو ڪريو وڃن. مثال، "دل" اڪثر ڪري توهان ٽي وي وارن کان دل مذڪر چوندي ٻڌندا اڪثر چوندا "منهنجو دل" يا وري مونکي غزلون پسند آهن، مان ڪلاسون ورتيون، ٽڪيٽ وٺو ۽ ڪٽيو انعام هتي منهنجي دل ٿيندو، غزلُ جو جمع غزلَ ٿيندو ڪلاسُ جو جمع ڪلاسَ ٿيندو ۽ ڪٽيو فعل ماضي آهي پر جملي ۾ فعل امر جي ضرورت آهي، جيڪو ڪٽو ٿيندو.

دنيا جي هر ٻوليءَ جي نشونما ٿيندي آهي. ان نشونما جي دوران ڪي لفظ نوان ايندا آهن، ڪي گم ٿي ويندا آهن، ڪي وري اچارن ۾ تبديل ٿيندا رهندا آهن، پر اهو عمل قدرتي هوندو آهي، جڏهن ان قدرتي عمل کي ڇڏي جهٽ پٽ وارو عمل شروع ڪيو ويندو آهي ته ٻوليءَ جي بقا جو مسئلو ٿي پوندو آهي، توهان ٿورو غور ڪريو دنيا جي واحد ٻولي

[1] Allama I I Qazi "Casual Peeps at Sophia" Sindhi Adabi Board Hyderabad 1977 2nd edition Page 110-111

عربي آهي جنهن ۾ تبديلي نہ آئي آهي اها جيڪا 1400 سال اڳ ڳالهائي ويندي هئي اڄ بہ ڳالهائي ويندي آهي. عربي ڪجهہ لفظ ضرور قبول ڪيا آهن پر سندس بنياد ۾ ڪا بہ تبديلي نہ آئي آهي. اڄ بہ قرآن مجيد جي عربي ٻولي عرب سماج ۾ ڳالهائي ويندي آهي ۽ سمجهي ويندي آهي پر اسان وٽ شاهہ لطيف جي ٻولي جنهن کي صرف ٽي سئو سال ٿيا آهن پر متروڪ ٿيندي پئي وڃي. شهري نوجوان، پڙهيل طبقو شاهہ جي ٻوليءَ کان اوپرو آهي، ڪيس سمجهہ ۾ نٿي اچي. غلامانہ ذهن هئڻ سبب اسان پنهنجي ٻولي ڳالهائيندي شرمندگي محسوس ڪريون ٿا يا وري ان کي شهري بنائڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. وري لاڙي، ڪوهستاني، ٿري پنهنجي لهجي کي ڳالهائيندي بہ ڦڪو پيو ٿيندو هرو برو لاڙي لهجي کي بہ اترادي بنائڻ جي ڪوشش پيو ڪندو. اهڙي طرح ڪيترائي لفظ متروڪ ٿي ويا آهن مثال بجهرو، ترم ترم خان، ڪينوڙو ڏڙو ڪيتو ساهيڙي، راڦو پٽاڙ ٻڌ، ٻٽاڪ، شرو ولل، ڏليل، آونگ، سوئيرو سانپيڙو اهڙا هزارين لفظ آهن.

اهڙي طرح ورجائڻ وارن لفظن (Reduplication) ڳالهائڻ جو رواج بہ ختم پيو ٿئي. جهڙوڪ: پٽاپٽي، ڪڪڙوڪو رنگا رنگي، جهرمر جهرمر، گهوگهو رين رين، دمادم هٿو هٿ، سراسري، ملڪان ملڪ، رک رکاءُ، رنگارنگي وغيره[1] اهڙي طرح ٻٽا لفظ ڳالهائڻ جو رواج بہ گهٽجندو وڃي مثال: ذات پات، پيڊ پاءِ، ڪپڙو لٽو ڪک پن، پيسو پنجڙ وغيره هڪڙي ٻي اهم مسئلي ڏانهن بہ توجهہ ڇڪائڻ چاهيان ٿو تہ اسان جي نئين پيڙهي اڄ ڪلهہ موبائل تي پيغام رسائي اردو ۾ ڪري ٿي جنهن جي منطق سمجهہ کان ٻاهر آهي.

## نتيجو

فطرت نہ ظالم آهي نہ مهربان، بقا صرف ان جي آهي، جنهن جيئڻ لاءِ هٿوراڙيون هڻيون، ٻوليءَ کي بچائڻ جو طريقو صرف اهو آهي تہ شعوري طور ٻوليءَ کي بچائڻ جا اپاءُ ڪڄن. انهيءَ سلسلي ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ٻارن کي پرائمري تعليم مادري زبان ۾ ڏيارجي.. ميڊيا کي سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو مڪمل چيڪ ڪري ۽ انهيءَ جي غلطين جي نشاندهي ڪرڻ ۽ صحيح ڳالهائڻ تي عمل ڪرائڻ جا جوڳا اپاءُ ڪٺڻ گهرجن. ڏارين جي لشڪر ڪشي ۽ ٻوليءَ تي اثر اندازيءَ جي خلاف جوڳا اپاءُ ڪٺڻ گهرجن، ڇو تہ ٻولي پنهنجي ڪلچر ۽ فطرت مان ڦٽي نڪرندي آهي. سنڌي ٻولي سنڌ جي فطرت مان ڦٽي نڪتل ٻولي آهي، جي فطرت تباهہ ڪئي ويندي، فطرتي ماحول تباهہ ڪيو ويندو تہ ٻوليءَ

[1] علي نواز حاجن خان جتوئي "علم اللسان ۽ سنڌي ٻولي" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي 1968 ص 115

ڪي تہ هاجو رسندو. ان ڪان علاوه جديد سائنسي تعليم ۽ ترقي ٻوليءَ ڪي بچائي سگهي ٿي، پر اسان وٽ سائنسي ترقي نہ هئڻ جي برابر آهي ۽ ٻين جي نقالي ڪندا آهيون. ان ڪري ٻوليءَ لاءِ وڏا چئلينج آهن.

## حوالا


1. ڊاڪٽر غلام علي الانا، "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس". انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄام شورو، ڇاپو ٻيو 2005ع، ص 62، 63
2. علي نواز حاجن خان جتوئي، "علم اللسان ۽ سنڌي ٻولي". انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو 1968ع، ص 95
3. ڊاڪٽر غلام علي الانا، "سنڌي صورتخطي". سنڌي زبان پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1969ع، ص 58
4. Allama I I Qazi "Casual Peeps at Sophia" Sindhi Adabi Board Hyderabad 1977 2nd edition Page 110_111
5. علي نواز حاجن خان جتوئي، "علم اللسان ۽ سنڌي ٻولي". انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو 1968ع، ص 115

آزاد قاضي

# رهاڻ: مختصر تحقيقي مطالعو

# RIHAAN: BRIEF RESEARCH STUDY

**Abdul Ahad (Azad Qazi)**
Assistant Professor,
Department of Sindhi,
University of Sindh, Jamshoro.

## ABSTRACT

The book "REHAAN" (Pleasant conversation), compiled by Saeen G.M. Sayed is the selected collection of hundred of thousand letters, written to him by his contemporary friend and companion Syed Meeran Muhammad Shah. Meeran Muhammad Shah by virtue of his temperament was the man of great joy and ralishment, knowledge, loving and affectionate to the poetry of Shah Latif, having been himself a poet he headed many literary, including Shah Latif Council and Sindhi Adabi Board etc. Like institutions.

As it becomes evident of the title that, this book only contains over the loving conversation saga between two friends, but it is not as true. As, Meeran Muhammad Shah was an intellectual, writer, and social servant too. In the reference of that context there exists sufficient amount of matter in these letters, with regard to the educational and literary movement of the twentieth century launched in Sindhi. Those letters could be highly useful / helpful to the re-searchers of the days, time and age to come.

جڏهن اجا خطن شايع ٿيڻ جو رواج عام نہ ٿيو هو تڏهن خطن کي ذاتي استعمال وارو ۽ ذاتي معلومات جو مواد مهيا ڪندڙ رڪارڊ تصور ڪيو ويندو هو. ايتريقدر جو ڪنهن جو ڪنهن ٻئي ڏانهن لکيل خط پڙهڻ بداخلاقي سمجهيو ويندو هو. ڇاڪاڻ تہ تصور اهو هوندو هو تہ اهو انهن ٻنهي لکندڙ ۽ پڙهندڙ شخصن وچ ۾ ذاتي معاملو آهي، انڪري پرائي ذاتي معاملي کان واقف ٿيڻ بداخلاقي شمار ٿيندي هئي. پر وقت گذرڻ سان جيئن جيئن علم ترقي ڪئي ۽ ڪن عالم قسم جي شخصن انهن خطن کي ذاتي تصور ڪري سانڍڻ بجاءِ، انهن ۾ لکيل مواد کان ٻين کي پڻ واقف ڪرائڻ واري ارادي سان، خطن واري ذخيري کي شايع

ڪرائي عام ڪيو. تڏهن وڃي خبر پئي تہ خط جنهن کي رڳو ذاتي نوعيت وارو مواد ڏيندڙ تصور ڪيو ويندو هو. اهي مواد جي اهميت ۽ معيار جي مدنظر رڳو ذاتي نوعيت وارا ڪونہ آهن، پر انهن ۾ بين ماڻهن جي ضرورتن جو پڻ مواد موجود هجي ٿو. خاص طور تي جيڪڏهن خط لکندڙ ڪائي علمي ادبي، سياسي، سماجي يا مذهبي شخصيت هجي ٿي. اهڙين شخصيتن جي وچ ۾ يقينن هڪ ٻئي ڏانهن لکيل خطن ۾ گهڻيون يا ٿوريون ذاتي نوعيت واريون ڳالهيون پڻ هونديون، پر ان سان گڏوگڏ لکندڙ شخصيّت جنهن مزاج ۽ موضوع واري هوندي، ان حوالي سان اهڙي موضوع بابت لکڻين مان ذاتي نوعيت وارن احوالن سان گڏوگڏ بين جي دلچسپي ۽ علمي تحقيق وارو مواد پڻ ملي سگهي ٿو. انڪري تحقيق جي ميدان ۾ اڄ ڪلهہ خطن ۾ سمايل مواد جي وڏي اهميت آهي. جيڪي ڪنهن جي ذاتي معلومات ڏيڻ سان گڏوگڏ قوم جي سماجي، علمي ادبي معاملن سان واسطہ مواد مهيا ڪن ٿا. اهڙو ئي حال سائين جي. ايم. سيد پاران ترتيب ڏنل، سيد ميران محمد شاهہ جي سندس ڏانهن لکيل خطن واري ڪتاب "رهاڻ" جو آهي. ڪنهن ڪتاب ۾ آيل اندروني مواد جا ابتدائي اهڃاڻ، ڪتاب جي عنوان يعنيٰ نالي مان پڻ ملي ويندا آهن. هن ڪتاب جو نالو شاهہ عبداللطيف جي هن بيت تان کنيو ويو آهي:

"ڏيهان ڏورن ڏٿ سين، راتيان ڪن رهاڻ،
عمر تنين ڪاڻ، منهنجو روح رڙيون ڪري"

غور ڪري ڏسو تہ شاهہ صاحب جو مٿيون بيت ڪنهن ساٿيءَ سان ڪيل روح رچندين رهاڻن واري حوالي سان ڀرپور تاثر ڏيندڙ آهي، جيڪو ڏرين جي وابستگي، گهرائپ ۽ محبت جو اظهار ڪري ٿو.

سائين جي. ايم. سيد جو هي ڪتاب، پڻ اهڙي ئي مواد طرف اشارو ڪري ٿو جنهن کي سيد جي هڪ ٻئي ساٿي پير علي محمد راشدي "سيد سان ٿيل عاشقي معشوقي واري لکپڙهہ" سڏيو آهي (راشدي، 1981ع، ص 260)

هن ڪتاب ۾ سيد صاحب، سائين ميران محمد شاهہ سان واقفيت ٿيڻ واري سال يعنيٰ 1924ع کان 1963ع تائين وارن لکيل هزار خطن مان چونڊ ڪري، 243 خط شامل ڪيا آهن، جن جو ذڪر ڪندي پاڻ، پيش لفظ ۾ لکي ٿو:

"هتي سندس مون ڏانهن لکيل اٽڪل هزار کن خطن مان، جي مون وٽ سپ محفوظ آهن، 243 خطن جو مجموعو پيش ڪيان ٿو." (سيد، 1965ع، ص 1)

ايتري ساري مواد مان شايع ڪرڻ لاءِ، خطن جي چونڊ ڪرڻ وقت ڪهڙو معيار مقرر ڪيو ويو ان ڳالهہ جو اندازو پڻ سيد صاحب جي هيٺين لکت مان ٿي وڃي ٿو. پاڻ تفصيل بيان ڪندي لکي ٿو:

"هنن خطن مان ڪن جو اختصار ڪيل آهي، ڪي سواءِ عبارتن ۽ غير ضروري مواد جي، سمورا ڏنل آهن. ڪن جو انگريزي مان آزاد ترجمو ڪيل آهن." (سيد، 1965ع، ص 1)

جڏهن ته ڪي خط عام ماڻهن لاءِ شايع ڪرايا ويندا. تڏهن انهن ۾ موجود مواد کي ڇين جي سمجهه لائق ڪرڻ لاءِ، انهن جون ڪي وضاحتون ۽ سمجهاڻيون ڏيڻ خاطر حاشيه لکڻ ۽ واڌو مواد ڏيڻ ضروري هوندو آهي ان اهميت جي مدنظر سيد صاحب پڻ هن مواد لاءِ لکي ٿو:

"هڪ خط منهنجو لکيل به ڏنل آهي، ڪن خطن جي هيٺان نوٽ (حاشيه) لڳل آهن." (سيد، 1965ع، ص 1)

سائين ميران محمد شاهه جي شخصيت گوناگون صفتن جي مالڪ هئي، پاڻ حسن پرست رنگين مزاج، رند مشرب هوندي وڏو حرفن مولا هو. پاڻ سياسي توڙي سماجي، ادبي توڙي ثقافتي ميدان ۾ هڪ ئي وقت مصروف عمل رهيو ۽ انهن مان ڪن ميدانن ۾ ته نرالي نوعيت جا يادگار ڇڏي ويو آهي. جيتوڻيڪ طبيعت جي مخصوص مزاج هئڻ ڪري سندس اڪثر لاڙو حُسن پرستي ۽ مجازي محبت طرف هو. جنهن ڪري هنن شايع ٿيل خطن مان اهڙي مواد جي جهلڪ هر جاءِ تي نمايان نظر اچي ٿي. ڇاڪاڻ ته سيد صاحب جي بقول:

"هو بنيادي طور عاشق مزاج، صاحبدل ۽ محبت جو متوالو هو. هُو "الله جميل ويحب الجمال" جي رنگ ۾ رڱيل هو. هن حسن جي تعريف کي ذڪر الاهي ٿي سمجهيو ان ڪري ان کي ورد زبان بنائي ڇڏيو هئائين." (سيد، 1965ع، ص 2)

مٿي ذڪر ڪيل اثرن هيٺ جيتوڻيڪ شاهه صاحب جا لکيل هي خط ڏاڍا رنگين نوعيت وارا آهن. جن جي پڙهڻ سان سندس شخصيت ۽ ڪردار بابت اوباش هئڻ جو تاثر جڙيو ٿي، پر ميران محمد شاهه جي همعصر ۽ هم سفر ان دور جي هڪ ٻئي سرگرم ڪردار پير علي محمد شاهه راشدي اهڙن خيالن کي رد ڪندي لکي ٿو:

"ميران محمد شاهه مرحوم جي اها ڪمزوري هوندي هئي ته هو عاشقانه خط اجايا سجايا لکي، ادبي مشق ڪندو رهندو هو. خطن پڙهڻ سان ائين ڀيو معلوم ٿيندو ته گويا شاهه صاحب کي اوباشيءَ ۽ جيڪا رَن ڏسي اُن تي ڇِڪن ٿي پوڻ کان سواءِ زندگيءَ ۾ ٻيو ڪو مشغلو ئي ڪونه هو" (راشدي، 1981ع، ص 281)

ميران محمد شاهه بابت مٿي ذڪر ڪيل مختلف راين جي سچائيءَ جي خبر خدا کي، باقي جنهن نموني جي لفظي ادائگي ۽ رنگ برنگي محفلن جي نظارن ۽ خدا جي مخلوق جي من موهيندڙ مسڪراهٽن ۽ آرام ڦٽائيندڙ ادائن جو شاهه صاحب خطن ۾ مسلسل ذڪر ڪندو رهيو ان ڪيس نيٽن جو نظارو ذهني سُڪون ۽ دلي فرحت ته ضرور بخشي هوندي، پر اهڙي عمل سان ڪيس دنياداريءَ ۾ ڏکيا ڏينهن ضرور ڏسڻا پيا. ٿيو هيئن ته 1952ـ1953ع ڌاري جڏهن هو اسپين جو سفير هو. تڏهن ميان پير محفوظ جيڪو سندس دوست هو ۽

اسپين ۾ ڪيس ملڻ ريو هو. اتي شاهہ صاحب، مهمانوازيءَ جا فرض ادا ڪنديءَ جي سنڌن مان ۾ ضيافتون ڪيون ۽ ڪي رنگين محفلون ۽ مجرا ڏيکاريا. تن پير محفوظ جي انساني حسد ۽ بغض واري سوچ کي سرگرم ڪيو واپس ٿي هن سرڪاري حلقن ۾ ميران محمد شاهہ جي ڪردار ڪشي ڪرڻ شروع ڪئي. علي محمد راشدي اها ڳالهہ بغير نالي وٺڻ جي، "سنڌس دوست" لفظ لکي ڪئي آهي،پر هن ڪتاب (رهاڻ) مان اهو راز پڻ ظاهر ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ان واقعي بابت سائين جي. ايم. سيد لکي ٿو.

"پير محفوظ واپس اچي سنڌس مهمانوازيءَ خاطرتواضح جو اهو بدلو ڏنو جو وزيراعظم خواجہ ناظم الدين تي پاڪستان جا سفير کهڙا مزا وٺن ٿا. تنهن جو ذڪر ڪري خراب اثر ويهاريائين." (سيد، 1965ع، ص 232)

ميران محمد شاهہ بابت ان قسم جون ڳالهيون پڌي ملڪ جو وزيراعظم خواجہ ناظم الدين مٿس ناراض ٿي پيو ۽ سنڌس سفارتڪاري واپس وٺڻ جو فيصلو ڪيائين. علي محمد راشدي سنڌس سفارش لاءِ وٽس هليو ويو تہ خواجہ صاحب ڪيس شڪايت واري انداز ۾ چيو:

"جيڪڏهن ميران محمد شاهہ پاڪستان جو سفير بڻجي اسپين ۾ وڃي عياشيون نہ ڪري ها، تہ اڄ اسپين ۾ ستن صدين بعد هوند دوباره اسلام جو چرچو شروع ٿي وڃي ها ۽ اسپين جا ماڻهو وري اسلام جي طرف ڇڪجڻ لڳن ها. (يعنيٰ اسپين مسلمان ٿي وڃن ها) ميران محمد شاهہ پنهنجيءَ هلت سان، اسپين ۾ احياءِ اسلام متعلق منهنجا سمورا خواب خراب ڪري ڇڏيا.". (راشدي، 1981ع، ص 281)

علي محمد شاهہ پنهنجي طور تي خواجہ صاحب کي مطمئن ڪري راضي ڪرڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، پر هن سرڪاري ۽ خانگي انٽيليجنس وارين خبرن کي سچو سمجهندي سائين ميران محمد شاهہ کي اسپين ۾ رهڻ نہ ڏنو ۽ واپس گهرائي ورتو.

علي محمد شاهہ راشدي جيڪو ميران محمد شاهہ جو همعصر سياستدان، قريبي ساٿي ۽ وڏو زماني شناس شخص هو. ان جو ميران محمد شاهہ سان ٿيل اهڙي ماجرا جي روشنيءَ ۾ سنڌس عياشين بابت رايو هُيو تہ:

"ميران محمد شاهہ دائم المريض هو ۽ ديوان حافظ جي شعرن کي (جيڪي هو ڪثرت سان استعمال ڪندو رهندو هو) عملي جامو پهرائڻ جي قطعن ناقابل هو بدقسمتيءَ سان سنڌس اهي (اسپين مان لکيل) خط سنسر تي سرڪار تائين پهچندا هوندا ۽ ساڳئي وقت سنڌس زيردست عملي ۾ بہ "مارڪن" (پنهنجي دستور موجب) بہ تي جاسوس ٽنبي موڪليا هوندا. انهن مڙني ڳالهين جمع ٿي خواجہ صاحب کي ذهنس بدگمان ڪري ڇڏيو ٿو ڏسجي". (راشدي، 1981ع، ص 282)

چوندا آهن تہ ڪجھ جي خبر خاوند کي. پر اها بہ حقيقت آهي تہ انٽيلي جنس وارن مارڪن جو بہ ميران محمد شاھ کي خدشو هيو. تنهن ڪري ٿي هڪ خط ۾ سيد کي لکي ٿو:

"سنسرشپ جي ڊپ کان هي خط عبدالهادي معرفت موڪليان ٿو" (سيد، 1965ع، ص 232)

انڪري چئي نہ ٿو سگهجي تہ ميران محمد شاھ جي معاشقانہ انداز وارن تحرير ڪيل خطن ۾ حقيقتن جو ڪيترو حصو هو طرز تحرير ۽ عاشقانہ اندازِبيان. محبت ڀرين لفظن ۽ رنگينن جو ڪيترو دخل هو جنهن کي علي محمد شاھ راشدي، خيالي تصورات کان وڌيڪ ڪائي اهميت ڏيڻ لاءِ تيار نہ هو. پر پڙهندڙن کي اهي خط جيئن تہ ڪئي نينهن وارا نظارا پسائين ٿا. تنهن ڪري جيڪڏهن ڪو ميران محمد شاھ جي اوباش زندگي هئڻ بابت راءِ قائم ڪري ٿو تہ ان تي ميار بہ ڪانهي. سندس هڪ خط مان هيٺ ڏنل اقتباس ڏسو. هڪ رنگين محفل جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"ڪنهن فقط نظربازي تي اڪتفا ڪئي تہ ڪنهن جوڪ ڪشي (ڊڪ ڀرڻ) تي بس ڪئي. ڪنهن پري رخن جي ڪمر ۾ پيچ وڌو تہ ڪنهن سيني تي هٿ رکيو ڪو دام گيسو ۾ گرفتار تہ ڪو شوخن جي شوخين ۾ شڪار ٿيو. مطلب تہ ڪو ڪنهن جو روادار تہ ڪو ڪنهن جو طلبگار ڏسڻ ۾ ٿي آيو. رسم موجب، ٺيڪ ٻارهن جي گهنٽي ٻرڻ تي، جنهن وقت نئين سال جي روح عالمِ ارواح مان اتري اجسام ۾ ورد ڪيو ٿي، سڀ روشني پنجن منٽن لاءِ منقطع ڪئي ويئي. هرهڪ عاشقِ راز کي پنهنجي معشوق طنازي کان بوسي بازيءَ جي صورت ۾ خراج تحسين وصول ڪرڻ جو وجھ وريو ۽ حق سريو ٿي.

بندي جي بغل ۾ بفضل ايزدي ان وقت هڪ جرمن لطيف مسز "فيلن" جلوه گر هئي. عالم بيخود طاري ۽ بوسي بازي جي بارش جاري رهي. هرڪنهن صدسالہ ارمان بخار جي صورت ۾ ڪڍي ڇڏيا. پنجن منٽن جي محدود مدت، مگر مخمور مسرت جي ختم ٿيڻ تي وري روشني رائج ٿي. "هئپي نيو ايئر" (Happy new year) جي صدا فلڪ شگاف هر طرف کان اٿڻ لڳي، هرڪو هڪ ٻئي جي گلن ۾ گلي جو هار (وجهي) بهار بهار ٿيندو رهيو." (سيد، 1965ع، ص 78)

اهڙوئي انداز هڪ خط ۾ هن ريت بيان ڪيو اٿس:

"ميز تي مهنجي همڪنار مس درخشان نازان و خندان ويٺي هئي. سندس قنڌ پارسي ۽ انگلش پر مرده دل ۾ آب ۽ بيجان جسم ۾ تاب آڻي ڇڏيو. سٽيي ۽ مٺي ڪاڏي کان خدر پئي ڪيائين تہ متان سندس نازڪ بدن تي زياده گوشت جو چرب چڙهي وڃي. اڃان طفل مڪتب آهي مگر.... سندس ذهانت ۽ ذڪاوت لائق تحسين آهي. جسم برجستہ

(Compact) اکيون آبدار، لب لعل، زلف سفيدفام، ڪاڪل دام دردام هئا. سندس بلائوس بيحجابانہ چوٽون حصو بدن جو عشاقن جي اکين جا آسائش ڪرڻ لاءِ کليل ڇڏي ڏنو هو. ايتري قدر جو سندس صاف سيني تي بن قبهائي نور جي ڪافوري ڪاسن جو بہ قدري ديدار ٿي سگهيو ٿي. گفتگو جو سلسلو "ٽينيسن"، "بئرن"، "شيلي" "ڊڪنس" وغيره جي طرف ويو جو پاڻ اڃا درس خواني ۾ داخل آهي، 16 ورهہ عمر مس هونديس، خدا ڏينهن ڏيس، الله ڪن جي لاءِ اهي سبب زنخدان ۾ دردندان ٺاهي ڇڏيا آهن". (سيد، 1965ع، ص 86)

باوجود اهڙن نظارن پسڻ جي، اسان کي اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ ميران محمد شاهہ سيد صاحب کي، پنهنجي اهڙين تحريرن طرف اشارو ڪندي هڪ هنڌ ائين بہ لکي ٿو تہ:

"حقيقتن کي شاعراڻي تخيل (ميران محمد شاهہ شاعر بہ هو) کان وڌيڪ اهميت نہ ڏجو. متان حسرت حاصل ٿئي ۽ حفاظت سان رکجو متان ڪو پڙهي ڪڙهي وجي". (سيد، 1965ع، ص 88)

اهڙي ريت هڪ ٻئي خط ۾ لکي ٿو:

"نوازش روءِ، هي خط مخفي رکجو متان سڀ ڪنهن کي ڏيکاريو. اهل دل دنيا ۾ ٿورا آهن، بدگمان ۽ حاسدن جو شمار ئي ڪونہ آهي." (سيد، 1965ع، ص 140)

مٿين بيان ڪيل رنگ برنگ محبتي منظر نگاري سيد ميران محمد شاهہ جي اڪثر خطن ۾ نظر اچي ٿي. جيئن تہ اهي سائين جي. ايم. سيد ۽ سندس وچ ۾ خالص ذاتي نوعيت وارا آهن، جنهن ڪري ميران محمد شاهہ جو نہ رڳو مٿي ذڪر ڪيل رنگين اندازِ تحرير اختيار ڪيو آهي پر هن سيد صاحب کي پنهنجو حال محرم ۽ راز محرم تصور ڪندي هر قسم جي دلچسپين، سياسي خيالن، پروگرامن ۾ پسند ناپسند واري انداز جو پڻ کليل لفظن ۾ اظهار ڪيو آهي. سيد صاحب کي راز محرم تصور ڪنديءَ ڪتاب ۾ رنگين زندگيءَ جي جنهن نموني مختلف وارداتن جي منظرڪشي ڪئي ويئي آهي ان جي اصليت بابت ويچار ڪنديءَ ڪجهہ ماڻهن، خاص طور تي ميران محمد جي خاندان سان وابستہ ڪن فردن جو خيال هيو تہ اهڙا خط جيئن تہ ذاتي نوعيت وارا ٿين ٿا انڪري اهي اشاعت هيٺ اچڻ نہ گهربا هئا.

اهڙي مواد بابت ڪن ٻين ماڻهن جي راءِ پنهنجي جاءِ تي، پر ميران محمد شاهہ پنهنجي انهن خطن واري مواد کي پنهنجي زندگيءَ جي تاريخ جو حصو سمجهندو هو. تڏهن ئي تہ سيد کي لکيائين:

"منهنجي خواهش آهي تہ سلسلو خطن جو قائم رهي ۽ ڪوبہ خط گم نہ ٿي وڃي چاڪاڻ تہ خبر اٿم تہ تون اهي محفوظ ڪندو آهين. اهي خط منهنجي زندگيءَ جي تاريخ جون ڪڙيون آهن". (سيد، 1965ع، ص 95)

ميران محمد شاهہ پاران پنهنجن خطن بابت بيان ڪيل مٿين راءِ کي نظر ۾ رکنديءِ ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري لکي ٿو ته:

"انهن ڳالهين جي پيش نظر اهو باور ڪرڻ ڏکيو ناهي ته هو انهن خطن جي اشاعت تي ناراض نه ٿئي ها. فاضل مرتب (جي. ايم. سيد) جي بيان مان پڻ اهو مطلب نڪري ٿو ته ميران محمد شاهہ انهن خطن جي اشاعت تي راضي ٿيو هو." (لاشاري، 1998ع، ص 140)

تاريخ مختلف حوالن سان سبق آموز هوندي آهي. ان ئي مقصد جي مدنظر سنڌ اندر سائين جي. ايم. سيد، پهريون عالم آهي، جنهن باقائدگيءَ سان عالمن، اديبن ۽ دوستن جي خطن کي اشاعت هيٺ آڻڻ جو سلسلو شروع ڪيو. ميران محمد شاهہ جي خطن جو هي مجموعو ان سلسلي جي پهرين ڪڙي هو. سيد صاحب پاران مواد مرتب ڪري شايع ڪرائڻ جو طريقو هوندو هو ته جن به شخصيتن جو مواد انهن جي حياتيءَ ۾ شايع ٿيو ان لاءِ پهريان سندن کان راءِ معلوم ڪئي ويندي هئي، تنهن بعد ڪتاب تيار ڪري کين ڏيکاريو ويندو هو ۽ سندن ڏنل مشورن جي روشنيءَ ۾ درستيون ڪري پوءِ اشاعت لاءِ موڪليو ويندو هو. تڏهن ئي ته هن ڪتاب جي پيش لفظ ۾ سيد صاحب لکي ٿو:

"آءٌ اجان سندس لکيل خطن کي ڪتابي صورت ۾ ڏيئي، کيس ملاحظي لاءِ موڪلڻ وارو هوس، ته اوچتو تاريخ 16 نومبر 1963ع مطابق 28 جمادي الثاني 1383هہ، چنچر ڏينهن داغ مفارقت ڏيئي، انهيءَ طرف روانو ٿي ويو جتان ڪوبہ ڪونہ موٽيو آهي". (سيد، 1965ع، ص 15)

اهو ته ٿيو سيد صاحب جي مواد سهيڙڻ وارو طريقي ڪار پر سيد صاحب جيڪو اهڙن لکتن کي سنڌ جي سياسي، سماجي، ادبي، ثقافتي تاريخ جو حصو تصور ڪندو تنهن پنهنجي لکيل ڪتابن ۾ پاڻ سان ئي ڪائي رعايت نہ ڪئي آهي تہ پوءِ ٻين جي اهڙي مواد کي ڪيئن ضايع ٿيڻ ڏيندو. اهو ئي سبب آهي جو ڊاڪٽر ڪليم الله لاشاري سندس بابت لکي ٿو:

"اسان جي بند ۽ دقيانوسي معاشري ۾ اهڙن بيباڪانہ خطن جو ڇپجڻ واقعي هڪ اهم قدم آهي. اها جناب جي. ايم. سيد جي سنڌي ادب تي مهرباني ڇئجي، جو هن صاحب وڏي اخلاقي جرئت سان اهي خط ترتيب ڏيئي اشاعت لاءِ ڏنا." (لاشاري، 1998ع، ص 275)

هن ڪتاب جو غور سان مطالعو ڪرڻ سان بخوبي اندازو ٿي وڃي ٿو تہ هن ۾ ڪنهن باذوق شخص جي رڳو رنگين زندگي بيان ٿيل ڪانهي، پر سنڌ جي هڪ سياستدان، شاعر، اعليٰ نثرنويس، سماجي خدمتگار، لطيف شناس، ادارا جوڙيندڙ ۽ هلائيندڙ هڪ درد دل رکندڙ شخص جي دل جو داستان آهي جيڪو محض سندس داستان نہ، پر ان دور جي سياسي، سماجي، تعليمي ۽ ادبي تاريخ جو هڪ اهم ماخذ (Source Material) آهي.

سياسي معاملي جي موشگافين کي چڱي ڪري ڄيڪڏهن علم، ادب، سماجي توڙي ثقافتي معاملن جي مواد ڏسڻ جي ڪوشش ڪبي، تہ هن ڪتاب مان،سنڌ جي تعليمي ترقيءَ واري حوالي سان سنڌ يونيورسٽيءَ لاءِ ڪيل جاکوڙ سنڌي ادب جي واڌاري جي سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ لاءِ ڪيل ڪوشش، حضرت شاهہ لطيف جي شخصيت ۽ فڪر کي عام ڪرڻ لاءِ 'لطيف يادگار ڪميٽي" ۽ "ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز" لاءِ ڪيل جدوجهد واري حوالي سان بنيادي نوعيت وارو مددي مواد (Source material) ملي ٿو.

سائين جي. ايم. سيد جڏهن 1940ع ڌاري سنڌ ۾ يونيورسٽي قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشون ڪري رهيو هو. تڏهن ميران محمد شاهہ ٻين يونيورسٽين جي ڪارڪردگي ڏسڻ لاءِ ڪجهہ يونيورسٽيون ڏسڻ ويو هو. ان وقت دهليءَ مان سيد کي هڪ خط ۾ لکي ٿو:

"يونيورسٽي ڪميٽيءَ جو ڇا ڪيئي؟ آءٌ دهلي يونيورسٽي جو ڪاروبار ڏسي رهيو آهيان، علي ڳڙهہ ڏٺو اٿم." (سيد،1965ع، ص 15)

اهڙي ريت انهن ئي ڪوشش جي سلسلي طور جڏهن سنڌ يونيورسٽي ڪاميٽي جوڙي ويئي ۽ ان جو ميران محمد شاهہ کي چيئرمين مقرر ڪيو ويو تڏهن سيد صاحب کي لکيائين:

"سنڌ يونيورسٽي ڪميٽيءَ تي مون کي چيئرمين مقرر ڪرڻ لاءِ شڪريو. مون ڊيپوٽي سيڪريٽري کي لکيو آهي تہ ڪميٽيءَ جي پهرين ميٽنگ 6 آگسٽ تي رکي." (سيد، 1965ع، ص 153)

سيد صاحب سنڌي ادب جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ 1928ع کان ڪوشان هو. سندس ڪوشش جي نتيجي ۾ آخرڪار سنڌي ادبي بورڊ نالي ادارو وجود ۾ آيو تہ ان جو بہ ميران محمد شاهہ کي چيئرمين مقرر ڪيو ويو. تڏهن هڪ خط ۾ سيد صاحب کي لکيائين:

"سنڌي لٽرري (ادبي) بورڊ جو اوهان قائم ڪيو ۽ ان جو بہ چيئرمين مون کي مقرر ڪيو اٿو اهو آرڊر اڃان ڪونہ پهتو آهي. مهرباني ڪري جلد آرڊر ڪڍائيندا تہ سنڌي ادب کي زور وٺائڻ لاءِ ڪم شروع ڪجي." (سيد،1965ع، ص154)

"شاهہ لطيف يادگار ڪميٽي" ۽ "ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز" کي فعال ڪرڻ ۾ سيد ميران محمد شاهہ جو وڏو ڪردار هو جنهن سيد صاحب کان دوستيءَ جي ناتي ان معاملي ۾ مدد ورتي پئي. اهڙو اشارو سيد صاحب ڏانهن لکيل هيٺين خط مان ملي ٿو:

"ڀٽ شاهہ جي ميلي جو ڪم گهٽو آهي. ڀِيڙ، ڀٽائي ميلي تي ڇڪلي بند ڪرائڻ جي خلاف آهن. لوڪلبورڊ 400 رپيا منظور ڪيا آهن. اوهين مدد ڪرائيندا..... جلد اچ ڪوشش وٺ، شاهہ لطيف جي ميلي کي ڪامياب بنائڻ لاءِ اچي شريڪ ٿي." (سيد، 1965ع، ص 172)

هن ڪتاب مان نہ رڳو ميران محمد شاهہ جي رنگين زندگيءَ جو مواد ميسر ٿئي ٿو پر جنهن کي خط موڪليا اٿس، سيد غلام مرتضيٰ، ڪتاب ۾ ان جي اوائلي عشق جا پڻ اشارا ملن ٿا. اهو عشق، جنهن جي پڄاڻيءَ کيس حقيقيت واري راهہ ڏيکاري ڇڏي. "عشق ڏيکاريون نيون نيون ڳالهيون سلڻ نہ جهڙيون" کيس ان عشق وارو گس ڏيکارڻ وارو بہ ميران محمد شاهہ ئي هو. جنهن کي هڪ تصوف سان چاهہ رکندڙ مهہ لقا، مهجبين هندستان جي ڪنهن شهر ۾ ملي ٿي ۽ تصوف جي باريڪين تي بحث ڪرڻ گهري ٿي، تڏهن هو پنهنجو پاڻ کي اهڙي علم تائين بي پهچ تصور ڪندي، کيس سيد صاحب جو اڻ ڏٺي تعارف ڪرائي، ان ڏانهن رجوع ڪري ٿو. اهڙو اظهار سندس هڪ خط مان هن ريت ملي ٿو:

"بي اختيار اوهان جو نالو پيش ڪيم تہ منهنجو هڪ عزيز انهيءَ راهہ جي رهنمائي بابت ڪجهہ خبر ڏيئي سگهندو. باقي اسان انسانن جي اتي پهچ نہ آهي. پاڻ اوهان سان تبادلہ خيالات جو اشتياق ڏيکاريائين." (سيد، 1965ع، ص 138)

اهڙي قسم جون ڪيترين ئي ذاتي نوعيت واريون حقيقتون هن ڪتاب ۾ قلمبند ٿيل آهن انڪري هن ڪتاب کي علمي، ادبي، ثقافتي سرگرمين سان گڏوگڏ ذاتي مشغلين بابت مواد جو مجموعو پڻ چئي سگهجي ٿو.

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1965ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو جنهن جا هن وقت تائين ٽي ڇاپا اچي چڪا آهن.

## ببليوگرافي


1. راشدي، علي محمد، 'اهي ڏينهن اُهي شينهن III'، 1981ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
2. سيد، جي. ايم، 'رهاڻ'، 1965ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
3. لاشاري، ڪليم الله، 'خطن جو سوانحي مطالعو'، قلمي

اسحاق سميجو

# نرمل جيوتاڻي: هڪ ترقي پسند شاعر

## NIRMAL JEVWTANE: A PROGRESSIVE POET

**Ishaque Samejo**
Assistant Professor,
Department of Sindhi,
University of Sindh Jamshoro

**ABSTRACT**

Nirmal Jevtani was one among the Glaxay of ever shining poets of Sindhi Language. He lived 23 years a very short life but composed admiring ever green and unforgettable poetry. He was poet with its unique clear diction. We can find him more objective rather then being subjective in his systematic thoughts composed in aesthetic and symbolic wording of the poetry. That is why he was considered a modern Progressive Poet of Sindhi Language. In this paper I have traced out facts belonging to his thoughts and Art of the Poetry.

سنڌ جي شعري افق تي ڪي نالا "سدا جوان" رهڻا آهن. نرمل جيوتاڻي انهن منجهان هڪ آهي. نرمل بہ بيڪس وانگر پنهنجي شاعريءَ ۽ زندگيءَ جي جوين تي رسندي ئي، راهہ عدم اختيار ڪئي ۽ سوا 23 سالن جي مختصر زندگيءَ ۾ بہ ڪيئي اڻ وسرندڙ ۽ يادگار نغما تخليق ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيائين. هو پنهنجي صاف سٿري لهجي ۽ لفظن جي سلوڻي چونڊ سبب نهايت دلفريب ۽ دل ڇڪيندڙ شاعر آهي. هن وٽ نظم جو صحيح تصور ملي ٿو جنهن ۾ معروضيت ۽ گوناگون موضوعن جي رنگارنگي پسي سگهجي ٿي. هن وٽ داخليت کان وڌيڪ خارجيت آهي، ۽ ان ڪري ئي هو ترقي پسند شاعرن جي حلقي ۾ شامل ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ هو طبعن آزاد سوچ جو مالڪ ۽ رومانوي شاعرن وانگر فطرتي حُسن جو مداح ۽ عاشق آهي، ۽ پنهنجي ڪتاب "امر لات" جي ٻن اکرن ۾ لکي ٿو: "پنهنجي چوڌيءَ دنيا جي بادلن، نهرن، پرندن، وڻن ٽڻن ۽ گلن ڦلن جيڪو منهنجي ڇوٽيءَ دل تي اُونهو اثر ڪيو آهي، ان جو هي اڌورو نقش آهي. خيال سڀ آزاد آهن. منهنجيءَ نظر ۾ ڪنهن بہ قسم جي پابندي ٺيڪ نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ اها ڪلا جي پورڻتا جي آڏو اچي ٿي." (نرمل، 1942: 3) ايئن هو "ڪلا جي پورڻتا لاءِ خيال جي آزاديءَ" ۾ يقين رکي ٿو پر ان جي باوجود،

هن جي ڪلا پنهنجي وطن جي غلاميءَ تي تڙپي اٿي ٿي ۽ هو عملي طور بہ آزاديءَ جي هلچل جو حصو بڻجي ٿو جنهن جا نقش هن جي شاعريءَ ۾ جابجا تڙيا پکڙيا پيا آهن.

ورهاڱي کان اڳ وارن شاعرن جو تذڪرو ڪندي، "سنڌي ادب جي تاريخ" جو مصنف لعل سنگهہ اجواڻي لکي ٿو: "تولارام مينگهراج ٻالاڻي ۽ نرمل جيوتاڻي (1921-1944) بہ اهڙا شاعر هئا، جن اوچ معيار جي شاعراڻي ذات جا جوهر پسائڻ شروع ڪيا، ليڪن هو وقت کان اڳ ئي راهہ رباني وٺي رمندا رهيا." (اجواڻي، 2007: 233) اها ڳالهہ بلڪل صحيح آهي، خاص طور نرمل جي حوالي ۾ تہ نهڪي بيهي ٿي تہ هن جي شاعريءَ ۾ تخليق پنهنجيءَ منزل طرف وکون وڌائڻ ئي مس شروع ڪيون هيون، جو اجل سندس زندگيءَ جي راهہ کي ڪنهن لڪير وانگر ڪاٽي ڇڏيو ۽ اهو سفر هميشہ لاءِ منزل کان محروم ئي رهجي ويو. انگريزيءَ جي شاعر ڪِيٽس کان وٺي اردوءَ جي شاعر اصغر گونڊويءَ تائين ۽ روسي شاعر پشڪن کان وٺي سنڌي شاعر حسن درس تائين، دنيا جا اڻ ڳڻيا فنڪارَ عمر ۽ فن جي اهڙي اوج ۾ ئي الهامي ويا، جو لکين اکيون ۽ دليون سندن لاءِ لڙڪ لاڙينديون رهجي ويون. نرمل لاءِ ڪٿي لکين دليون نہ رنيون هجن، پر سوين نيڻ ضرور پنا هئا. هن جي مرتيي تي لکيل ڪئين شعر ان ڳالهہ جي گواهي ڏين ٿا.

بهاريءَ ۾ ٽيو پيدا گلستان ۾ گلابي گل،
طراوت، تازگي، خوشبوءِ ۾ بيو هو نہ ان جو ٽُل،
بنائي مست پئونري کي، ڪئي جنهن بانولي بلبل،
الا! ان تي ذرو جي ترس کائي ها خزان قاتل،
بنائي ها تہ جلد ئي هو سڳنڌ سان پُر فضا نرمل،
ڪسيو قهري قضا ليڪن اسان کان دلربا نرمل!

پريو اتساهہ امنگن سان سچو هو هي شيواڌاري،
اندر ۾ آگ آزاديءَ لئہ هئي هن جي سدا جاري،
مٺي هن ماتر پومي جو هيو تن من سان پوڄاري،
انهي جي ڪاڻ جيلن ۾ وڃڻ لئہ هو نہ انڪاري،
پري ها ديس پارت جا گهٽا ئي هي گهڙا نرمل!
ڪسيو قهري قضا ليڪن اسان کان دلربا نرمل!
(آسناڻي 1947: 63)

بهرحال "اسان جي هن روشن خيال، ترقي پسند سوچ جي مالڪ ۽ پنهنجي دلپذير شاعريءَ سبب امر رهندڙ نوجوان شاعر جي جنم پومي ضلعي دادوءَ (ان وقت

لاڙڪاڻو) جي ميھڙ تعلقي جو ٽرڙي محبت شھر ھو. ٽرڙي محبت، جنھن کي ھو پاڻ ٿي چوندو ھو: Hamlat of love“ (آزاد،2008: 76 ) جھڙيءَ ريت ھن جي شھر جي نالي ۾ ”محبت“ لفظ آيو ٿي، اھڙيءَ ريت ھن جي شاعري به پرين وطن ۽ محبوب سان رومانس جو ئي ھڪ استعارو ھئي، جنھن ۾ پنھنجي دور جو سياسي سماجي شعور به ڪنھن شعلي جيئن ٻرندو نظر ٿو اچي. آزاديءَ جي لفظ ۽ تصور سان ته ھن کي خاص چاھ آھي، جو غلاميءَ جي ان ڪال ڪوٺڙيءَ جھڙي دور ۾ اھو تصور ئي اھا دري ھئي، جنھن منجھان ھر باشعور ماڻھوءَ کي ھوا ۽ روشني آيا پئي.

جيئن صبوح جي ھيرَ خودمختيار آ،
جيئن پرندن جي ڪليل گفتار آ،
نھَر جي لھرين اندر للڪار آ،
ڦول ڪڙندڙ جي اٿل ھُبڪار آ،
تيئن سدائين تون اي دل! آزاد ٿي،
دور ٻنڌنن کي ڪري، او! شاد ٿي!
(امر لات، 1942: 26)

جيتوڻيڪ پرين سان پيار جو اظھار ان جي فطرت جي ڪرشمہ سازي، ان بابت ڏيان ۽ گيان، تصوف جا راز ۽ رمزون، فطرت جون حسناڪيون، منظر نگاري، محبت جا نفيس جذبا ۽ احساس، ۽ انسان جي داخلي دنيا کي به نرمل ڏاڍي حسن سان بيان ٿو ڪري، پر پنھنجي دور جي سياسي ۽ سماجي حالتن جي شعورَ ھن کي ھڪ انقلابي ۽ باغي شاعر بڻائڻ لاءِ اڪسائڻ ۾ وسان نه گھٽايو آھي. البته ھن جي اظھار ۾ پڙاڏو ۽ گونجدار آواز نه آھن، ھن جي ڪاوڙ ۾ شدت نه آھي، پر نفرت ۽ تڙپندڙ خواھش ضرور آھي. ھو آزاديءَ لاءِ به پريوءَ جي ڏنل شعور ۽ مھر جو قائل آھي.

مون به ھڪڙي قيد ۾ گھاريو پئي،
دک اٻوجھائيءَ اندر ساڙيو پئي،
روشني اکڙين جي ٿي وئي ھئي جھڪي،
قيد جي ديوار پڻ ٿي نا ڏٺي!
پاڻ کي سمجھيم سدائين پئي چٽل،
بي خبر ھئا بند غلاميءَ جا ٻڌل،
پاڻ کي پئي ”ڪِين“ تي راضي رکيم،
پڻ اٻوجھن جيان پئي سپ تي ڪليم،

پر جڏهن تنهنجي مٿان ٿي روشني،
ترت اک ديوار تي پيئي وڃي!
لوچ پيدا ٿي پسي چوڌر زنجير!
اوتجي پيو ٻن اکين مان لعل نير!
هاڻ مون کي قيد هي کائڻ لڳو
خيال ٻاهر پيو وڃي هر هر ڀڳو
هاڻ تنهنجي مهر سان آزاد ٿيان،
پنهنجي منزل تي رسي "ور" شاد ٿيان! (امر لات، 1942: 17_18)

مٿئين شعر ۾ جيڪو "وَرُ" لفظ استعمال ٿيل آهي، سو ٻه نرمل جو ئي تخلص آهي. سندس پورو نالو ٿانور گدومل جيوتاڻي آهي. پر شعر ۾ هو ڪڏهن "نرمل" تہ ڪڏهن "ور" تخلص ڪتب ٿو آڻي. آزاد قاضيءَ جو اندازو آهي تہ "هُو پوئين دور ۾ جڏهن هندستان جي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ حصو وٺڻ لڳو تڏهن ڪيس جيل جو مُنهن بہ ڏسڻو پيو ۽ نرم نازڪ بدن تي ڪوڙا بہ جهلڻا پيا. ان ماحول ۾ هن جي اندر واري نرملتا ارڏائيءَ ۾ تبديل ٿيڻ واري خيال سان "وَر" تخلص استعمال ڪرڻ شروع ڪيو. سندس گيت "ڀارت جي آزادي" ماهوار "سنڌو" مارچ 1942ع واري پرچي ۾ "ٿانور" ڄي جيوتاڻي (ور) بي.اي وديارٿي نالي سان شايع ٿيو پر سندس مرتيي کان پوءِ سندس دوستن "نرمل لات" ڪتاب شايع ڪرايو تہ ان جي ساڳئي ئي شعر ۾ "وَر" جي جاءِ تي "نرمل" تخلص تبديل ڪري، شايع ڪرايو ربو." (آزاد، 2008: 78) جيتوڻيڪ پنهنجي تخلص جي تبديلي يا ٻہ تخلص ڪم آڻڻ بابت نرمل پاڻ نثر ۾ ڪٿي بہ ڪا وضاحت نہ ڪئي آهي. پر جنهن سال ۾ آزاد هن جي "ور" لفظ ڪم آڻڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي، ان ئي سال هن جي ڇپيل ڪتاب "امر لات" ۾ جابجا هن نرمل تخلص بہ ڪتب آندو آهي. خود هڪ شعر ۾ هو اهي ٻئي تخلص ڪم ٿو آڻي. "امر لات" ۾ پنهنجي لافاني ۽ طويل نظم "امر لات" جو اختتام هُو ان ئي شعر تي ٿو ڪري:

قرب ۾ آهي ڪنول ڪومل ٿيو
بوند بارش ۾ ڪِرڙي اوجل ٿيو
پريت سان وئي ڌوپجي دل جي دنيا،
آه "ور" جو پڻ ردو "نرمل" ٿيو!
(امر لات، 1942: 36)

البت جيل جي تجربي ۽ ماحول هن جي شعر ۽ زندگيءَ تي محسوس ٿيندڙ اثر وڌو. اهي ڏينهن اهي آهن، جڏهن هو حيدرآباد جي ڏيارام گدومل نئشنل ڪاليج ۾ پڙهي رهيو هو ۽ ان دوران هن انتهائي سرگرم، متحرڪ ۽ ذميدار شاگرد جي حيثيت ۾ شهرت

حاصل ڪئي هئي. ڪاليج ۾ ڪلياڻ آڏواڻي ۽ چيتمل پرسرام جهڙا عالم ۽ اديب استاد هئا، جن جي صحبت ۾ سکيا هن کي لوهه مان پارس بڻجڻ ۾ مڪمل مدد ڏني. ان دور جي استادن پنهنجن شاگردن کي روايتي نصابي علم ڏيڻ کان سواءِ پنهنجي ثقافت، تهذيب ۽ تاريخ بابت آگاهي ڏني پئي، تہ ڪين مشاعرن ۾ ٻرامن ڪرڻ سميت مخزنن ڪيڻ لاءِ بہ پئي اتساهيو. چيتمل پرسرام ڪاليج ۾ شاهہ لطيف جي نالي پنيان "لطيف ٻاري" نالي شاگردن لاءِ پليٽ فارم جو بنياد وڌو تہ ان جو پهريون سيڪريٽري ٿيڻ جو شرف نرمل کي ئي حاصل ٿيو. البتہ هو لطيف کان بہ وڌيڪ ٽئگور جو چاهيندڙ ۽ عاشق هو. هن جي دوست هيري ڄڳتياڻيءَ سندس جيون چرتر ۾ لکيو آهي: "شيڪسپيئر جا شعر، ٽئگور جي گيتانجلي ۽ ڪرشنا مورتيءَ جا ڪتاب خوب پڙهندو هو. تنهي کي ائين ڪٺي چئجي تہ پوڄيندو هو. سڄو ڏينهن اهي ڪتاب پيو پڙهندو هو." (ڄڳتياڻي،...: 7) هن سان جيل ۾ گڏ رهندڙ اي جي اتم بہ لکيو آهي تہ هو روز صبح جو اٿي، ٽئگور جي "گيتانجلي" ۽ ٻين ڪتابن جو پاٺ ڪندو هو ۽ ٽئگور جي جڳ مشهور نظم جو ترجمو "ڄڳائج" جي عنوان سان ڪيو هيائين. بهرحال ٽئگور سان محبت سبب ئي هن ڪاليج ۾ "ٽئگور آرٽ سرڪل" جو بنياد وڌو جنهن پاران هن ٽئگور تي مضمونن لکرائڻ سان گڏ تصويرن ناهڻ جو مقابلو بہ ڪرايو ۽ ڪتابي سلسلو بہ هلايو. خود هن جي شاعريءَ ۾ فطرت جي اهڙي گوناگون حسناڪي ۽ منظرن جا بامعنيٰ سلسلا ٽئگور جي شاعريءَ جي اثر کي ظاهر ڪن ٿا. ٽئگور بہ فطرت جي رنگينين کان متاثر شاعر آهي، ۽ نرمل بہ. البت نرمل جي ڪلام ۾ جيڪو روحانيت جو عنصر غالب ٿو ڏسجي، سو شايد ڪرشنا مورتيءَ جي مطالعي سبب پيدا ٿيو هوندو ڇاڪاڻ تہ ٽئگور ايترو روحانيت پسند نہ آهي.

حقيقت ۾ نرمل جي شعر جي موضوعن، ٻولي ۽ پيشڪش کان علاوه هن جي شعر جي هيئت ايتري گوناگون، ڏيان ڇڪائيندڙ ۽ تجرباتي آهي، جو ان جو خاص طور مطالعو ٿيڻ کپي. هن طويل نظم ۾ جيڪي اثرائتا انفرادي تجربا ڪيا آهن، سي روايتي عربي فارسي هيئتن ۽ انگريزي ٻوليءَ جي اثر هيٺ جنم وٺندڙ جديد سنڌي نظم جي ميلاپ جو بهترين نمونو آهن. "فاعلاتن فاعلاتن فاعلن" وزن تي مشتمل سندس بي مثال نظم "امر لات" جيڪو 38 حصن ۾ ورهايل آهي ۽ هر حصي جا قافيا ۽ سٽن جي جوڙجڪ ٻئي حصي کان جدا آهي، سو هڪ ئي بحر ۾ لکيل هوندي بہ نهايت غير معمولي حد تائين ورسٽائيل محسوس ٿئي ٿو. هن نظم جي مختلف حصن ۾ هو ڪٿي رباعي، ڪٿي قصيدي، ڪٿي مسمط ڪٿي ترڪيب بند، ڪٿي پنج سٽي ۽ ڪٿي تہ سٽي جا گهاڙيتا ڪم ٿو آڻي، پر انهن سڀني جدا جدا هيئتن ۾ بحر جي ساڳيائي ۽ موضوع جي وحدت ۽ تسلسل سان جيڪو ربط ۽ ڳانڍاپو ٿو جوڙي، تنهن سان سندس باڪمال شاعر هجڻ جي گواهي ملي ٿي.

غور سان سڻ زندگيءَ جو هاڻ سان
حرفتن پنهنجين سڀن کي من! وسان
هن جدائيءَ کان اڄ تون جلد باز! (امر لال، 1942: 24)
...
ڪيترين اکڙين سان مون تو کي پسيو
ڪيترن جنمن ۾ مون تو لئه پڇيو؟
خار مايا جو پٽي مَن ۾ چُڀيو
ڪين پر منهنجو قدم پٺتي هٽيو! (امر لال، 1942: 25)
....
ڪيئن اک سج ڏي نهاري ٿي سگهي؟
ڪيئن پنبڻين کي هُو ساڙي ٿي سگهي؟
هوءَ فقط هت نير هاري ٿي سگهي،
هت عقابي اک ڪپي، يا جُهڙ ڪپي!
پنهنجي ساجن کي پَسڻ لئه وڙ ڪپي! (امر لال، 1942: 13)

ساڳيءَ ريت هن جو ڪتاب "زندگي" جيڪو سندس لاڏاڻي کان پوءِ لڳ ڀڳ ورهاڱي وقت 1947ع ۾ ڇپيو سو پڻ هيئت ۽ موضوع ۾ منفرد انداز جو ڪتاب آهي. هيءَ به هڪ لحاظ کان طويل نظم ئي آهي، جنهن ۾ هن مثنوي جي گهاڙيٽي کي ڪتب آندو آهي. هن ۾ زندگيءَ جي مختلف رنگين ۽ اونداهن پاسن، ان جي ظاهري ۽ باطني رخن ۽ باقي ڪائنات ۾ وهندڙ زندگيءَ جي مجموعي ڌارا سان انساني زندگيءَ جي تعلق ۽ ان جي ڏکن ۽ خوشين کي هڪ ئي بحر ۾ مختلف عنوانن هيٺ پيش ڪيو ويو آهي. البت هن هر عنوان هيٺ لکيل نظم جا قافيه تبديل ڪيا آهن، جنهن سان ڪتاب مثنويءَ بجاءِ مختلف نظمن جو هار ٿي پيو آهي، جنهن کي بحر جي ڏوري هڪ ئي لڙهيءَ جيان پوئڻ جو ڪم ٿي ڪري.

نرمل جي شاعري پنهنجي فني خوبين جي گهڻ رنگائيءَ سان گڏ موضوعاتي سطح تي به هڪڙو اثرائتو آواز ۽ پنهنجي دور جي ذهن ۽ ضمير جو سچو پچپ عڪس آهي. جيتوڻيڪ انگريز دور جي غلاميءَ کي نندي ڪنڌ جي مختلف شاعرن پنهنجي نگاهه سان پيش ڪيو آهي، پر نرمل ان کي اونداهيءَ ۽ موت جي علامت طور ڏٺو آهي. ان ڪري ئي هو ان غلاميءَ ۽ موت جي سپاهين خلاف عملي ميدان تي به پنهنجي حصي جي جنگ وڙهندو رهيو. هو ڪو وڏو قومي اڳواڻ نه هيو پر منجهس هڪ باڪردار سياسي ڪارڪن واريون سڀ چڱائيون موجود هيون. خاص طور گانڌيءَ جي تحريڪ ۽ شخصيت نندي ڪنڌ جي جن ماڻهن کي جذباتي سطح تي گهڻو متاثر ڪيو نرمل به انهن مان هڪ هو. دراصل

ايئن ٿيڻ فطري بہ هو. ڇاڪاڻ تہ ملڪ تي انگريزن جي خراب حڪمراني ۽ انهن خلاف وڏندڙ ڪاوڙ غم ۽ غصي جو اهو عالم هيو جو ماڻهن انگريزن جي ديس مان ايندڙ ڪپڙو ڇوڙڻ بہ ڇڏي ڏنو هو ۽ گانڌيءَ جي اعلان تي پنهنجي ديس جي کاڌي پائڻ شروع ڪري ڇڏي هئي. ٻئي طرف سمورا طبقا جهڙوڪ شاگرد، وچولو طبقو مزدور ۽ هاري ناري تنظيمون ناهي، آزاديءَ جي هلچل ۾ ڀرپور نموني ڀهرو وٺي رهيا هئا. هڪ باشعور شاعر اهڙين حالتن کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ ڪيئن ٿي رهي سگهيو. نرمل بہ ڏيارامَ گدومل نئشنل ڪاليج حيدرآباد (ڦليلي) ۾ پڙهڻ دوران سياسي طور ڪانگريس سان واڳجي ويو ۽ ان دوران هو ڪئين موقعن تي سرگرميءَ سان ڪم ڪندو رهيو ۽ نتيجي ۾ بہ ڀيرا جيل بہ ڪاٽيائين تہ ڪوڙا بہ کاڌائين. "آگسٽ 1942ع ۾ آزاديءَ جي يڌ ڇالو ٿي. قومي پروانو پلا ڇٽن جي نند ڪيئن ڪريا هڪدم ٽپي پيو ان آگ ۾. آزاد ميدان تي جهنڊي جي سلامي ڪرائيندي ٻين سميت گرفتار ڪيو ويو. ڪيس 6 مهينا جيل ۽ 10 ڦٽڪا سزا ڏني وئي. جيل وڃڻ کان اڳ "امر لات" ڪتاب ڇپائي شايع ڪرايائين. ڦٽڪا بہ کلندي سنائين. غم جي ريک ڪا نہ هيس.

جيل مان نڪرڻ بعد بي-اي تي پڪيٽنگ ۾ بہ ڀهرو ورتائين. پيهر، ڪاليج ۾ جهنڊي جي سلامي ڪرائيندي، 1943ع ۾ گرفتار ٿيو. جيل اندر حُر ۽ خوني قيدي بہ کيس بيحد پيار ڪندا هئا. هو سيني کي جلديءَ ۾ پنهنجو ڪري ڇڏيندو هو. پنهنجو ڪمرو بلڪل صاف ۽ سندر رکندو هو گندگي بنهہ ڪين وڻندي هيس." (جڳتياڻي،...19: 5-6)

ڏسجي تہ نرمل جو اهو رويو ذات کان وٺي زماني جي هر معاملي طرف هيو. هن پنهنجي ڪمري وانگر ئي پنهنجي سماج کي مڪمل صاف سٿرو مهذب ۽ صحتمند ڏسڻ تي گهريو ۽ غلاميءَ جي نتيجي ۾ غربت، بيروزگاري، احساس ڪمتري ۽ جهالت جهڙي گندگيءَ کي پنهنجي شاعريءَ سان صاف ڪرڻ جو ڪم پئي ڪيو. هن جو طويل نظم "زندگي". جيتوڻيڪ پنهنجي مجموعي تاثر ۾ خليل جبران جي ڪتاب "پيغمبر" وانگر روحاني قسم جو شعر آهي، ۽ پر وچ وچ ۾ هو جيڪي منظر، ڪردار، حالتون، مسئلا ۽ فڪري سوال کڻي ٿو اچي، اهي ترقي پسند شاعريءَ جو اثاثو آهن.

اوهان پيا سمجهو دنيا آ سکي،
مگر سچ پڇو آ دنيا هيءَ دکي،
انهيءَ تي نہ جيڪي بہ وشواس ڪن،
اهي غور سان ويهي مون کي ٻڌن:
مثل سرگ ڪو ديس سائو هجي،
دنيا جو اصل پيل پائو هجي،
جبل جهنگ جت جام اُوچا هجن،

پکي کن تنوارون ۾ سالڪ تڳن،
جتي جام نهرن ۾ پاڻي نچي،
هوا ٿي جتي هير هر دم اچي،
هزارين هجن نعمتون جت مدام،
مگر سو اپاڳو هجي جي غلام،
اتي ڪنهن به دل ۾ چا هوندو صبر،
اتي ڪِين ڪيئن نيڻ هوندا ڪڪر.
(زندگي 1947: 20_21)

...

رهي روز ڦرندو ٿو بيروزگار
نه ٿس حال پائي، نه ڪو مددگار
اٿس اجلتا پڻ صداقت، فهم،
صبح جو وجي ويهي چوسول ۾
ڏسي شام جو ڪِين ڪڇ جهول ۾!
سدا بک اندر سو پيو پاهه ٿئي،
سندس ناس سڀ ڪجهه فخر جاهه ٿئي!
اگر جي نه هوندو سو صابر اپار
ته چا خودڪشيءَ لئه نه ٿيندو تيار؟
(زندگي 1947: 24)

....

هتي هاڻ پر ۾ ٿو هاري رهي،
سجو ڏينهن ڪم ۾ پيو ٿو ڳهي،
اٿس هڪ ٻني ۾ منجهس جهوپڙي،
ڪٽنب پڻ وڏو ته به رهن ٿا مڙي،
ڪڏهن تنهن ستارو به روشن هيو
مگر هاڻ قسمت ۾ ٿس ڦير پيو.
جڏهن پوک ۽ ان جي اچي ڦوهه ۾
اچي ٿا پون مڪڙ تنهن روح ۾
اگر ٻوڙ يا سوڪ سانده ٿين،
پڌايو اهي ڪيئن نه ماندا رهن؟
(زندگي 1947: 25_26)

هن ئي ڪتاب ۾ ساڳي ئي بحر ۾ گهاڙيتي ۾ هو هڪ نئون تجربو بہ ڪٽي آيو آهي.
هن آڪاٽيءَ ۾ قصي جي اسٽائيل ۾، "نرمل نينهن" جي عنوان هيٺ پارنهن هَنسن جي واتان پارنهن آڪاٽيون بيان ڪرايون آهن. جن ۾ پارنهن مختلف ڪٿائون، واقعا، منظر ۽ تجربا پيش ڪيا ويا آهن. منظر نگاري ۽ بيان ۾ تسلسل قائم رکڻ ۾ هن کي جيڪو ڪمال حاصل آهي، تنهن کي سمجهڻو هجي تہ نظمن جو هيءُ سلسلو پڙهجي: "هماليہ جي هڪ هئي سندر ماٿري، جتي نهر پئي جهلڪ مان چِت ڪريا" هُو اتان شروع ڪري ٿو ۽ ڪجهہ منظر بيان ڪري، لکي ٿو:

جڏهن پهريان رُت جا ها گلڙا ڪڙيا، اچي هنس سانگي سان تِت ڪي مِڙيا
سندرتا جا سيپ ها نرالا بيان، منجهانئن مِڙيئي ها ڳيرو جوان،
تجربو پريتيءَ جو سڀ کي هئو وندر لاءِ هڪڙي شروع هيئن ڪيو... (زندگي 1947: 34)

پوءِ هو ان اندر هر هنس جي ڳالهہ جو هڪڙو نئون عنوان ٿو قائم ڪري، ۽ ان واتان قصو ٿو بيان ڪرائي. هن جو پهريون عنوان "ڪپر لڳ" آهي، ۽ ٻيو عنوان آهي، "ساٿيهہ"! هو ان حصي ۾، پنهنجي اندر جي ڳالهہ بہ ڪٽي ٿو اچي، ۽ علامتي انداز ۾ وطن جي غلاميءَ خلاف ويڙهہ جو پيغام نهايت حسناڪيءَ سان بيان ڪري ٿو وڃي. هڪ رومانوي قسم جي شعر ۾ اهڙو نُڪتو پيدا ڪرڻ هر لحاظ کان قابل داد آهي. هن بند جو آخري شعر تہ سدا امر رهڻ وارو آهي:

ڪيو قوم هڪ کي ڪنهن حاڪم غلام،
غلامن ۾ هڪڙو هو جگري جوان،
سندس دل سگهي درد هيءُ نا .سهي،
ويو محل حاڪم اندر سو پهي،
خنجر هوس هٿ ۾ اکين ۾ خمار
وٺي وير ان کان ڪري جيئن قرار.
مگر ڪنهن سپاهيءَ جي ويو ور چڙهي،
وڃي قيد، سارو وڃي ٿو ٺريا
وديسي نٺو جو هنبائي جوان،
وطن جي ڪفن لئہ وٺي پڻ انجاما
جتي حُب وطن جي رهي ٿي مدام
اهو ديس هرگز نہ رهندو غلاما
(زندگي 1947: 35-36)

هڪ شاعر ۽ اجا بہ هڪ ترقي پسند شاعر جي طور تي نرمل جي دريافت ايتري تہ سپاويڪ آهي. جو ان دور جي شاعريءَ ۾ هن جي مقام کي نظرانداز ڪرڻ ناممڪن بڻجي تو وڃي. ڇاڪاڻ تہ ٻين ترقي پسند شاعرن جي پيٽ ۾ هو پنهنجي ڳالهہ بلڪل مختلف انداز ۾ ٿو چوي ۽ ڪنهن بہ نعري بازيءَ کان پاڻ کي بچائيندو ٿو رهي. هن جو نظم "سيني لاءِ" دراصل هڪ اهڙو نظم آهي. جيڪو ترقي پسند شاعريءَ جو محبوب موضوع آهي. هيءَ ڪائنات ۽ ان جون حسناڪيون. هيءَ فطرت ۽ ان جون نعمتون. هي سماج ۽ ان جون آسائشون. "سيني لاءِ"!

نديءَ تيز لهرن اندر هيئن چيو:

"سندم جل نہ ڪنهن خاص لئہ آ رهيو
پياسن سيني لئي سدا پئي وهان.
تڏهن پڻ وڃي پنهنجو پيارو لهان!"
ستارن اندر هيءَ چرپر هئي:
"جهلڪ آ اسان جي سين لئہ رهي.
اگر ڪو بہ وچڙيل مسافر هجي.
لڳائڻ سنئين دڳ اسان کي سجهي!"
صبح جو مٺي هير مرڪي چيو:
"رڳو آ نہ هارين سان سنگ مون ڪيو
مگر هر ڪنهين تي رهان مان فدا.
هجي مير، عالم يا جاهل، گدا"
ڪڏهن تو بہ دل سان ڪئي ڪا صدا؟
(زندگي 48:1947)

نرمل جي دور تائين نئين ڪنڊ جو سماج عالمي برادريءَ جو متحرڪ حصو بڻجي چڪو هو. دنيا ۾ ٿيندڙ هر قسم جي سياسي، سائنسي، علمي ۽ ادبي چرپر هتان جي ماڻهن جي زندگيءَ، سوچن ۽ سرگرمين کي متاثر ڪرڻ لڳي هئي. ان ڳالهہ جو احساس نرمل کي بہ شدت سان هو ۽ هو ان "پل پل ايندڙ انقلاب" کي ڇهن ئي حواسن سان محسوس ڪري رهيو هو.

جڳ اندر پل پل اچي پيو انقلاب.
دل اندر دم دم وڃي نيارو رباب.
ڊيري قدرت پئي ڪري مونکي خطاب.
آءُ هجان! ڇا لئي هجان؟ ۽ ڇو هَجان! (امر لات, 34:1942)

دنيا ۾ اٿندڙ انقلابن، بغاوتن ۽ پنهنجي خطي ۾ سجاڳيءَ جي لهر هن جوان ڳالهه ۾ پورو ايمان پيدا ڪري ورتو هو تہ هاڻ اها غلامي ڏکهي ٽي نٿي سگهي. هاڻ اها رات پڇاڙيءَ کي پهچڻ واري آهي، جنهن غلاميءَ هند سنڌ جي ماڻهن جون صورتون ميرانجهيون ڪري ڇڏيون هيون. پلي تہ سياسي طرح هو ڪانگريس سان واڳيل هو پر هن جي شاعري ڪٿي بہ مذهبي تنگ نظريءَ جو پرچار نٿي ڪري، هو هر ترقي پسند شاعر وانگر پنهنجن ويچارن ۾ چٽو آهي تہ رنگ نسل، ملڪ ۽ مذهب ڪا معنيٰ نٿا رکن، "انسان" ۽ "انسان جي عظمت" ئي باقي رهڻ واري شيءِ آهي، ڇو تہ دنيا ڇهل ۽ اوندهہ کي ٽڙڻ لاءِ نڪري چڪي آهي ۽ "علم جو سورج" آڪاس ۾ اڀري چڪو آهي.

هاڻ ڪنهن کي ڪو بہ نا رکندو غلام،
ملڪ، مذهب کي ڪندو نا ڪو سلام،
سڀ هتي رهندا سچا انسان ٿي،
ٿيندو محڪم هن دنيا جو انتظام!

علم جو سورج ڪڙيو آڪاس ۾،
ڪين دلچسپي ڪو وٺندو خاص ۾،
هو ڪندو روشن مِڙن جو ئي مندر،
ڪِين ويندو ڪو رهي هت آس ۾!

فرق ٿيندا دور هڪڙي پلڪ ۾،
فيصلا ٿي ويندا سڀ خوش خلق ۾،
جهلڪ ۾ بکندي پئي ساري دنيا،
خلق جو گذران ٿيندو فلق ۾!

دور ٿي دنيا! خوديءَ ۽ غرض کان،
هن غلاميءَ جي ندوري مرض کان،
توڙ پڃري کي، پکي آزاد ٿي،
چو پيو ناحق نٿائين فرض کان!

(امر لات، 1942: 7)

نرمل جي صاف سٿري ٻولي، موضوع تي گرفت ۽ پيشڪش جي اثرائتي ڍنگ سندس شعر جي حسناڪيءَ کي وڌاءُ ڇڏيو آهي، ۽ ان سبب ئي کيس پنهنجي دور جي تمام وڏن ۽ ناليوارن همعصرن سان بہ پيٽيو ويو. خاص طور بيوس، جيڪو جديد سنڌي شعر جو صورت گر آهي، ان جون ڪئين خوبيون نرمل جي شعر بہ اختيار ڪيون. غور سان ڏٺو وڃي

تہ ڪشنچند ”بيوس“ جيان نرمل جي شعر ۾ بہ ساڳي سولي ۽ سلوڻي ٻولي، ساڳيو سادو سودو انداز ۽ ساڳي شعري بيهڪ ۽ لفظي جڙاءُ هئڻ سان گڏوگڏ نج عوامي ٻولي پڻ ملي ٿي. نرمل بہ ”بيوس“ وانگر ڪيترن ئي انوکن موضوعن کي نهايت سولي انداز ۾ بيان ڪيو ۽ خوش اسلوبيءَ سان نباهيو ۽ سادي ٻوليءَ سان سينگاريو آهي.“ (آزاد،2008: 90)

انفراديت ۽ الڳاءُ نرمل جي شخصيت ۽ سڀاءَ سان گڏ هن جي تخليق جو بہ خاص گڻ آهي. هو عام کان هٽي، جدا ٿي، پنهنجي انفرادي سڃاڻپ پيدا ڪرڻ جو قائل آهي، ۽ ان لاءِ هن وٽ ”ڪنول“ جو گل خاص استعاري جو درجو رکي ٿو. پنهنجي اڪيلي ناول ”بينا“ جي پهرئين ئي صفحي تي، هن منچر جو چٽ چٽيندي، لکيو آهي:

”هِتي هُتي ڍنڍ جي سطح تي پکڙيل ٻيڻ جي پنن جي وچ مان، ڪنول جا گل پنهنجا ڪمل نيڻ کڻي جڻ چئي رهيا آهن تہ اسين نرليپ آهيون- دنيا ۾ رهندي بہ دنيا کان دور آهيون!“ (نرمل، ...: 17)

اها ئي ڳالهہ هن پنهنجي هڪ انتهائي دلڪش نظم ۾ پڻ ورجائي آهي:

ڏس! ڪنول جو گل ڪڙيو آ آب ۾،
آهہ هر دم آب جي سيلاب ۾،
تہ بہ رهي پنهنجي نياري خواب ۾،
تون بہ دنيا ۾ رهہ- دنيا کان دور رهہ!

ڏس! اجهو جڳ تي ڪڙي ٿو آفتاب،
دور کان پلٽي رهيو هو آهہ تاب،
ساري قدرت آهہ ٻڌجي پئي شفاف،
تون بہ دنيا ۾ رهہ- دنيا کان دور رهہ!

رات جو تارا جڏهن تمڪڻ لڳن،
دور جڳ کان هو جڏهن سرڪڻ لڳن،
راهہ وارن جون دليون مرڪڻ لڳن،
تون بہ دنيا ۾ رهہ- دنيا کان دور رهہ!

(امر لات، 1942: 31_32)

نرمل هڪڙو نرم دل ۽ روحاني طرز فڪر جي شعر ۾ پاڻ کي وڌيڪ سهنجو سمجهندڙ شاعر هو جيڪو زندگي ۽ فطرت جي رازن ۽ رمزن جي پرده ڪشائيءَ ۾ عبادت جي حد تائين محو ۽ غلطان ٿي رهيو پر پيرومل جڳتياڻيءَ جي سنڀال ۽ روبي، ۽ ”ڪانگريس پوَن“ حيدرآباد ۾ ڪاڪي اتمچند جي ڪچهرين ۽ بزرگانہ شفقت منجهس

ديش ڀڳتي ۽ آزاديءَ جي خواهش پيدا ڪئي، ۽ ان خواهش کيس سياسي معاملن طرف ڌڪيو. انهن ڏينهن ۾ آزاد ديش جي لاءِ ٿيندڙ ٻين سرگرمين سان گڏ هندستاني جهنڊي جي سلامي بہ وڏي اهم سياسي سرگرمي هوندي هئي. جنهن کي خاص طور ڪانگريس اپنايو هو ۽ انگريز عملدار ان تي شديد ردعمل جو اظهار ڪندا هئا. نرمل ٻئي پيرا جيل جهنڊي کي سلامي ڏيڻ واري سرگرميءَ سبب گرفتار ٿيو ۽ بقول لوڪومل درياهي سنگهہ ڪيسواڻيءَ جي تہ "ٻئي دفعي واريءَ ٽيپ سندس سندر سرير کي ڪا ڳجهي جهڙپ ڏيئي ڇڏي. قيدخاني مان آزاد ٿيڻ کان جلد ئي پوءِ کيس تپ چڙهيو جنهن کيس بستري داخل ڪيو ۽ جسم جهوري وڌو. هو بستري مان وري نہ اٿيو. اگرچہ هن جي پريمين هر طرح جا حيلا هلايا." (ڪيسواڻي، 1946: 100)

مون ڏي گهڙي نهاري، ڏولي ۾ چڙهہ سمهاري،
پاٺهين پرين اٺاري، لاڙيندا ڪنهن ڪناري
اچ! اچ! او "ور"! اسان کي، تنهنجي تہ سار آهي!
او موت! منهنجي دل ۾ تو لئي پيار آهي!
(نرمل، 1946: 107)

هو 21 سيپٽمبر 1920ع تي پيدا ٿيو ۽ 21 جنوري 1944ع تي لاڏاڻو ڪيائين. اهي سوا 23 سال هن جي زندگيءَ جا ئي نہ، نئين ڪنڌ جي سمورن ماڻهن جي زندگيءَ جا بہ اڻ وسرندڙ سال آهن. حقيقت ۾ خود ترقي پسند تحريڪ فڪري ۽ عملي طرح انهن ئي سالن ۾ اسري، نسري ۽ ارتقا جا ڏاڪا طئي ڪري، اڳتي وڌي آهي. هن جڏهن شعر لکڻ شروع ڪيو آهي تہ ترقي پسند فڪر نئين ڪنڌ جي سياست ۽ ادب ٻنهي کي پوريءَ ريت گهيري ۾ آڻي چڪو آهي. سندس پهريون مجموعو "سرڳ ڏانهن پنڌ عرف منهنجو موت"، ٻيو شعري مجموعو "امر لات" 1942 ۾ منظر عام تي آيو ٻيو ڪتاب "نرمل لات" 1944 ۾، جڏهن تہ ٽيون ڪتاب "زندگي" 1947ع ۾ ڇپيو. ورهاڱي کان پوءِ هند مان هن جو ناول "بينا" ڇپيو تہ ان اندر ئي ابتدا ۾ جيل دوران سندس لکيل نظم "چاند ڪوي"، "آغاز ڪر" ۽ "آخري پساهہ" بہ شامل ڪيا ويا. جيتوڻيڪ ڪتاب جي پبلشر نوٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ هن جو اڻ ڇپيل شعري مجموعو "بندڻ ۾" (جيل ۾ لکيل شعر) هن ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جو اڳ ڇپيل نہ هو. پر "بندڻ ۾" عنوان هيٺ هن جو ڪو بہ نظم هن ڪتاب ۾ موجود نہ آهي، نہ ٻئي هنڌ. البت اهو ئي عنوان ناول "بينا" جو هڪ باب ضرور آهي، ۽ اهو نثر ۾ ئي آهي. بهرحال سمورا مختصر شعري مجموعا هن جي شعر جي نرم لهجي، سلوڻي انداز ۽ نرالي فني سٽاءَ جا ڪيترا ئي حسين ۽ بي مثل نمونا پيش ڪن ٿا. جنهن جي آڌار تي هن کي پنهنجي دور جي شاعرن ۾ هر لحاظ کان ذڪر جوڳي حيثيت ملڻ گهرجي. پر بدقسمتي اها آهي تہ سنڌ توڙي

هند جي نوانوي سيڪڙو ادبي تاريخن ۽ شاعريءَ جي چونڊ مجموعن ۾ نرمل ڪٿي به موجود نه آهي!

ڪيئن نه قدرت ڪم پئي پنهنجو ڪري،
جيئن ڪنير پنهنجي متيءَ کي ٿو گهري،
پنهنجي سپنن جي ڏئي ان کي شڪل،
تيئن هي قدرت جو چڪر پيو ٿو ڦري! (امر لات، 1942: 28)

## حوالا


1. جيوتاڻي نرمل، 1942: امر لات، پارت جيون ساهتيه منڊل، حيدرآباد سنڌ
2. اجواڻي لعل سنگهه 2007: سنڌي ادب جي تاريخ (سنڌيڪار: هيرو شيوڪاڻي)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد
3. آسناڻي، اداسي، 1947: شرڌا جا ڦول (زندگي)، نرمل جيوتاڻي، جيون ڪلا خاص پرچو حيدرآباد سنڌ
4. قاضي آزاد، 2008: نرمل جيوتاڻي، گلشن شعر جي هڪ مرجهايل مکڙي(مضمون)، تماهي مهراڻ (جولاءِ-سيپٽمبر)، ڄام شورو
5. جيوتاڻي نرمل، ...19: بينا، نرمل پبليڪيشن سوسائٽي بمبئي، (ڇپائيءَ جو سال ڪتاب ۾ لکيل نه آهي)
6. ڄڳتياڻي، هيرو.ڪي، ...19: نرمل جيوتاڻيءَ جو جيون چرتر، (مهاڳ) "بينا" نرمل يادگار پستڪ، نرمل پبليڪيشن سوسائٽي بمبئي.
7. ڪيسواڻي، درياهي سنگهه لوڪومل ۽ ڪملا لوڪومل، 1946: سنڌي شعر جي ڪسوٽي، غلام محمد شاهواڻي هيڊ ماسٽر نورمحمد هاءِ اسڪول، حيدرآباد
8. جيوتاڻي، نرمل، 1946: او موت (نظم)، سنڌي شعر جي ڪسوٽي (ڪتاب)، غلام محمد شاهواڻي هيڊ ماسٽر نورمحمد هاءِ اسڪول، حيدرآباد

نور محمد شاهہ

# زندگي ۽ عمل جو وحدت وارو عالمي نصب العين شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ جديد سنڌي ادب

## UNIFIED UNIVERSAL IDEOLOGY OF MAN'S LIFE AND CHARACTER WITH REFERENCE TO SHAH ABDUL LATIF BHITTAI AND MODERN SINDHI LITERATURE

**Noor Muhammad Shah**
Lecturer,
Department of Sindhi UoS.

**ABSTRACT**

Basic theme of the poetry of Shah Abdul Latif Bhittai is that the purpose of Man's Life and Character is to get the divine love of Creator by making smart character. All the characters of his poetry are on the highest moral state and are blessed with divine love.

Sensation of divine love is a universal experience of man's history and has no religious, cultural or time boundaries. All the religions, poetry and literature of all the nations have one thing common that all they preach for morality and divine love.

Tragedy of modern world is that it has lost the internal unified classical way of life and is marching on external ground without the insight of life and its destination. Sensation of divine love can not be achieved by man's knowledge and wisdom but by the purification of heart and sincere thrust of divine love. Tragedy of the modern Sindhi Literature in search of divine love is its self wisdom which is water proof barrier to the purification of heart and sensation of divine love.

زندگي انساني وجود جي اُن مقصد جو نالو آهي، جنهن مقصد لاءِ فرد جيئي ۽ عمل ڪري ٿو. گهر، اولاد ۽ مال متاع جيئڻ جو مقصد نہ آهي، جيئڻ جو مقصد مالڪ جو پيار حاصل ڪرڻ آهي، جيڪو فڪر ۽ عمل جي اخلاص سان حاصل ٿئي ٿو.

دنيا جي مال ۽ اسباب جو پيار انسان کي حرص هوس ۽ خودغرضيءَ ذريعي بديءَ جي طرف ڌڪي وٺي وڃي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ اندر ۾ مستقل بي آرامي رهي ٿي ۽ ماڻهن

سان شر، فساد ۽ عداوتن سبب زندگي رسوا ٿي وڃي ٿي. حياتيءَ جي اهڙي بي معنيٰ ۽ حقير حالت تي غور ڪرڻ کان پوءِ انسان سمجهي وٺي ٿو ته دنيا جي مال ۽ اسباب سان پيار ڪرڻ ۽ اُن کي زندگيءَ جو مقصد بنائڻ، حقيقت ۾ زندگيءَ کي بي مقصد ۽ بي وقار بڻائڻ آهي.

زندگيءَ جي اعليٰ مقصد ۽ وقار جو هي سوال، انساني تاريخ جي هر دؤر ۾ تحقيق طلب رهيو آهي، پر دنيا جي هر قوم جي ادب، شاعري، مذهب ۽ فلسفي جي تاريخ هر دؤر ۾ هن سوال جو جواب، هڪ ئي صورت ۾ ورجايو آهي، رڳو تاويلن ۽ تشريحن جا اختلاف آهن، حاصل نتيجو سڀني وٽ هميشه هڪڙو ئي رهيو آهي. اُهو هڪڙو نتيجو جيڪو زندگيءَ جي مقصد ۽ وقار واري سوال جو جواب بڻجي ٿو سو آهي: "خالق جي پيار جي حاصلات."

دنيا جي سڀني قومن ۽ مذهبن منجهان سچا ۽ معتبر ماڻهو تاريخ جي هر دور ۾ الک جي زنده پيار جون شاهديون ۽ ثابتيون پيش ڪندا رهيا آهن. حقيقت جي هن مشاهدي ۾ منجهائن ڪنهن کي به ڪنهن سان اختلاف نه رهي. سڀئي اختلاف ظاهر دارين، رواجن ۽ رسمن منجهه هيٺ رهجي وڃن ٿا. هي سڀني حدبندين کان اوچو پيار بني نوع آدم کي هڪ عالم گير ڪلاسيڪل وحدت ۽ برادريءَ ۾ پوئي ڇڏي ٿو.

فرد، جڏهن خالق جي پيار کي زندگيءَ جو نصب العين بڻائي ٿو ته هو خلق جي خدمت کي الاهي پيار جي حاصلات جو ذريعو ڄاڻي، سادگي، اخلاص ۽ ايثار سان عمل جي راهه اختيار ڪري، نيڪيءَ جي طرف سفر شروع ڪري ٿو. جڏهن هو اخلاص جي اعليٰ درجي تي پهچي الاهي پيار حاصل ڪري ٿو ته کيس زندگيءَ جي سچي خوشيءَ سان گڏ دل جو دائمي اطمينان حاصل ٿئي ٿو. هو انساني تاريخ تي نظر ڪري ٿو ته کيس دنيا جي سڀني قومن جي ادب، شاعريءَ ۽ مذهبن منجهه اُهو الاهي پيار هڪ ئي زنده جاويد مسڪراهٽ ۾ مجسم نظر اچي ٿو. تنهنڪري هو ادبي ۽ مذهبي انتها پسندين کان آزاد ٿي، سڀني ۾ مشترڪ الاهي پيار جي سچائيءَ جو معترف بڻي ٿو. هي پيار خالق کي زندگيءَ سان ۽ زندگيءَ کي خالق سان ڳنڍي ٿو ساڳي وقت ماڻهن ۽ قومن کي- سندن ادب، فلسفي ۽ مذهبن کي پاڻ ۾ ڳنڍي ٿو. تنهنڪري هي پيار زندگيءَ جو بنياد، زندگي جو وقار ۽ زندگيءَ جو اعليٰ عالمي مقصد بڻجي ٿو.

اڄ جي دنيا جو بنيادي الميو هي آهي ته انساني زندگي بي نانءَ ٿي رهجي وئي آهي، جنهن سبب تمدن ۽ معيشت کي ئي زندگيءَ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. تنهنڪري انفرادي توڙي اجتماعي طور زندگيءَ جي عملي جدوجهد جو مقصد به فقط تمدن ۽ معيشت جي ترقي بڻجي رهجي ويو آهي. نتيجي ۾ فرد، قومن ۽ ملڪن جي حرص ۽ هوس جا پکي آسمان تي اُڏري رهيا آهن ۽ ڌرتي سڄي گولين ۽ بم ڌماڪن ۾ ڏڪي رهي آهي. دنيا ۾ محبت، امن، اتحاد ۽ ياڻيچاري جو نالو نه رهيو آهي، نفرت، فساد، انتشار ۽ زوال ڏاڍهن زور

آهي. هن حقيقت مان پڌرو ٿئي ٿو ته اڄ جي دنيا جو بنيادي مسئلو انساني زندگيءَ ۽ عمل جي مقصد جي شناخت ۽ اُن جي اعليٰ نصب العين جي تعين جو مسئلو آهي. جيڪڏهن دنيا جون سڀئي قومون، بني نوع آدم جي زندگي ۽ عمل جو اُهو عالمگير وحدت وارو فطري نصب العين متعين ڪن، جنهن جي فطري صداقت جي تصديق، هر قوم جي ادب، تاريخ جي هر دور ۾ پئي ڪئي آهي ته سڄي عالم جي ڌرتي انساني پيار ۽ پائيچاري جو مرڪز بڻجي پوي ۽ زندگي به وصل جو گيت ڳائيندي مالڪ جي هيڪڙائيءَ کي ڏسي ۽ اُن جو پيار ماڻي سگهي.

سنڌ وٽ انساني زندگيءَ ۽ عمل جو اُهو وحدت وارو عالمگير نصب العين شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪامل صورت ۾ موجود آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي سنڌ جي شاعرن جو سرتاج مڃيو ويجي ٿو. محققن جي متفق راءِ آهي ته شاهه صاحب دنيا جي چند وڏن شاعرن منجهان هڪ آهي. شاعر جي عظمت نه فقط ذات جي فطري سگهه تي آڌار رکي ٿي پر ذات وسيلي شاعر شعوري ارادي سان جيڪو حيات جو نصب العين متعين ڪري ٿو ۽ اُن لاءِ انساني سيرت جو جيڪو باڪمال نمونو وضع ڪري ٿو سو هڪ باڪمال عالمي ثقافت کي وجود ۾ آڻي ٿو جنهن سان شاعر جي عظمت بنا ڪنهن وقت ۽ جاگرافيائي قيد جي پوري روءِ زمين تي ڦهلجي ويجي ٿي.

شاعريءَ جو بنيادي مقصد انسان کي زندگيءَ ۽ عمل لاءِ رهنمائي ميسر ڪرڻ آهي، يعني هڪ ته اُها حيات جو نصب العين واضح ڪري ٿي ۽ ٻيو ته ماڻهن کي مقافات عمل جو فطري دڳ ڏيکاري ٿي. شاعري انسان جي روح کي اُجرو ڪريءِ اُن ۾ زندگيءَ جي مسرت پيدا ڪرڻ سان گڏ عمل جي سندرتا جو عشق جاڳائي ٿي. اِهو ئي سبب آهي جو شاعرن کي "تلا ميذالله" ۽ شاعريءَ کي "جزوايست از پيغمبري" چيو ويو آهي. شاعريءَ جي اهڙي ڪارج کي، فلپ سڊنيءَ جا هيٺ ڄاڻايل خيال وڌيڪ واضح ڪن ٿا:

> جيڪڏهن ٻيا سڀ فن انساني ذهن کي جسم جي گندگين کان مٿانهون ڪري ان قابل بنائين ٿا جو اُهو خدائي جوهر (Divine Essence) کي محسوس ڪري سگهي، ته شاعري اُهو ڪم سڀني کان بهتر نموني ڪري سگهي ٿي. ڪوبه علم صرف نيڪيءَ جو اطلاع فراهم ڪرڻ جو نالو ڪونهي بلڪ انسان جي ذهن کي اعليٰ سطح تي وٺي وڃڻ جو نالو آهي... سو شاعري انسان کي نيڪيءَ جي باري ۾ محض عام تصور نٿي ڏئي بلڪ نيڪي ۽ بديءَ کي مثالن ذريعي واضح به ڪري ٿي ته نيڪيءَ جو محرڪ به بڻجي ٿي. اُها صرف رستو نٿي ڏيکاري بلڪ بهتر رستو اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿي ڪري.(1)

شاعريءَ ۾ اُهو مثالي علم موجود آهي جيڪو بين علمن ۽ فنن ۾ ڪونہ هوندو آهي. شاعري تاريخ ۽ فسلسفي جي مقابلي ۾ عمل لاءِ وڏيڪ وڌو محرڪ ٿيندي آهي. شاعريءَ کان وڌيڪ بيو ڪهڙو علم ڪارائتو ٿيندو جيڪو انسان کي خوبين ۽ نيڪين جو درس ڏئي ۽ ترغيب ڏئي.(2)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي شاعريءَ وسيلي ٽيهہ سُر تخليق ڪيا آهن. جن ۾ انساني زندگيءَ ۽ عمل جي حُسن کي نمايان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. هرهڪ سر پنهنجي حسن ۽ ڪمال ۾ اهڙيءَ طرح مڪمل آهي جو منجهس زندگي ۽ عمل جي بنيادي رهنمائي مڪمل طور موجود آهي. شاهہ صاحب جي پيغام جو جسم تہ واحد آهي، پر اُن جو لباس مختلف رنگن ۾ ٽيهن جوڙن ۾ تيار ڪيو اٿس. جسم جي هڪ رنگت تي، ٽيهن رنگن جو ڪنٽراس، هڪ حسن جون ٽيهہ تجليون نروار ڪري ٿو. جنهن جي هرهڪ جلوي جو حُسن هڪ ئي وقت منفرد بہ آهي تہ واحد ۽ مڪمل بہ آهي. بيءَ طرح ائين بہ چئي سگهجي تہ شاهہ سائين پنهنجي سرندي جي وحدت واري هڪ ئي اندروني سڳي منجهان ٽيهہ مختلف سُر تخليق ڪيا آهن. جن جا آلاپ تہ مختلف آهن، پر سيئي آلاپ مختلف ڪيفيتن ۾ ساڳي راحت روح کي ڏين ٿا. ڇو تہ هيءَ سِر ۽ سُر جي وحدت آهي.

زندگي ۽ عمل جو سوال بنيادي طور انسان جي تهذيب جو سوال آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جي تهذيب جو نمائنده شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ وسيلي مهذب ڪردار تشڪيل ڏنا آهن، جيڪي سنڌ جي تهذيب جي نمائندگي ڪن ٿا. شاهہ صاحب زندگي ۽ عمل بابت ڪنهن فلسفيءَ يا ناصح وانگر ويهي نظريا گهڙڻ يا حڪم ۽ نصيحتون نافذ ڪرڻ جو ڪم نہ ڪيو آهي، پر هُن ڪردارن وسيلي حقيقي صورت ۾ زندگيءَ جي اعليٰ آدرش ۽ عمل کي فطري صورت ۾ گڏ ڏيکاريو آهي. شاهہ صاحب انساني زندگيءَ جو جيڪو عالمي نصب العين متعين ڪيو آهي، تنهن کي خاص طور پنهنجي سورمين جي زندگي ۽ عمل وسيلي عملي نوعيت ۾ پيش ڪيو اٿس. پر جيئن تہ شاعر پنهنجي پيغام کي شاعريءَ جي علامتي نظام وسيلي پيش ڪن ٿا، تنهنڪري عام طور سندن مقصد کي سمجهڻ محال ٿئي ٿو. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ تحقيق ۽ تشريح وسيلي شاهہ صاحب جي سورمين جي زندگي ۽ عمل جي حسن کي نروار ڪجي تہ جيئن سنڌ جي شاهہ جو پيغام عالم ۾ نروار ٿئي ۽ سموري انسان ذات لاءِ شاهہ جي سورمين جي زندگي ۽ عمل آدرشي صورت اختيار ڪري سگهي.

جديد سنڌ جي وڏي شاعر شيخ اياز جو چوڻ آهي تہ: "ڀٽائي جي شاعريءَ سان ناتو نباهڻ ئي منهنجي شاعريءَ کي بقا بخشي سگهي ٿو".(3) هن راءِ مان واضح ٿئي ٿو تہ ڀٽائيءَ

جي شاعريءَ کي هڪ بنيادي ۽ مستقل حيثيت حاصل آهي. يعني شاهه جيڪو حياتيءَ جو نصب العين قائم ڪيو آهي ۽ عمل جو جيڪو سليقو سيکاريو آهي، سو نهايت شاندار ۽ ڪمال وارو آهي.

سنڌ ۾ انگريزن جي آخري دؤر کان وٺي ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين جيڪو عرصو گذريو آهي، تنهن کي سنڌي ادب جو جديد دؤر سڏجي ٿو. جديد سنڌي ادب پنهنجي اساسي ادبي روايت کان سواءِ سڄي دنيا جي ادبي رجحانن جا اثر قبول ڪيا. ستر سالن جي عرصي تي مشتمل هن دؤر ۾ اسان کي ڪشنچند بيوس، مخدوم طالب المولىٰ، شيخ اياز استاد بخاري، امداد حسيني ۽ حسن درس کان سواءِ ڪيترائي بيا اهم شاعر ۽ اعليٰ نثر نگار ملن ٿا، جن جي شاعري ۽ فڪر ۾ روايت ۽ جدت فطري طور موجود آهي. پر جڏهن هڪ دؤر جي لحاظ کان ڏسجي ٿو ته جديد سنڌي ادب جو پنهنجي دؤر تي جيڪو معروضي اثر نمايان طور نظر اچي ٿو تنهن مان پڌرو ٿئي ٿو ته هن دؤر جي ادب جو اساس قومپرستي ۽ سياست آهي. يعني قديم سنڌي شاعريءَ جي اُها اساسي روايت جنهن جو سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي، جنهن جو بنياد عشق ۽ خدمت جو عمل آهي، سا هن دؤر ۾ شاهه جي رسالي تائين محدود رهجي وئي آهي. قومپرست ادب جي اساسي روايت مان جيڪو روايتي شعر ۽ نثر وڏي تعداد ۾ (نوانوي سيڪڙو) اسريو ۽ ڦَهليو آهي، سو پنهنجي مزاج ذريعي ثابت ڪري رهيو آهي ته اُن جو تخليقي مُحرڪ فقط شهرت ۽ ذاتي مفاد ئي رهيو آهي. ٻئي طرف سنڌ جي اساسي شاعريءَ سان لاڳاپيل روايتي دؤر جي تاريخ کي ڏسجي ٿو ته اُن جي حيات جي مقصد ۽ خدمت جي عمل سان گهري وابستگي نظر اچي ٿي، جو ته ذميواري ۽ فرض ادائگي اُن جو بي بدل محرڪ رهيو آهي، جنهن کي زمانو بدلائي نه سگهيو آهي.

سوال ٿو پيدا ٿئي ته ائين آخر ڇو آهي ته هڪ طرف جديد سنڌي ادب جي دعوا آهي ته هن پنهنجي ماضيءَ سان تعلق نه ٽوڙيو آهي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کي ماضي ۽ حال جي شاعرن جو سرتاج مڃيو وڃي ٿو ٻئي طرف اُن جي بنياد ۽ روايت ۾ زوال موجود آهي؟! لانجائينس (Longinus) ادب جي اهڙي زوال واري حالت بابت مرض جي تشخيص مختصر لفظن ۾ نهايت جامع صورت ۾ ڪئي آهي، چوي ٿو:

> ادب جو زوال اديبن جي اخلاقي پستيءَ سبب ٿيندو آهي، ڇو جو اظهار جي عظمت روح جي عظمت مان پيدا ٿيندي آهي ۽ اديبن جي اخلاقي زوال سان روحاني زوال ٿيڻ ڪري، ادب ۾ زوال لازمي آهي. تخيل جي پستي ۽ عاميانه خيال سان نه پر پاڪيزه فڪر ۽ بلند خياليءَ سان عظيم ادب تخليق ٿيندو آهي.(3)

هيءَ حقيقت سوال ٿي پيدا ڪري ته آخر سبب ڪهڙو آهي جو ڪو ماڻهو پاڻ کي اديب به سڏائي ٿو ۽ خود اخلاقي پستيءَ جو شڪار رهي ٿو! يا ڪو سڏائجي ته ادبي ترقيءَ جو دؤر ٿو پر آهي ادبي پستيءَ جو شڪار!

جيستائين اديب جي انفرادي شخصيت جي ڳالهه آهي ته جيئن فارسيءَ ۾ چوندا آهن:

هر ڪه سرمي تراشد, قلندر نه باشد

(مٿو ڪوڙائڻ سان ڪير به قلندر ڪونه ٿو ٿي پوي)(4)

ساڳي طرح، ڪير به ڪتابن لکڻ سان اديب بڻجي نٿو سگهي. اديب بڻجڻ لاءِ اُها بصيرت گهرجي جنهن سان زندگيءَ جي فاني حقيقت جو مشاهدو ممڪن ٿئي، ۽ عشق ۽ عمل جي سراط مستقيم روشن ٿي سگهي. ان ڳالهه ۾ قدرت جي ڪا حڪمت آهي جو ڪتاب لکندڙ سؤ ماڻهن منجهان زندگيءَ جي بصيرت جي سُهائي ڪنهن هڪڙي کي ئي عطا ٿئي ٿي، جنهن جو تعلق عاجزيءَ سان رهي ٿو باقي نوانوي سيڪڙو جو وصل ته پنهنجي ذات جي وڏائيءَ سان ٿئي ٿو اُهي ڪتابن تي ڪتاب لکي، پاڻ کي وڏي ڪان وڏو ڪرڻ جي چڪر ۾ سڄي حياتي سرگرم رهن ٿا. هو پاڻ کي ادبي اسڪالر سڏائي علم ادب جا سمونڊ سوجهڻ جي نالي ۾ ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري، ڪنارن تان ڪوڏ ڪٽي، ماهر ۽ محقق بڻجن ٿا. سڀ عهدا رتبا هٿ ڪري، حرص سان مال متاع ميڙي فاني ذات کي ڦونڊارڻ ۾ حد ڪري ڇڏين ٿا. جيترو هو ٻاهران ڦونڊارجن ٿا تيترو اندر ۾ پستيءَ جو شڪار ٿين ٿا. هيءَ لقاءُ خاص طور اُنهن جو آهي جن جو تعلق قومپرست ادب جي روايت سان آهي، ڇو ته عشق ۽ خدمت واري سنڌ جي اساسي ادبي روايت سان سندن تعلق ٽٽو پيو آهي.

ڪنهن دؤر جي اجتماعي اخلاقي پستيءَ تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اديبن جي روح مان جڏهن عشق جو شعلو وسامي ويجي ٿو ته سندن قول ۽ فعل تي اونده ڇائنجي ويجي ٿي. جديد سنڌي ادب جي دؤر جي روح کي ڏسجي ٿو ته اُتي به عشق جو شعلو اُجهاڻل نظر اچي ٿو تنهنڪري اُن جي بنياد ۽ روايت ۾ اونده آهي. اِها اونده شاهد ٿي ٿئي ته سنڌ جي اساسي شاعريءَ جي عشق جي امانت جيڪا ڀٽائيءَ وٽ شمع جي صورت ۾ موجود آهي، تنهن کي جديد سنڌي ادب اڳتي آڻي نه سگهيو آهي_ پر هُن رڳو بيتن جو بار ڍويو آهي، تنهنڪري هن دؤر وٽ ڀٽائي به آهي، اياز به آهي پر زندگي ۽ عمل نه آهي.

جديد سنڌي ادب جو الميو زندگي ۽ عمل جو الميو آهي. هن دؤر جي معمارن منجهان ڪيترائي اڃا حال حيات آهن، ڪانئن سوال پڇي سگهجي ٿو ته وٽن زندگيءَ جو نصب العين ڇا آهي؟ ڇا کائڻ، پيئڻ ۽ خوشحال قوم جي حيثيت ۾ جيئڻ ئي بذات خود زندگيءَ جو نصب العين آهي؟ يا زندگي اُن عشق جو نالو آهي جيڪو ڀٽائيءَ جي اکين ۾

هو؛ اڄ جي هن سائنس ۽ تحقيق واري دؤر ۾ جيستائين ڪنهن دؤر جو ادب زندگيءَ جو نصب العين واضح نٿو ڪري ۽ نصب العين تي عمل جو پروگرام پڌرو نٿو ڪري، تيستائين اُن کي زندگيءَ جو ادب چئي نٿو سگهجي.

## حوالا


1. فهميده حسين، ڊاڪٽر- ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ، ڪراچي: نئون نياپو اڪيڊمي، ڇاپو پهريون 2002ع ص 59.
2. ايضاً، ص 58، 59.
3. شيخ اياز تقرير: ڀٽائيءَ جي شاعريءَ سان ناتو نڀائڻ ئي منهنجي شاعريءَ کي بقا بخشي سگهي ٿو. ڪتاب اگهيا ڀٽ سندا ۾ شامل. مرتب: خواجه نور افروز ڊاڪٽر. ڄام شورو، شاهه لطيف ريسرچ سيل، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي. ص 51.
4. فهميده حسين، ڊاڪٽر- ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ، ڪراچي: نئون نياپو اڪيڊمي، ڇاپو پهريون 2002ع ص 52.

شازيہ پتافي

# اياز گل: منفرد رومانوي شاعر

## AYAZ GUL: UNIQUE ROMANTIC POET

**Shazia Pitafi**
Lecturer
Department of Sindhi.
University of Sindh, Jamshoro

**ABSTRACT**

Ayaz Gul is the renowned and representative poet of Modern times. A number of books of his poetry are published. He has received numerous national and international awards for his outstanding works. Ayaz Gul is the poet of nature who depicts his feelings through the objects around and through human attitudes. He has used innovative metaphors and symbols in Sindhi poetry. The main subject of his poetry is romance. He gives new meanings and dimensions to romantic poetry and making it modern and new every time. He has depicted different stages of love in a very impressive and beautiful manner. Shortly, we can say that Ayaz Gul has been fully successful in maintaining his unique style and diction. This paper contains the unique features of his poetry.

اياز گل هن دؤر جو مقبول شاعر آهي، پاڻ ڇهين مارچ 1959ع تي سکر ۾ پيدا ٿيو سنڌي ادب ۽ بين الاقوامي تعلقات ۾ ماسترس جون ڊگريون حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪميشن جو امتحان پاس ڪري 1983ع ۾ عمرڪوٽ ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو. 90_1989ع ۾ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ سنڌي شعبو قائم ٿيو تہ ان ۾ پهريون ليڪچرار مقرر ٿيو جتي هاڻي اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تي فائز آهي. ان سان گڏ پاڻ سچل چيئر ـ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي ڊائريڪٽر جي، ايڊيشنل چارج بہ سنڀالي رهيو آهي. ان کان پهرين اياز گل سچل چيئر ۾ آنرري ريسرچ ايسوسيئيٽ بہ رهي چڪو آهي. سنڌس شاعريءَ جا ڪيترائي مجموعا ڇپيل آهن. "سوچون سُرها گل" (1978ع). "گل ۽ تارا" (1979ع). "پيلا گُل پلاند ۾" (1980ع). "ڏينهن ڏئي جا سپنا" (1984ع). "توين کهڙا ڇانورا" (1992ع). "ڏک جي نہ پڄاڻي آ" (1997ع) ۽ ويجهڙائي (2012ع) ۾ سنڌس هڪ پيو مجموعو "ميلي جي تنهائي" شايع ٿيو آهي. ان کانسواءِ پاڻ ڪيترن ئي ڪتابن جو

ايڊيٽر ۽ مرتب بہ رهيو آهي. اياز گل سچل چيئر جي ريسرچ جرنل "آشڪار" جو بہ ڪيترائي سال ايڊيٽر رهيو آهي. هاڻي شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي جي ريسرچ جرنل "پناٿي" جو ڪو ايڊيٽر آهي. اياز گل کي پڙهندڙن جي محبت ۽ ميتا کانسواءِ ڪيترن ئي ادارن طرفان بہ ايوارڊ، گولڊ ميڊل ۽ شيلڊون ڏنيون ويون آهن. ڪين اڪيڊمي آف ليٽرس طرفان "شاهہ لطيف ايوارڊ"، "سنڌي لينگئيج اٿارٽي ايوارڊ"، "انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ايوارڊ"، انڊيا جي اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان "سنڌ ـ اديب ايوارڊ"، فيڊريشن آف سنڌي پنچائت انڊيا طرفان "سنڌو ـ رتن ايوارڊ"، سگا طرفان "گولڊ ميڊل"، پاڪستان ٽيليويزن طرفان "بهترين شاعر جو ايوارڊ"، سچل يادگار ڪميٽيءَ طرفان "سچل سرمست ايوارڊ"، سنڌي ادبي سنگت طرفان "استاد بخاري سنگت ايوارڊ"، "ينگ رائٽرس گِلڊ ايوارڊ" ۽ ٻيا ڪيترائي ايوارڊ ملي چڪا آهن، جيڪي هند ۽ سنڌ ۾ سندس مقبوليت ۽ شاعريءَ جي عظمت کي ظاهر ڪن ٿا.

اياز گل جو جديد شاعريءَ ۾ اهم مقام آهي. سندس شاعري اڄ جي دؤر جي شاعري آهي، پنهنجي اندروني پهلوءَ يعني معنيٰ ۽ مقصد ۾ بہ، تہ وري ظاهري پهلو يعني لفظن، ٻوليءَ، تشبيهن ۽ استعارن ۾ بہ. ڪيس آسپاس جي عام شين کي انسان جي ڪيفيت سان ڀيٽ ڏيڻ جو ڏانءُ خوب اچي ٿو.

دوستا! نہ ٿيءُ آزارن وانگي،
دُشمن جي هٿيارن وانگي.

پڙهي ڪري اُڇلايو ويو هان،
ڪالهوڪين اخبارن وانگي.

دنيا پي بيزار ڪيو آ،
ٿي ـ ويءُ جي اشتهارن وانگي.

قسمت ساڻُ اچين ٿي تون پي،
عيدن ۽ تهوارن وانگي.

ڏيان طلب سان پريو پيو هان،
سنڌيءَ جي اخبارن وانگي.

(ڏينهن ڏٺي جا سپنا، ص ـ 23)

مٿئين غزل جي هر شِعرَ ۾ اياز گل پنهنجي ماحول مان علامتون کڻي، انهن ذريعي پنهنجي اندر جي ڪيفيت کي سمجهايو آهي. دشمن جي هٿيارن جو ڪم بربادي ڪرڻ

آهي، تڪليف ڏيڻ آهي. اخبار جي زندگي هڪ ڏينهن جي هوندي آهي، پڙهجي وڃڻ ڪانپوءِ اها بلڪل بيڪار ٿي ويندي آهي، اهو دنيا جي بي قدري ۽ بي رُخي جي شڪايت جو اثرائتو اظهار آهي. ڪمرشل ازم جو دؤر آهي، هر شئي کي ايڊورٽائز ڪيو وڃي ٿو. ڪاسميٽڪ ۽ عام واهپي جي شين کان وٺي، اسپتالن ۽ تعليمي ادارن جا به اشتهار ڏيئي ماڻهن کي متوجه ڪيو وڃي ٿو ان ڪري اليڪٽرانڪ ميڊيا هجي يا پرنٽ ميڊيا. هر جڳهه اشتهارن جي يرمار آهي، ڪوئي پروگرام ڏسڻ ويهجي ٿو ته جيڪڏهن ان ۾ به منٽ پروگرام هلي ٿو ته پنج منٽ اشتهارن جو وقفو ضرور هوندو آهي، جيڪا صورتحال انسان کي بيزار به ڪندي آهي. اياز گل ان بيزاريءَ کي دنيا جي بيزاريءَ سان ڀيٽ ڏني آهي، جتي ٻن منٽن جو خوشين جو پروگرام آهي ته پنج منٽ ڏکن جي اشتهارن جو وقفو! سنڌ ۾ تمام گهڻا مسئلا ۽ مشڪلاتون آهن، ان ڪري سنڌيءَ جون اخبارون انهن ڏانهن حڪومت جو ڌيان ڇڪائڻ جي ڪوشش ۾ هونديون آهن، ساڳي حالت شاعرَ اُنَ انسان جي ٻڌائي ٿو جيڪو بي رُخي ۽ بيوسيءَ جي ڪري توجهه جو مستحق آهي. هي تشبيهون اهڙيون آهن جيڪي اياز گل کان پهرين سنڌيءَ شاعريءَ ۾ نظر نه ٿيون اچن. ڊاڪٽر تنوير عباسي "پنهنجي دؤر جي شاعري" ڪندڙن ۾ اياز گل کي اڳرو سمجهي ٿو:

"اياز گل انهن شاعرن ۾ سڀن کان اڳرو آهي، جن "پنهنجي دؤر" جي شاعري ڪئي آهي. هونءَ ته هر دور جا شاعرَ پنهنجي دؤر جا شاعر هوندا آهن، پر جيئن مون مٿي لکيو آهي ته سنڌي شاعريءَ ۾ تبديليءَ جي رفتار اڳي سُست هئي ۽ هاڻي ڪجهه تيز ٿي آهي. اياز گل وٽ اچي، سنڌي شاعري اڳتي قدم وڌائيندي نظر ٿي اچي. اسان واريءَ ٿهيءَ کان اڳتي هن وٽ اهڙا خيالَ، اهڙا منظرَ ۽ اهڙا جذبا ملن ٿا، جيڪي اڳ ۾ شاعريءَ خاص ڪري غزل ۾ نه هئا." (1997ع، ص_ 12 مهاڳ)

اياز گل سنڌي شاعريءَ ۾ نواڻ آندي آهي، سندس اسلوب مختلف آهي؛ جديد شاعري ڇاکي چئي سگهجي ٿو ان لاءِ ڪهڙو معيار آهي؟ ناميار اسڪالر ڊاڪٽر فهميده حسين هڪ انٽرويو ۾ ان جي وضاحت ڪندي چيو آهي:

"هر نئون نسل جديد هوندو آهي، پر هر نسل جي شاعري جديد ڪانه هوندي آهي، عام تاثر اهو آهي ته جنهن به نئين نسل، نئين ٿهيءَ جي ڳالهه ڪئي اهو جديد آهي، پر ائين ناهي. جيڪو به شاعر نئين تحريڪ، نئين شعور، نئين ادب، نون قدرن جي ڳالهه ڪري ان کي جديد چئي سگهجي ٿو ۽ اها ڳالهه هر دؤر جي اهڙن شاعرن لاءِ هڪجهڙي چئي سگهجي ٿي." (2004، ص_ 325)

ڊاڪٽر سحر امداد مطابق، پنهنجي شاعريءَ ۾ نواڻ آڻڻ ۽ ڪجهه نئون اظهارڻ لاءِ جديد شاعرن کي هيٺين ڳالهين تي ڌيان ڏيڻو پيو:

(i) نئين ٻوليءِ (Diction) تلاشڻ ۽ تراشڻ پيئي.

(ii) بيان جو نئون انداز اختيار ڪرڻو پيو.

(iii) نون ۽ اڇهين موضوعن جي چونڊ ڪرڻي پيئي.

(iv) شاعرن کي تجربي جو جوکم کڻڻو پيو.

(v) پنهنجي شاندار ماضيءَ جي "زنده روايتن" سان جُڙڻو پيو.

(2008ع, ص – 350_349)

رومانيت (Romance) اياز گل جي شاعريءَ جو اهم موضوع آهي. چيو ويندو آهي ته محبت ڪانسواءِ شاعريءَ جو سرجڻ ممڪن ئي ڪونهي. عشق ۽ ان سان وابسته مختلف ڪيفيتون شاعريءَ جو موضوع رهيون آهن. پيار انتظار فراق, وصال, وفا, بي وفائي, محبوب جا نازَ ۽ اندازَ حسن جي ڪشش ۽ عشق جي تڙپ, اهي سڀ شاعريءَ جا ايترائي پُراڻا موضوع رهيا آهن, جيتري پاڻ شاعري! ـ هر شاعر پنهنجي تجربي, مشاهدي ۽ مطالعي جي آڌار تي انهن جو اظهار ڪيو آهي. اهو شاعر پڙهندڙ کي وڌيڪ متاثر ڪرڻ ۾ ڪامياب ويجي ٿو جيڪو پنهنجي پيشڪش يعني انداز بيان ۾ ٻين کان منفرد ۽ مختلف آهي. اياز گل جي شاعريءَ جي خوبي به سندس انفراديت ئي آهي, محبت جهڙو پُراڻو موضوع جڏهن اياز گل جي لفظن ۾ پڙهجي ٿو ته, بلڪل نئون محسوس ٿئي ٿو جيئن:

شخص هُو نرالو آ
جُون ۾ جُهڙالو آ

ڇوڪري ته ناهي هوءَ
شاه جو رسالو آ

(ڏينهن ڏٺي جا سپنا, ص ـ 34)

محبوب جي سونهن کي بيان ڪرڻ لاءِ شاعرن ڪيترين ئي تشبيهون ۽ استعارا استعمال ڪيا آهن, اياز گُلَ, شاه جي رسالي جو استعارو استعمال ڪري ان ۾ عجيب سحر پيدا ڪيو آهي. شاه جو رسالو جيڪو حسن ۽ جمال جو شاهڪار به آهي ته, وفا ۽ جانثاريءَ جا به ان ۾ لازوال داستان موجود آهن. ساڳئي وقت سنڌ, خاص ڪري اُتر سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهوءَ لاءِ جون ۾ جُهڙالو هجڻ به خوشي ۽ سُرور جو باعث آهي, ڇاڪاڻ ته جون ۾ اتي سخت گرمي ٿيندي آهي, ساڳي ئي جون مهيني کي هيٺئين غزل جي تشبيه ۾ مختلف معنيٰ ڏنل آهي:

ڪنهن ٻالڪ جي اندرَ وانگي,
ماڻهو آ هُو مندرَ وانگي.

پيارُ اسانجو شيشِي وانگر
ماٺهو ماٺهو پٿرَ وانگي.

سانئڻ! اڄڪلهہ ڇو ٿي وئي آن،
جُون ۾ پرندڙ سڪرَ وانگي.
(دک جي نہ پڄاڻي آ، ص ـ 59)

ڊاڪٽر تنوير عباسي اياز گل کي رومانوي شاعر ۽ سندس شاعريءَ کي انقلابي رومانوي شاعري قرار ڏئي ٿو:

"اياز گل، بنيادي طرح رومانوي شاعر آهي. هن جو رومان، نِجو رومان نہ، پر انقلابي رومان آهي. (انقلابي معنيٰ تبديل ٿيندڙ) ـ اياز گلَ جي غزلن ۾ جيڪو رومانوي اظهار آهي، اهو بيوس، هري دلگير، نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز وارو نہ آهي، پر اهو ڪانئن مختلف ۽ اِڳتي وڌيل آهي. اِڳتي وڌيل ان ڪري جو جنهن دؤر ۾ اياز گل موجود آهي، جنهن ماحول ۾ هُو ساهہ کڻي ٿو اهو نہ فقط بيوس، دلگير، شيام ۽ شيخ اياز جي ماحول کان مختلف آهي، پر ان کان ڪافي اِڳتي نڪري آيو آهي ۽ اياز گل ان ماحول جي اُپٽار ان کي محسوس ڪري ڪئي آهي." (ص ـ 20، 1997ع)

اياز گل جي منفرد انقلابي رومان جا چند مثال هيٺ ڏجن ٿا، جن ۾ هُن ڪيترين ئي نيون علامتون استعمال ڪيون آهن:

گهڙي گهڙي گولي ٿي پاسي،
ويرِيَن جي ٽولي ٿي پاسي.

توين هيءَ حياتي قاتلَ،
اوڏڻ جي چولي ٿي پاسي.

هوءَ ڪڏهن پنهنجي ۽ ڪڏهين،
ڏاري ڪا بولي ٿي پاسي.

گهار حياتي پوءِ پُڇندوسانءِ!
توکي جي سولي ٿي پاسي.
(دک جي نہ پڄاڻي آ، ص ـ 67)

جدائيءَ دوران زندگيءَ کي "اوڏڻ جي قاتلَ چولي" ۽ محبوب جي سمجهہ ۾ نہ اچڻ واري طبيعت کي "ڏاري بوليءَ" سان ڀيٽ ڏيڻ يقيناً روايتي شاعريءَ واري رومان کان اِڳتي وڌيل نمونو آهي. خارجي حقيقتن ذريعي، داخلي ڪيفيتن جي اظهار جو ٻيو مثال ڏسو:

تنهنجي يادُن سواءِ ذهنُ پرينءَ!
ڪرفيوءَ ۾ بزار وانگي آ.

هر خوشي قرض ۾ ملي ٿي وڃي،
ماستر جي پگهار وانگي آ.
(تو بن ڪهڙا چانورا، ص ــ 33)

ڪرفيوءَ ۾ بازارون بلڪل ويران هونديون آهن. اياز گل صاحب پنهنجي پرينءَ جي يادن کي ذهن جي رونق سمجهي ٿو. ان کان سواءِ اُداسيءَ ڪري ڪيس ويراني محسوس ٿئي ٿي. ان مهانگائيءَ جي دؤر ۾ هيٺين وچولي طبقي (Lower Middle Class) سان تعلق رکندڙ ماستر سڄو مهينو قرض کڻي گُذارو ڪندو آهي. پگهار ملڻ تي اُهو قرض ئي لاهي سگهندو آهي. ڪنهن خوشيءَ مان چڱيءَ طرح لطف اندوز نہ ٿيڻ، ڇڻ تہ خوشين جو قرض ادا ڪرڻ جي برابر آهي.

اياز گل وٽ ڪٿي ڪٿي طنز بہ ملي ٿي. پر هُو طنز ۾ بہ مهذب ــ پڙهو نٿو ڇڏي. محبوب طرفان واعدا پورا نہ ڪرڻ جي شڪايت تہ تقريباً هر شاعر وٽ ملي ٿي. پر ان شڪايت جو منفرد انداز اياز وٽ ڏسو:

تو وٽ هاڻي جوين پيارا!
اعزازي مهمانَ جيان آ.

سانئڻ! تنهنجو هر هڪ واعدو
سرڪاري اعلانَ جيان آ.
(تو بن ڪهڙا چانورا، ص ــ 22)

اسان جي ملڪ جي هر سرڪار اعلانن ۾ ڪيترائي واعدا ڪندي آهي ۽ پوءِ سندن اصول هوندو آهي تہ "وہ وعدہ هي ڪيا، جو وفا هو جائي". مطلب تہ سرڪار جو اعلان، صرف اعلان ئي هوندو آهي، ان تي عمل نہ ڪيو ويندو آهي. اياز گل پنهنجي سانئڻ (محبوبہ) جي واعدا پورا نہ ڪرڻ جي شڪايت بہ ڪري ٿو تہ سرڪار تي طنز بہ!

اياز گل جي شاعريءَ جي ان منفرد انداز جي ڪري ئي، اسحاق سميجو صاحب کيس "پيڙ کان ٻاهر بيٺل شاعر" چوي ٿو. سندس شاعريءَ جي خوبين ۽ خامين جو ذڪر ڪندي اسحاق سميجو لکي ٿو:

"اياز گل سنڌي غزل کي ڪئين نَون موضوعن، نئين ڪيفيتن ۽ موسمن سان شناسائي ڪرائي آهي، توڙي جو ڪن فني ڪمزورين سبب ڪٿي ڪٿي هن جي شعر جو حسن داغدار بہ ٿيو آهي ۽ وزن جي ٽُٽڻ ڪري ان جي فطري رواني ۽ نغمگي بہ متاثر ٿي آهي،

پر اها انتهائي اهم ڳالهه نہ آهي ـ انتهائي اهم ڳالهه اها آهي، تہ هُو تمام وڏن شاعرن جي دؤر کان پوءِ جو شاعر آهي، پر پوءِ بہ هُن جو شعر گُم نہ ٿيو آهي، بلڪ انهن جي دؤر ۾ ئي هن پنهنجي الڳ ۽ نظر ايندڙ سُڃاڻپ حاصل ڪئي آهي. ان کان سواءِ، هُن وٽ ڏيکارڻ لاءِ فقط گُنل پِيِنلَ ۽ روايتي غزليہ شعرن جو ڍير نہ آهي، ڪجهہ نئون ۽ ڪجهہ نرالو بہ آهي. اهو "نئون ۽ پنهنجو" ئي دراصل ڪنهن بہ شاعر جي اصل ميراث ۽ ڪنهن ٻوليءَ کي ڏنل هن جي ڏين هوندي آهي ۽ فقط ان طريقي سان ئي ڪو شاعر پنهنجي ٻوليءَ جي حقيقي ۽ صحيح خدمت ڪري سگهندو آهي." (شاعريءَ سان دشمني 2005ع، ص 116)

اياز گل جي شاعِريءَ جي ہي خوبي، بي ساختگي آهي. هو ٺاهہ ٺوهہ ۽ اجائي لفاظيءَ کان ڪم نٿو وٺي، جذبن جو بي ساختہ اظهار ڪري ٿو جيڪو ڪٿي ڪا معصوم تمنا، تہ ڪٿي وري شڪايت جو دلربا انداز بڻجي وڃي ٿو:

پنهنجو ڪوئي ڏوهہ نہ آهي،
ڀوڳيون پيا ٿا آدمَ جي.

کهڙا حال پُڇين تو جاني!
روز ڏهين آ محرمَ جي.

(ڏينهن ڏني جا سپنا، ص — 47)

■

اسان ۾ دوستا! برابر گهٽيون بُرايون هِن،
ڪٿي چئون ٿا، اسان تي لٿا ڪتاب هئا.

هر امتحان ۾ ناپاس ئي رهيس ٿيندو
بدلجي سارا حياتيءَ جا ويا نصاب هئا.

(ڏينهن ڏني جا سپنا، ص ـ 62)

■

کهڙي نئين تمنا ڪرٽي؟
پهرين ئي اڻپوري آهي.

آدم جو اولاد تہ آهيان،
سيد ڪوءِ ضروري آهي؟

(تو بن ڪهڙا چانورا، ص ـ 84)

"اها سندس دؤر جي رومانوي شاعري آهي. اها مطالعي جي آڌار تي ڪيل شاعري نہ آهي، پر ڏِٺل وائٺلَ منظرن، جاتل سُڃاتل ڪردارن ۽ ٺاٺن ۽ ذاتي طور محسوس ڪيل

احساسن جي شاعري آهي. اهڙي شاعري ئي اعليٰ شاعري هوندي آهي، جيڪا دل مان اٿين لُٽي نڪرندي آهي، جيئن اوير جي اُفق مان صبح جي سج جا ڀهريان ڪِرڻا ڦُٽي نڪرندا آهن." (دُک جي نہ پُڇاڻي آ ـــ تنوير عباسي، ص 23، 1997ع)

اياز گل سنڌي شاعريءَ ۾ مروج تقريباً سڀني صنفن ۾ لکيو آهي ۽ انهن سان خوب نڀايو بہ آهي. گيت هجن يا غزل، بيت هجن يا وايون، نظم يا هائيڪا ۽ ترائيل، هُو سڀني ۾ منفرد رومانوي شاعر طور پڙهندڙ کي نظر اچي ٿو. آزاد نظم ۽ نثري نظم ۾ بہ سندس شاعريءَ جي رواني ۽ بي ساختگي برقرار آهي. ان سان گڏ انهن ۾ جذبن جي معصوميت ۽ اصليت ملي ٿي. مثال طور:

- چاڻ سچاڻ

دنيا وارؤ!
سڀ سمجهان ٿو
مون سان ڪيڏو پيار ڪيو ٿا!
ڏڱ تہ ڏيو ٿا، پر وڏ ڏيئي،
منهنجي خاطر
هَٿ کڻو ٿا، دعا پِنو ٿا،
جيئڻ بدران، روز مرڻ جي،
سڀ سمجهان ٿو!

(سوچون شرها گل، ص ـ 24)

- ڪُوڙ

ٻالپڻ کان ٿا
اِهو ٻڌندا اچون
ڪوئي جي ياد ڪري ٿو تہ
ٿئي ٿي هِڏڪي

پر اهو ڪُوڙ صفا ڪُوڙ
لڳي ٿو هاڻي
اٿين هجي ها تہ پوءِ
ٿُنهنجي هِڏڪي

بند ٿي ڪين ٿئي ها
سانئڻ!

(ڏينهن ڏٺي جا سپنا، ص – 69)

اياز گل جي شاعريءَ جي مٿئين مختصر جائزي کان پوءِ، اسان چئي سگهون ٿا تہ هو پنهنجو منفرد انداز قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. رومانيت سندس شاعريءَ جو اهم موضوع آهي. مجازي محبت جي مرحلن جي خوبصورت عڪاسي ڪئي اٿس. هو روايتي تشبيهون ۽ استعارا استعمال نٿو ڪري، پر پنهنجي آسپاس موجود شين جون علامتون کڻي، انهن ذريعي جذبن ۽ احساسن جو اظهار ڪري ٿو جنهن ڪي پڑهندڙ داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي.

## حوالا


1. اياز گل، 1978ع، "سوچون شرها گل"، سنڌ اشاعت گهر، سکرنڊ.
2. اياز گل، 1984ع، "ڏينهن ڏٺي جا سپنا"، سگنڌ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو.
3. اياز گل، 1992ع، "توبن ڪهڙا چانورا"، سگنڌ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو.
4. اياز گل، 1997ع، "دک جي نہ پڇاڻي آ"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
5. تنوير عباسي، ڊاڪٽر، (مهاڳ)، 1997ع، "دک جي نہ پڇاڻي آ"، اياز گل، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
6. فهميده حسين، ڊاڪٽر، (انٽرويو)، 2004ع، "سنڌ جي ڏاهپ کان سورنهن انٽرويو"، مرتب: همسفر گاڏهي، سارنگ پبلشنگ هائوس، ڪراچي.
7. سحر امداد، ڊاڪٽر، 2008ع، "شعور شاعر شاعري"، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.
8. سميجو اسحاق، 2005ع، "شاعريءَ سان دشمني"، نئون جنم پبليڪيشن، حيدرآباد.

نواب ڪاڪا

# سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار نگاري: تحقيقي اڀياس

# AN ANALYTICAL STUDY OF CHARACTERIZATION IN SINDHI SHORT STORY

**Nawab Kaka**
Lecturer, Department of Sindhi, UoS.

**ABSTRACT**

Short story is generally well accepted prose form of literature. Modern Sindhi short story has many qualities in its state of Art and thought. Basically short story explains an event, a situation, a thought, an emotion or any reality of life. Character is the main element of the short Story. Stories in which character has been depicted more clear, prominent and dominant are called character depicted stories, and the stories in which event, situation and emotions are more prominent are called event depicted stories. Those stories in which character with its merits and demerit plays main role have got more attention and acceptance in Sindhi literature. Some of the famous character depicted Sindhi stories are "Ado Abdul Rehman" written by Amar Lal, "Khilini" by Shaikh Ayaz, "Bhemio Thari" by Dr. Haromal Sada Rangani, "Mako Mast" by Aen Kaf Shaikh, "Pisho Pasha" by Jamal Abro, "Shedo Dharel" by Ghulam Rabani Agro, "Bilo Dada" by Ayaz Qadri etc. These are the famous character depicted stories in Sindhi Literature.

In this paper I have explained about the character depicted stories on the bases of the Definition of the character depicted stories of Sindhi Literature. Through this study we can understand that how the people with their natural psyche, individual abilities and personal trends lived a unique life, how they face difficulties, hardship and sufferings of life, how the resist against the evils with their own will and style.

ڪهاڻي جديد ادب ۾ عام مقبول ۽ اهم صنف جي حيثيت رکي ٿي. ڪهاڻي سماج جي مختلف واقعن، حادثن ۽ احساسن کان وٺندي زندگيءَ جي حقيقتن سان واسطو رکندڙ هر پهلوءَ تي لکي سگهجي ٿي. زندگي جي مختلف رنگن کي چٽڻ لاءِ جڏهن ڪهاڻيڪار

جي تخيل ۾ ڪا ڪهاڻي سرجڻ لڳي ٿي تہ هو لکڻ لاءِ هڪڙي رٿابندي ڪري ٿو. مختلف عناصر يا جز اهڙي انداز ۾ ترتيب ڏئي ٿو جو ڪڙو ڪڙي سان ملي، حقيقي زندگي جي احساسن جي هڪ پُراثر زنجير ٺهي ظاهر ٿئي ٿي.

ڪهاڻيءَ جي اهڙي ترتيب ۾ (رٿابندي) پلاٽ، ماحول، منظر نگاري، اسلوب، ٻولي ۽ ڪردار نگاري اهم حيثيت رکن ٿا. ڪردار نگاري ذريعي هونئن تہ سماج جي مختلف ڪردارن کي پيش ڪري، انهن جي زندگي جا نقش چٽيا ويا آهن پر ڪردار نگاري جي وصف جي اڀياس مان پتو پوي ٿو تہ هي هڪ الڳ ۽ نرالو فن آهي، جنهن جي ذريعي سماج جي منفرد ڪردارن کي پيش ڪري انهن جي سماجي حيثيت، نفسياتي لاڙن ۽ ٻين مختلف رخن کان جائزو وٺي سندن انفراديت کي پيش ڪيو ويو آهي/ پيش ڪري سگهجي ٿو. ان لاءِ ڪردار ۽ ڪردار نگاريءَ بابت مقرر وصفن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ سنڌي ڪهاڻي جو ان حوالي سان جائزو پيش ڪبو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جامع سنڌي لغات ۾ ڪردار جي معنيٰ هن طرح لکي آهي.

> *"ڪردار (ف) طرز روش، طورطريقو قاعدو شغل، ڪم ڌنڌو چال چلن، رويو اخلاق، ورتاءُ عادت، لڇڻ، افعال، خصلت." (1985 ص 2051)*

علامہ آءِ آءِ قاضي ڪردار بابت لکي ٿو: "ڪنهن شيءِ جو اهڙو اهڃاڻ يا علامت جيڪا ان شيءِ جي ڪنهن خاص حقيقت ڏانهن اشارو ڪري، جنهن مان ان جي سڃاڻپ، اصليت ۽ منهن مهانڊي وغيره جي خبر پوي، مطلب تہ اهڙو گڻ يا لڇڻ جنهن جي ڪري هڪ شيءِ ٻي شيءِ کان سڃاپجي يا الڳ ۽ ممتاز نظر اچي."

آڪسفورڊ ائڊوانسڊ لرنرس ڊڪشنري ۾ ڪردار بابت هن طرح وضاحت ٿيل آهي.

> All the qualities and features, that make a person group of people and places different from others. (Page 246, 2005)

ڪشاف تنقيدی اصطلاحات ۾ ڪردار بابت هي رايو آهي:

> ''کردار: کہانی کے واقعات جن افراد قصہ کو پیش آتے ہیں، انہیں اصطلاح میں کردار کہا جاتا ہے'' (ص 148، 1985)

فرد جون اهي منفرد خوبيون جيڪي سندس سڃاڻپ آهن، انهن کي ڪردار Character چئجي ٿو. ڪردارن جي ادب ۾ ڪهاڻي، ناول، ڊرامہ يا ڪنهن تحرير ۽ شعر ۾ پيشڪش واري فن کي ڪردار نگاري چيو ويو آهي. ڪردار نگاري Characterization لاءِ پڻ ادب ۾ مختلف وصفون مقرر ڪيو ويون آهن.

انسائيڪلو پيڊيا آف امريڪا ۾ هن طرح وضاحت ٿيل آهي.

> Characterization: "in literature is the presentation of the attitudes and the behavior of imaginary persons in order to make them credible to the authors, audience, Characterization is unique features of such fictional forms as the short story, novel, drama and narrative poetry" ( Page 291, 1985)

جڳديشن لچاڻي پنهنجي مقالي ڪردار نگاريءَ جي حوالي سان لکي ٿو تہ: سچيو يا جاندار ڪردار ئي ڪهاڻيءَ جي اهميت وڌائين ٿا. تخليق بعد ليکڪ انهن جي آزاد وهنوار ۾ دست اندازي نٿو ڪري، جيڪڏهن ليکڪ پنهنجا اصول انهن ڪردارن مٿان زوري مڙهيندو تہ اهي بي جان بڻجي پوندا. (ص37, 1996ع)

ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن کي پنهنجي فطري آزادي مطابق پيش ڪرڻ ئي ڪردار نگاريءَ جي خاص خوبي آهي. ڊاڪٽر غلام حسين پناڻ لکي ٿو: "ڪردارن جو عمل چاهي ٻرو هجي چاهي ڀلو پر اهو انساني فطرت مطابق هوندو آهي تہ جيئن انهيءَ جو اثر پڙهندڙن تي ٿي سگهي." (ص 68, 1982)

فطري حقيقتن سان گڏ ڪردار جي لاءِ حسن بياني تي بہ زور ڏنو ويو آهي.

ڪردار ۽ ڪردار نگاريءَ جي وصف مان اهو نتيجو نڪري ٿو تہ ڪنهن بہ فرد جي زندگيءَ جي اهڙن منفرد پهلوئن جو بيان ڪجي جيڪي خاص ان جو ئي ورثو آهن. ان پيشڪش ۾ سماجي حقيقت نگاري (Realism) هجڻ سان گڏ بيان جو خوبصورت انداز هجڻ ضروري آهي. جنهن مان سماج جي مختلف فردن جي زندگيءَ جا نرالا پهلو ظاهر ٿيندا. فڪري نظرياتي توڙي مذهبي هڪجهڙائي هوندي بہ هر انسان هڪ ٻئي کان مختلف آهي. زندگي جا طور طريقا، انداز رويو وغيره ۾ اختلاف آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي اهڙي منفرد پهلوئن جو مشاهدو ڪري ڪيترين ئي ڪرداري ڪهاڻيون تخليق ڪيون وينديون آهن.

سنڌي ڪهاڻيءَ جي ابتدا جي لاءِ شروعاتي محققن ڪن قصن ۽ آکاڻين کي افساني جو ابتدائي نمونو سڏيو پر جديد ڪهاڻي انهن قصن کان مختلف پنهنجا اصول رکي ٿي. سنڌيءَ ۾ سڀ کان پهرين جديد افساني لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لکي ٿو: "1914ع ۾ مرزا قليچ بيگ "شريف بيگم" پهريون ئي جديد افسانو لکيو". (ص 5, 1984) ·

هي افسانو هڪ سماجي اصلاحي پهلوئن کي ظاهر ڪري ٿو ڪردار نگاريءَ جون ڪي خوبيون منجهس جهلڪن ٿيون. محمد امين نالي ڪردار آهي جيڪو پنهنجي گذران لاءِ اخبار نويسيءَ جو ڪم ڪري ٿو. جنهن مان ڪيس ڪو بہ فائدو نٿو ٿئي. جنهن تي سندس

ڪهاڻي ۾ موضوع سان گڏ ڪردار نگاريءَ واريون خوبيون آهن. ڪڪيءَ جو تعارف آسانند مامتوراءِ هن طرح ڪرائي ٿو. "سندس نالو بہ ڪو ڪڪي ڪو نہ هو اجا يارهن ورهين جو پار هئي تہ مائٽن هن کي هڪ پنجويهہ ورهين جي برهمڻ سان پرڻائي ڇڏيو سرير جي بہ البت سوڪر هئي. ساهري گهر, انهي ڪري پهريات ۾ اجا هيڏڙي اڻ اسريل ڪڪي پئي لڳندي هئي ڪڪي نالو مٽس اجهو انهيءَ ڪري پيو."(ص 25, 1981)

ڪڪي جي ڪردار جا ڪي منفرد پهلو ليکڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ ظاهر ڪيا آهن. جن ۾ سندس من ۾ اٿندڙ جوانيءَ جي جذبن کي دٻائي ڪوشش ڪري ٿي تہ من ۾ مامتا وارو جذبو ڏاري ڪراڙي مڙس جي ضعيف حاليءَ ۾ سندس چاڪري ڪري جنهن ۾ نيٺ ڪامياب ٿئي ٿي.

1937ع ۾ عثمان علي انصاري جو پنجن ڪهاڻين تي مشتمل مجموعو "پنج" شايع ٿيو. جنهن ۾ سندس ڪهاڻي "ململ جو چولو" گهڻي مشهور ٿي بيون مقام, بخيل ۽ نيلوفر سلطانہ وغيره احساساتي آهن. بخيل ۾ ڪجهہ ڪرداري خوبيون آهن. يعقوب خان هوندي تہ وڏو زميندار هوندي بہ لالچي ۽ بخيل آهي پر ٻي بہ هن ۾ هڪ منفرد عادت آهي جو واٽ ويندي ڪا بہ شيءِ نظر ۾ ايندي اٿس تہ کڻي ويندو آهي, ائين ئي هڪ ڏينهن وڏيري ڏٺي بخش جي اوطاق اڳيان پٽ تي پيل پڳل پراڻو چاقو کنيائين. جنهن تان ڪيس ايترو ڳچيءَ پيس جو ڪورٽ تائين خوار خراب ٿيو.

1942ع گوبند پنجابيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو "سرد آهون" نئين دنيا ڪتاب گهر شڪارپور طرفان شايع هي ڪهاڻيون, ترقي پسند فڪر, سرمائيدارانہ نظام خلاف, ٻي عالمي جنگ ۽ غلامي ۽ طبقاتي سماجي نظام جي خلاف للڪار آهن. سماجي حقيقت نگاريءَ کي پيش ڪيو ويو آهي. ڪردار سماج جا پورهيت, نوجوان طبقاتي سماج خلاف جدوجهد ڪندڙ سرمائيدار ۽ جاگيردار آهن. ڪرداري خوبين وارو ڪو افسانو هن ۾ ناهي.

1944ع ۾ "ريگستاني ڦول" گوبند مالهي مرتب ڪري نئين دنيا ڪتاب گهر پاران شايع ڪرايو. هن ۾ مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون آهن. سماجي ۽ احساساتي ڪهاڻيون آهن. هن مجموعي ۾ جيوت نرياڻي جي مچن واري دادي منفرد ڪرداري ڪهاڻي آهي, دروپدي دادي نالي عورت جو ڪردار آهي فطرت جي برعڪس کيس مڇون آهن, جنهن ڪري اسڪول ۾ ٻار مٿس ٺوڪون ڪن ٿا, سندس شاديءَ ۾ بہ رڪاوٽ بڻيل آهن. ڪردار ڪيترين ئي پيڙائن ۽ ذلت جي احساسن کي کڻي جيئي ٿو. اهڙي طرح "پرهہ ڦٽي" مجموعو بہ 1945ع ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ مختلف ليکڪن جون ڪهاڻيون گڏ ڪري شايع ڪيون ويون.

1945ع ۾ رام پنجواڻي جي اڳواڻي ۾ ڪراچي ڪاليج ۾ بہ "سنڌي سرڪل" طرفان جاري ٿيندڙ لهرون رسالي ۾ بہ ڪهاڻيون شايع ٿينديون هيون. ان دؤر ۾ ڪهاڻي رسالو

پڻ نڪرندو هو جنهن ۾ ڊاڪٽر هر ومل سدا رنگاڻي جي بهترين ڪرداري ڪهاڻي پيمو ٽري شايع ٿي جنهن لاءِ منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو: "ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي جي پيموٽري جا ڪهاڻي رسالي ۾ ڇپي هئي. سا بہ هڪ دلڪش ڪردار نگاريءَ واري آکاڻي هئي." پيموٽري هڪ اهڙو ڪردار آهي جيڪو تمام ابوجهہ. سادو محنتي ۽ صفائي پسند آهي. ٻنهنجي منفرد عادتن سبب ڳوٺ ۾ مشهور آهي. (ص 64, 2007)

بهاري ڇابريا 1947ع ۾ "سنڌي ڪهاڻيون" نالو مجموعو شايع ڪرايو جنهن ۾ ليکو تلسياڻيءَ جي "منجري ڪولهڻ" چڱي ڪرداري ڪهاڻي آهي. منجري پنهنجي چاهيندڙ کي بچائڻ لاءِ ڪورٽ ۾سمورا الزام پاڻ تي کڻي ٿي. ڪردار جو منفرد پهلو کيس الڳ سڃاڻپ ڏئي ٿو.

1947ع ۾ شيخ اياز جي جاري ڪيل رسالي "اڳتي قدم" رسالي ۾ ڪلٽي ڪهاڻي شايع ٿي. جيڪا ڪردار نگاريءَ جو شاهڪار نمونو آهي. ايازڪلٽيءَ جو تعارف هن طرح ڪرايو آهي. "هن جي سادگيءَ ۾ چالاڪي هئي. چالاڪيءَ ۾ سادگي ڪنهن ٻار جيان نچندي ٽپندي ايندي ۽ پنيان اچي اکيون ٻوٽيندي. ڪڏهن اوچتو منهنجا وار ڊاهي چوندي ڏس ڪيئن ٿي پيو آهين. پوءِ آرسي کڻي هٿ ۾ رکندي." (ص 20, 1998)

هڪ اهڙي محبوب دوشيزه جي ڪهاڻي آهي. جيڪا آخر تائين ساڻس حجت هلائيندي رهي. نيٺ ان جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ٿا وڃن. منگهارام ملڪاڻي هن ڪهاڻيءَ جي باري ۾ لکي ٿو" هي هڪ نهايت نفيس سيرت نگاري جي آکاڻي هئي ۽ سنڌ ۾ نڪتل اصلوڪين آکاڻين مان آخري شاهڪار هئي. (ص 66, 2007ع)

ورهاڱي کان اڳ ترجمي ذريعي سنڌيءَ ۾ آيل ڪرداري ڪهاڻين ۾ ٽئگور جي ڪ`ا ى "ڪابولي والا" هڪ گهوڙي پناڻ جي زندگيءَ جي ڪهاڻي ۽ "گونگي ڪنوار" پنهنجي ڪردارن جي انفراديت سبب اهم ڪرداري ڪهاڻيون آهن.

ورهاڱي کان بعد هندستان ۾ بہ مختلف ڪرداري ڪهاڻيون شايع ٿيون. پروفيسر رام پنجواڻي جي مجموعي "انوکا آزمودا" ۾ شايع ٿيل ڪرداري ڪهاڻين جي حوالي سان جڳديش لڇاڻي لکي ٿو: "پروفيسر رام پنجواڻي جي "انوکا آزمودا" جي محمد گاڏيءَ وارو ۽ ٻروچ ڪهاڻين جو ذڪر ڪرڻ بہ انهيءَ حوالي ۾ لازمي آهي. اهي ٻئي ادبي لحاظ کان اعليٰ درجي جون ڪردار نگاريءَ واريون ڪلاتڪ ڪهاڻيون آهن." (ص 81, 1996ع)

1956ع ۾ لوڪنات جيتلي جي سهيڙيل مجموعي "وساريان نہ وسرن" ۾ ڦندڻ مل ۽ "لاري ڊرائيور" اهم ڪرداري ڪهاڻيون مڃيون ويون آهن.

سنڌ ۾ ورهاڱي بعد ڪيترين ئي ڪرداري ڪهاڻيون لکيون ويون جن ۾ واقعي کان وڌيڪ ڪردار پنهنجي انفرادي ۽ خاص خوبين سميت ڇانيل رهيو آهي. انهن ۾ اياز

قادري جون ڪهاڻيون "بلو دادا" ۽ "مان انسان آهيان"، جمال ابڙي جي "پشو پاشا" ۽"بدمعاش"، غلام رباني آگري جي "شيدو ڏاڙيل" خاص طور ڪرداري ڪهاڻين جي حوالي سان مشهور ٿيون. انهن کان علاوه اهم ڪرداري ڪهاڻين ۾ ع-ق شيخ جي ڪهاڻي "مڪو مست" بشير مورياڻيءَ جون "چهڙي" ۽ "پريم" جمال رند جي "مائٽ بچو" زيب پنهورءَ جي "سبو چريو"، امر جليل جي ڪهاڻي اروڙ جو مست ۽ عبدالرحمان ڏاڙيل پڻ اهم ڪرداري ڪهاڻيون آهن.

هنن ڪهاڻي ۾ ڪردار پنهنجي مخصوص فطري عادتن سبب عام ڪردارن کان جدا آهي. ڪهاڻيءَ ۾ پڻ ڪردار جي سيرت روبي، چرپر تي گهڻو زور آهي، سنڌي ڪهاڻيءَ جو ڪردار نگاريءَ جي اصولن مطابق تفصيلي اپياس ڪرڻ سان ڪيترائي ڪرداري افسانا سامهون ايندا. هي ڪهاڻيون پڙهڻ کان پوءِ ڪردار پنهنجي مڪمل صورت ۽ سيرت سان پڙهندڙ جي سامهون اچي بيهي ٿو. پڄاڻيءَ تي ته ڪردار احساس سان گڏ چانيل رهي ٿو.

## نتيجو

ڪردار نگاري ڪهاڻي، ناول ۽ ڊرامه جو اهم حصو آهي. زندگيءَ جا مختلف واقعا ڪردارن ذريعي پيش ڪيا وڃن ٿا. ان ترتيب ۾ بلا شڪ پين عناصرن جو پڻ اهم حصو آهي، پر ڪردار نگاري هڪ اهڙو خاص فن آهي جنهن ذريعي فرد جي داخلي توڙي خارجي ڪيفيتن ۾ فطري طور جيڪا نرالپ ڪيس حاصل آهي يا جيڪي خاص عادتون ۽ رويو سندس سڃاڻپ بڻيل آهن. انهن کي هن فن ذريعي ڪاميابيءَ سان ظاهر ڪيو ويو آهي.

ليکڪ جي فن جي جاچ سان گڏ پنهنجي آس پاس جي مشاهدي جي انتهائي گهرائي پڻ ظاهر ٿئي ٿي. اهڙيون ڪرداري ڪهاڻيون فردن جي انفرادي صلاحيتن کي به ظاهر ڪن ٿيون ته اجتماعيت ۾ انهن جي انفراديت ۽ الڳ سڃاڻپ کي به عام ڪيو ويو آهي. گڏو گڏ فردن جي :ندگي ۾ ايندڙ قدرتي آفتن، واقعن ۽ ٻين فطري سببن ڪري پيدا ٿيندڙ مصيبتن فردن کي ڪيئن منفرد ۽ اڪيلو بڻائي ڇڏيو آهي. اهڙي ترجماني پڻ ڪرداري ڪهاڻين ذريعي ممڪن ٿي سگهي آهي. باريڪ بينيءَ سان ڏٺو وڃي ته هر فرد صورت توڙي سيرت ۾ هڪ ٻئي کان منفرد به آهي. ائين ليکڪن ڪردارن جي زندگين جا منفرد رنگ ڏسي انهن جي ڪردارن جا عڪس چٽيا آهن. جنهن ڪري ڏٺو وڃي ٿو هر اهڙي ڪرداري ڪهاڻي جيڪا قدرتي طرح جيئن انسان پنهنجي ڪن خاص عادتن سبب هڪ ٻئي کان نرالو آهي. ان مطابق پيش ٿي آهي ته ان ڪهاڻيءَ پنهنجي دؤر ۾ توڙي اڄ تائين خاص اهميت حاصل ڪئي آهي. ڪرداري ڪهاڻيءَ ۾ مصنوعيت جي گنجائش ناهي. جتي جيتري مصنوعيت ايندي اتي اوترو نقص ظاهر ٿيندو.

# علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي بحيثيت پي.ايچ.ڊي نگران

## ALLAMA GHULAM MUSTAFA QASMI: AS A Ph.D SUPERVISOR

**Farah Baloch**
Research Scholar
Department of Sindhi, UoS.

**ABSTRACT**

Allama Ghulam Mustafa Qasmi was basically an academician and a scholar. In his lifetime visiting Professorship he guided a large No. of M.Phil/Ph.D candidates. He was friendly to all and man person felt a great solace in his company. This is also a reason that many scholars desred to work under his guidance.

Allama Qasmi has guided many scholars, teachers, literary figures, educationists, in various fields of knowledge i.e. Sindhi, Arabic, Urdu, Islamic Culture, History and Religion.

He was the first and only Ph.D guide who with his efficiency produced a great numbers of doctors and scholars.

He guided about a hundred candidates towards Ph.D and M.Phil in various fields like, Arabic Literature, Sindhi Literature, Science of Comparative religion, Sindhi Folk Literature, Sindhi Journalism, Siraiky Literature, History of Sindh and many subjects like religion, philosophy, sociology etc.

Many of his candidates became Ph.D and occupied prominent seats of learning at University, Colleges and at other prominent places.

Some of his most famous students are scholars as well.

هر ماڻهوءَ کي قدرت ڪا نہ ڪا ذات ضرور ڏيندي آهي ۽ علم ۽ عالم تيئن بہ هڪ ذات ۽ امانت آهي، جنهن کي صرف پاڻ تائين محدود رکڻ امانت ۾ خيانت آهي. ان ذات کي ٻين تائين پهچائڻ لاءِ هو امين آهي ۽ مٿس اهو لازم آهي تہ هو اهو سرمايو ٻين تائين ضرور پهچائي.([1]) علامہ قاسمي هڪ ادارو بلڪ هڪ يونيورسٽي هو. جنهن وٽان هر

[1]. ڪتاب, عالمن جو آفتاب, ترتيب: تاج جويو: سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم, سال 2002, ص: 334

شعبي جي شاگردن فيض پرايو. پائنجي تہ پاڻ علمي لحاظ کان يونيورسل پرسنلٽي جا مالڪ هئا. پاڻ نہ صرف هڪ بهترين دوست استاد هئا، انهن جي سمجهائڻ وارو طريقو اهڙو تہ نرم ۽ راحت ڏيندڙ هو. جو ائين پيو محسوس ٿيندو هو جڻ ٽتل واريءَ تي پنڌ ڪرڻ کان پوءِ جڻ ٿڌي ڇانوَ تي پير رکيا هجن.

پاڻ هڪ ئي وقت بي مثال عالم، اديب، مفڪر، محقق، مؤرخ، فقيہ، نقاد، صحافي، فلسفي، ماهر تعليم ۽ شفيق استاد هو. انهن بي مثال خوبين کان سواءِ پاڻ هڪ خوبصورت ۽ پياري شخصيت رکڻ وارو انسان هو. پر تنهن هوندي بہ هڪ استاد جي حوالي سان سندس خوبيون سڀني کان نمايان ۽ قابلِ فخر آهن. جنهن تي اسين سڀ جيترو بہ فخر ڪيون تہ گهٽ ٿيندو، جن پنهنجي وقت کي ڪڏهن بہ ضايع نہ ڪيو.

قاسمي صاحب ان ميويدار وڻ مثل آهن. جنهن مان هر انسان ميوو حاصل ڪيو ۽ علم جي اُڃ اُجهائي.[1] علامہ قاسمي لکي ٿو: "اسان جو پختو عزم آهي تہ سنڌي قوم ۾ گهٽ ۾ گهٽ کان گهٽ پي ايچ ڊي ڊاڪٽر پيدا ڪجن، تہ جيئن سنڌي قوم ۾ ديني، علمي ۽ ادبي جاڳرتا پيدا ٿئي." ان سلسلي ۾ قاسمي صاحب کي سنڌ جو حاتم طائي سڏجي تہ ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو.[2]

علامہ قاسمي سنڌ يونيورسٽيءَ جي مختلف شعبن ۾ پهرين اعزازي پروفيسر ۽ بعد ۾ وزيٽنگ پروفيسر ٿي رهيو. سندس رهنمائيءَ هيٺ ڪيترن علم ۽ ادب جي پانڌيئڙن سنڌي ادب، سنڌ جي تاريخ، ٻوليءَ، ثقافت، تاريخ، اسلام ۽ مذهب جي حوالي سان لاتعداد موضوعن تي سنڌي، اردو فارسي ۽ عربيءَ ۾ ايم فِل ۽ پي ايچ ڊي جون ڊگريون حاصل ڪيون. انهن ۾ نہ رڳو سنڌ پر پوري پاڪستان ۽ مسلم ملڪن جي شاگردن جو انگ بہ شامل آهي. جيڪي اڄ وڏن ۽ اعليٰ رتبن تي فائز آهن. جن جا نالا اڄ پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ عزت ۽ احترام سان کنيا ٿا وڃن. علامہ صاحب جي نگرانيءَ ۾ ايم فِل ۽ پي ايچ ڊي ڪندڙ شاگردن جو تعداد هڪ سؤ کن آهي.

پاڻ فرمائيندا هئا تہ: "مون وٽ جيڪي بہ ريسرچ ڪرڻ اچن ٿا، انهن لاءِ پي ايچ ڊي جي ڊگري کان وڌي سَندَ اِها آهي تہ اهي علامہ عبيدالله سنڌيؒ جي شاگرد جا شاگرد آهن. ۽ اهو پڻ چوندا هئا، تہ منهنجي وصال کانپوءِ مون تي ڪيتريون ئي ٿيسز لکبيون".

---

[1]. حوالو: ايضاً ص: 347

[2]. حوالو: ايضاً ص: 303

## علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جي نگراني هيٺ لکيل تحقيقي مقالن جو جائزو

**عنوان:** بيان العارفين

**محقق:** عبدالمجيد سنڌي، سال: 1973ع، ٻولي: سنڌي، صفحا: 734.

هن ٿيسز ۾ شاھ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي سوانح عمري حسب نسب ۽ سندن وڏن جي سنڌ ۾ اچڻ جو احوال، سندن شاعري جو تجزيو ملفوظات، مقولات ڏنل آهن.

**عنوان:** الفڪر الاجتماعي عند الشاه ولي الله الدهلوي

**محقق:** محمد مصطفا الريماوي، سال: 1975ع، ٻولي: عربي، صفحا: 308.

هن ٿيسز ۾ شاھ ولي اللهؒ جي سوانح، فلسفي، تصنيفات ۽ تجزين سان گڏ سندن دؤر جي سياست، مذهبي حالات ۽ بادشاهن جو تجزيو ڪيو ويو آهي. سماجيات، سياسيات ۽ عمرانيات جي ماهرن جي راين جي تناظرن ۾ شاھ ولي اللهؒ جي ارتفاقات بابت نظرين تي تحقيق ڪئي وئي آهي.

**عنوان:** حضرت مولانا سيد تاج محمود امروٽيؒ سندن علمي ۽ قومي خدمتون

**محقق:** سيد محمود شاہ بخاري، سال: 1977ع، ٻولي: سنڌي، صفحا: ، باب: 5.

هن ٿيسز ۾ مولانا امروٽيؒ جي سوانح حيات استادن شاگردن ۽ خليفن جو ذڪر ٿيل آهي. سندن درس و تدريس، شاعري ۽ وطن جي آزاديءَ جي تحريڪن ۾ سندن ڪردار تي روشني وڌل آهي.

**عنوان:** سنڌ جا اسلامي درسگاھ

**محقق:** محمد چمن ٽالپر، سال: 1978ع، ٻولي: سنڌي، صفحا: 690، باب: 8.

هن ٿيسز ۾ اسلام جي تاريخ، سنڌ ۾ اسلام جي آمد، عرب حڪومت جو قيام عربي ٻوليءَ جو سنڌي ٻوليءَ تي اثر ۽ سنڌ جي اسلامي دؤرن يعني سمن، سومرن، ارغونن، مغلن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دؤر ۾ اسلامي درسگاهن جو تجزيو پيش ڪيو ويو آهي.

**عنوان:** فلسفہ ابن خلدون الاجتماعيہ

